# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو









سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن SRSO

# چهه ماهي

# سرسو

جنوري 2012 ڪان جون 2012 تائين

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)

(القرآن)

## سرسو جي اندر....


- ايڊيٽر پاران ............ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ............ 3
- چيف آپريٽنگ آفيسر جو پيغام ............ 4
- وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه جو سرسو جي تنظيمي ميمبرن ڪي خطاب ............ محمد صديق ابڙو 5
- خوشحالي طرف ڪنيل هڪ وِڪَ ............ عرفان الله قُل 7
- غربت جو خاتمو ............ جميل سومرو 9
- زرعي سڪيا گهر ............ سليم چنه 12
- صاحبان جو سچ ............ نثار احمد پناڻ 14
- همٿ ۽ حوصلو ............ نصرت پروين گلال 15
- استحصال جي جَنڊَ ۾ پيسجندڙ سنڌ جي نياڻي ............ بخت ابڙو 16
- بزرگ دوستن جي ڪچهري ............ ڪاشف حسين صديقي 18
- عورت سورمي آهي ............ محمد صديق ابڙو 19
- جتي همت آ، اُتي منزل آ ............ ساجد حسين ابڙو 22
- ٻوٺاڻي سطح تي توانائي جي بحران جو بهترين حل ............ محمد عارف 24
- چِندل جو گهر ............ شاهد حسين ابڙو 26
- تصويري ڏيک ............ 27
- غريب زرعي سماج لاءِ نجات جو نسخو ....... نثار احمد پناڻ 31
- سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ ۽ سنڌ جي سجاٽپ هٽ جو هنر ثمينه برڪت علي 34
- سيده نفيسه شاهه جي ٻوٺاڻين عورتن سان ڪچهري شاهنواز منگي 39
- سوشل آرگنائيزر جي نصيحت ............ نثار پناڻ 41
- تنظيم سازي جا فائدا ............ ثاقب رضا 43
- مائڪرو ڊرپ سسٽم- بهتر آبپاشيءَ جا جديد طريقا............ خادم حسين 45
- زندگي جو لهندڙ سج ............ مومل بُليدي 55



ايڊيٽر:

**سيده نازيه شاهه**

اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ايڊيٽوريل بورڊ:

**نثار احمد پناڻ**

پروگرام مئنيجر NRM

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانه رياض علي**

سينيئر پروگرام مئنيجر G&D

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**زبير سومرو**

مئنيجر ايچ آر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ڊزائننگ لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ:

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.



رابطي لاءِ آفيس

**سرسو رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، ايئرپورٽ روڊ سکر. فون: 071-5633516

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هڪ نِجي ادارو آهي جيڪو سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اهم ترين مسئلن جهڙوڪ: غربت، بيروزگاري، بي هنري، ترقيءَ جي موقعن جي اڻاٺ، زراعت جي جديد ٽيڪنالاجي جو نہ واپرائڻ چوپائي مال جي مروج طريقن مان لاعلمي، جنسي مت ڀيد ۽ مختلف سماجي بيمارين جهڙوڪ: قبيلائي جهيڙن، غيرت جي نالي تي قتل وغيره سان مدِ مقابل ٿيندو رهيو آهي. سرسو جي هر وقت اها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سَونِ سالن کان مروج ۽ ترقيءَ جي راهہ کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جنءَ سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌُڙ کي لاهي صاف ڪجي ۽ انهن ئي ڳوناڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهن تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان راغب ڪجن. سرسو جي ٿورن سالن جي انهيءَ سفر ۾ اسان کي ڪوڙ ساريون ڪاميابيون پڻ مليون آهن ۽ وقت بہ وقت انهن ڪاميابين جو سلسلو وڃي پيو بهتر ۽ مضبوط ٿيندو.

چوندا آهن تہ تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهہ ۾ ٿورو واڌارو ڪندس تہ تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ تہ ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسطہ هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سَوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري بيٺل ناقص نظام سان هجي تہ پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي اڻ کُٽ محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي وڃن تہ پوءِ اهو سفر اجان بہ گهڻو اٽانگو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙن اٽانگن سفرن تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون بہ تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. اها ڳالهہ اسان لاءِ قابلِ فخر آهي تہ سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نہ صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. ان کان علاوه سرسو RSPN جو حصو آهي اهو نيٽ ورڪ پاڪستان اندر ٻهراڙين جي ترقيءَ جي حوالي سان تمام گهڻي شهرت رکي ٿو. جيئن تہ SRSO ۾ موجود ماهر ۽ تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري ڊاڪٽر سونو کنگهراڻيءَ جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تمام تيزي سان وڌي ۽ ويجهي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو وئي آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو ازم هوندو آهي تہ جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون تہ جيئن انهن ماڻهن جي همتن ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي اسان جا ٻيا ساٿي پڻ سرسو جي غربت خلاف جهاد واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نہ صرف پنهنجي ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارآمد فرد پڻ بڻجن.

اميد ڪيون ٿا تہ اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مڃتا ڏني آهي، ۽ اسان کي يقين آهي تہ سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي محنت ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

اوهان جي راين ۽ صلاحن جي منتظر

**سيده نازيہ شاهہ**

# پيغام

ڇا ٽين دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جي نصيبن ۾ صرف اهو ئي لکيل آهي ته هو غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل رهن، سندن ٻچن جا پيٽ سدائين مانيءَ کپي کان به وانجهيل رهن، سندن زمين جيڪا سونا سنگ اپائيندي آهي تنهن ۾ ايتري قوت ۽ سگهه به نه هجي جو ان سان سندس سيني تي رهندڙ مسڪين ماڻهو سال ڀر پنهنجو پيٽ آرام سان به نه پالي سگهن، سندن جانور سڪل، ڏٻرا ۽ ڪمزور هجن ۽ ان مان ملندڙ کير سندن ٻت کي ڪا آسودگي به بخشي نه سگهي، سندن ٻار اڌ اگهاڙا گهٽين ۾ رلندا وتن ۽ ان عمر ۾ تعليم جهڙي زيور سان آراسته ٿيڻ جي بجاءِ پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي پل ائين ئي وڃائي ڇڏين، سندن عورتون جن جا هٿ شاهڪار ڪاريگريءَ سان ليس آهن پر پوءِ به کين پنهنجي محنتن جو پورو اجورو به نه ملي، ويم دوران سندن عورتون تڙپي تڙپي يا ته مري وڃن يا وري ڪن اهڙن مسئلن ۾ اڙجي وڃن جن سان سندن باقي زندگي اجان به ڪن ڏکيائن جو شڪار ٿي وڃي...!!؟؟

ميجون ٿا ته اهي ملڪ جيڪي ترقيءَ جي راهن تي گامزن آهن تن کي ترقيءَ جي منزل تي پهچڻ لاءِ اجان گهڻو وقت لڳندو پر پوءِ ان جو مطلب اهو ته نه آهي ته غربت ۾ پيدا ٿيندڙ اهي ماڻهو پاڻمرادو پنهنجي قسمت جي تبديل ٿيڻ جو انتظار ڪندا رهن. تاريخ شاهد آهي ته جيڪي قومون ڪُرُ ڪٽي اٿيون تن قومن جي هر هڪ فرد پوءِ چاهي اهو پڪو هجي يا پوڙهو، جوان هجي يا ٻار، مرد هجي يا مائي يا وري ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ذميداري اهڙي ته احسن طريقي سان نڀائي جو ڏسندي ئي ڏسندي ڪجهه ئي سالن اندر انهن قومن پنهنجي تقدير پاڻ بدلائي ڇڏي. ڇا سنڌ ۽ سنڌ ڌرتي تي رهندڙ ماڻهن جي ٻانهن ۾ ايترو ٻَلُ ناهي جو هو غربت جي پهاڙ کي ريزا ريزا ڪري سگهن...!!؟؟ سرسو جو اهو ايمان آهي ته: "ها اسانجن ماڻهن ۾ ايتري سگهه، همت ۽ جرئت آهي جو جيڪڏهن هو هڪ دفعو پنهنجن پيرن تي بيهي رهيا ته پوءِ ڪاميابيون سندن پير چمنديون ۽ سندن ترقيءَ جي راهه ۾ آيل هر رڪاوٽ ائين دور ٿي ويندي جيئن پير سان رستي تي پيل ڪنهن پٿر کي هٽائي ڇڏبو آهي."

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ موجود ماڻهن، مردن، عورتن ۽ جوانن کي منظم ڪجي، انهن کي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪري ڏجي، ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهندڙ سببن کي ختم ڪرڻ لاءِ معاشي، ٽيڪنيڪي ۽ مستقل طور تي گڏجي هلڻ لاءِ سهڪار ڪجي، معاشي ۽ سماجي ماهرن جي سرپرستيءَ ۾ اهڙا گسَ ڪيجن جن تي هلندي سماجي ۽ معاشي مسئلن جون آهستي آهستي پاڙون پٽي سگهجن، صحت کان وٺي ننڍن قرضن ۽ ننڍن ڪاروبارن ڪرڻ جون سهولتون فراهم ڪجن ۽ مارڪيٽ سان بهتر ۽ مضبوط لاڳاپا قائم ڪجن، جنسي مت ڀيد ختم ڪجي ۽ قبيلائي نفرتون ۽ ويڇا ختم ڪري ماڻهن منجهه پيار، محبت ۽ گڏجي سڏجي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو ماحول پيدا ڪجي. اهي سمورا ڪم سرسو ڪجهه عرصي کان ڪري رهي آهي ۽ اها ڳالهه اسان ۽ سنڌ جي هر گهڻ گهري لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي ته اسان کي ان حوالي سان ڪافي ڪاميابيون پڻ مليون آهن. اميد آهي ته ايندڙ وقت ۾ اسان پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا سين ۽ سنڌ منجهان غربت کي ختم ڪرڻ جي جهاد ۾ ڪاميابي ماڻيندا سين. بس اسان کي ضرورت آهي اوهانجي دعائن جي ۽ ان ساٿ جي جيڪو اسان سنڌ جي ماڻهن کان چاهيون ٿا.

ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي
چيف ايگزيڪٽو آفيسر
سرسو سکر.

# پيغام

هڪ جو هٽي هٽ ڪٽي، ٻيو جو جهلي گهاءُ،
انهن سُرڪي ساءُ، اُهي ڄاڻن ٻه ڄڻا!.
"عبدالرحيم گرهوڙي"

پاڪستان جي تاريخ ۾ ملڪ جي سياسي ۽ عسڪري حڪومتن اندر ڪو به اهڙو معاشي نظام جڙي ناهي سگهيو، جنهن سان ملڪ جي مجموعي معاشي حالتن ۾ ڪا اهڙي بهتري آئي هجي جنهن سان ڏينهون ڏينهن وڌندڙ غربت جي پاڙن کي ڪو ڪاپاري ڌڪ لڳو هجي ۽ عام جي چهرن تي غربت جهڙي ٻيڙي بلا جا پاڇا هميشه لاءِ ٽريا هجن. اهڙي صورتحال مان پاڪستان جو لڳ ڀڳ هر صوبو ۽ هر ضلعو گذري رهيو آهي، پر سنڌ اندر حالتون اڃان به ڪجهه وڌيڪ بگڙيل آهن. ان سموري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومتِ سنڌ جي تعاون سان 2003 ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو بنياد وڌو ويو ته جيئن غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ تيزيءَ سان اهڙيون حڪمتِ عمليون جوڙيون وڃن جن تي عمل ڪندي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ماڻهن جي دَر دَر تي پهچجي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ غريب ماڻهن جي شموليت کي يقيني بڻائي، سندن ئي بي پناهه صلاحيتن کي استعمال ڪندي کين اهڙا موقعا ميسر ڪجن جن جي ذريعي هو پاڻ ئي گهڻ طرفا قدم کڻندي سماجي سائنس جي مڃيل اصولن پٽاندڙ غربت جو خاتمو ڪرڻ ۾ پس و پيش رهن.

گذريل نَون سالن جي عرصي ۾ سرسو خاص ڪري سنڌ جي اترين ضلعن ۾ غربت جي خاتمي ۽ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، نگر نگر ۽ واهڻ وستين ۾ خوشحاليءَ لاءِ جيڪي پيرڙا پاتا هئا تن محنتن جا نتيجا هاڻ سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ عالمي ادارن کان وٺي حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ جي گهڻ گهرن سان گڏ سنڌ جي بيوروڪريسي سان وابسطہ مخلص ماڻهن جي مسلسل جائزن ۽ رپورٽن سان اها ڳالهه عالمِ آشڪار ٿي وئي آهي ته سرسو خوشحاليءَ جا جيڪي ٻج غربت جي خاتمي لاءِ پوکيا هئا سي پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري چڪا آهن.

اها ته سفر جي شروعات آهي ۽ اسان جي دعا آهي ته ان سفر ۾ سرسو سنڌ اندر غربت جي خاتمي جا جيڪي خواب ڏٺا آهن تن کي ساڀيان جو روپ ڏيڻ لاءِ حڪومتِ سنڌ سميت عالمي ادارا سرسو جي معرفت هلندڙ غربت گهٽائڻ کان وٺي، ترقي وٺرائڻ، روزگار جا موقعا مهيا ڪري ڏيڻ، ننڍن ڪاروبارن کي هٿي ڏيارڻ، مال مويشي مان ڀرپور فائدو وٺڻ ۽ ٻني ٻاري مان سائنسي انداز سان اپت وڌائڻ جي طريقن کي سکڻ کان وٺي مردن ۽ خاص ڪري عورتن کي معاشي طور سگهارو ڪرڻ جهڙا پروگرام نه صرف جاري رکڻ ۾ پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪندا رهندا، پر وقت سر انهن سمورن پروگرامن جي وڌيڪ ڦهلاءَ کان وٺي غربت گهٽائڻ لاءِ انهن پروگرامن کي وڌيڪ قوت ۽ جلا بخشيندا. ان کان علاوه سرسو غريب ماڻهن کي غربت ۾ جڪڙڻ جهڙن سببن جي خاتمي لاءِ پڻ جاکوڙي رهي آهي ۽ ان حوالي سان غريب ماڻهن کي سستي صحت جي پاليسي سان گڏوگڏ ترقياتي گرانٽ، ننڍن قرضن ۽ بچت جهڙن جڳ مشهور، معياري ۽ ڪارآمد فارمولن تي پڻ ڪم ڪري آهي. مطلب ته سرسو سنڌ جي ٻهراڙين جي ماڻهن کي خودمختيار تي زندگي گذارڻ، خودداريءَ جي جذبي تحت پنهنجي همت سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ پنهنجي آمدني کي وڌائڻ جي حوالي سان پڻ ڏينهن رات نِتِ نون پروگرامن تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ اهڙن ڪمن جا نتيجا سرسو سان سلهاڙيل هر هڪ فرد ۽ Rural Development Sector سان وابسطہ هر هڪ ماڻهو لاءِ نه صرف تمام گهڻو حيران ڪندڙ آهن پر حوصلا وڌائيندڙ پڻ آهن.

**محمد هاشم لغاري**
چيف آپريٽنگ آفيسر
سرسو سکر.

# وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ جو سرسو جي تنظيمي ميمبرن کي خطاب



محمد صديق ابڙو
APO-HRD سکر

تاريخ 10 مئي 2012 تي سرسو ضلع سکر تعلقي روهڙي يونين ڪائونسل سنگرار جي ڳوٺ طالب حسين قلپوٽو ۾ سرسو طرفان غريب عورتن کي ننڍي ڪاروبار لاءِ قرض جا چيڪ ورهائڻ جي هڪ تقريب ٿي گذري. جنهن ۾ مکيہ مهمان وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ هُيو ۽ خاص مهمانن ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر، وزير اعليٰ سنڌ جو صلاحڪار پهلاج راءِ سرسو جو چيف آپريٽنگ آفيسر محمد هاشم لغاري، سينيئر مئنيجر سرسو عبدالحميد ٻلو، نثار احمد پناڻ ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر نسرين نوناري شامل هُئا. هن پروقار تقريب ۾ يونين ڪائونسل سنگرار جي مختلف ڳوٺن مان سرسو پاران تنظيمي سانچي ۾ سانديل مقامي تنظيمن جي ٽن هزارن کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي.

سنيپي لاءِ هي تقريب ان ڪري بہ منفرد هئي، جو هي هن علائقي جي عورتن جو سڀ کان وڏو ميڙاڪو هو. جنهن ۾نظم و ضبط نمايان هو. ميڙاڪي ۾ شامل عورتن ۾ گهڻو جوش جذبو نظر اچي رهيو هو. تقريب جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿيو. ان بعد مهمانن کي اسٽيج تي سڏي، کين سنڌ جي ثقافت کي قائم رکندي اجرڪ ۽ ٽوپيون پارايون ويون. ان بعد آيل مهمانن کي ڊسٽرڪٽ مئنيجر نسرين نوناري پليڪار ڪندي چيو تہ سرسو هن علائقي ۾ غربت جي خاتمي لاءِ عورتن کي منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. اڄ نهايت خوشي ٿي رهي آهي جو هن علائقي جون هزارين عورتون هتي گڏ ٿيون آهن ۽ جيڪڏهن اهوئي سجاڳي جو سفر جاري رهيو تہ انشاءالله اسين ڪامياب ضرور ٿينداسين. ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن اسان جون عورتون پنهنجي پيرن تي بيٺل هونديون. ان بعد سرسو جي چيف آپريٽنگ آفيسر محمد هاشم لغاري ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو تہ سرسو ادارو هن وقت سنڌ جي نون ضلعن ۾ انساني ترقي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي.





جنهن ۾ 3 ضلعن ۾ حڪومت سنڌ جو مالي سهڪار پڻ شامل آهي. ۽ غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي. ان جا ابترا تہ اثرائتا نتيجا سامهون آيا آهن جو هن وقت هرڳوٺ ۾ سجاڳي ۽ جاڳرتا پيدا ٿي چُڪي آهي. جيڪو هڪ مثبت پهلو آهي. سرسو مها ٻوڏ دوران ۽ ان کان بہ اڳ کان غريب ماڻهن جي وچ ۾ ويهي ڪم ڪيو آهي. ۽ اهو سرسو اداري لاءِ باعث فخر جي ڳالهہ آهي جو ملڪي، غيرملڪي ادارن سرسو جي ڪم کي ساراهيو آهي. هن چيو تہ سرسو بيروزگار مردن ۽ عورتن کي هنري سکيا، مفت انشورنس ڏيڻ، ڪاروبار لاءِ بنا وياج جي CIF قرض، نوان اسڪول قائم ڪرڻ، واٽر ڪورس پڪا ڪرائڻ، صاف پاڻي جون اسڪيمون وغيره مڪمل ڪري چُڪي آهي. جڏهن تہ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ حڪومت سنڌ ۽ عالمي ادارن جي سهڪار سان غريب ماڻهن کي 17 هزار نوان پڪا

گهر نهرائي ڏنا ويا آهن. جيڪو هڪ ريڪارڊ آهي. چيف آپريٽنگ آفيسر محمد هاشم لغاريءَ وڌيڪ چيو تہ سرسو پنهنجي محدود وسيلن جي آهر ساڳئي بين ضلعن جي ماڊل کي پڻ هتي متعارف ڪرايو ويو آهي. جنهن ۾ شروعاتي مرحلي ۾ پنج يونين ڪائونسلن ۾ ڪم هلي رهيو آهي. جنهن ۾ سوين ڳوٺاڻيون تنظيمون ٺاهي 9 هزار کان وڌيڪ عورتن کي منظم ڪيو ويو آهي، ڪين هنر جون تربيتون پڻ ڏنيون ويون آهن. ۽ اڄ نهايت خوشي جو موقعو آهي جو هزارن جي تعداد ۾ عورتون هتي گڏ ٿي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو هاڻي سجاڳ آهن ۽ اهو سجاڳي جو سفر رڪڻ جو ناهي. هن وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ کي اپيل ڪئي تہ جيڪڏهن حڪومت سرسو جي مالي سهائتا ڪري تہ غربت کي يونين ڪائونسل سطح تي گهٽائڻ وارو ڪامياب ماڊل ضلع سکر ۾ پڻ شروع ڪيو وڃي. جنهن سان علائقي جي هزارين ماڻهن کي فائدو ملندو. جنهن لاءِ ابتدائي طور تي 15 سئو ملين جي بجيٽ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن هي منصوبو هتي ڏنو ويو تہ هن علائقي جي تقدير بدلجي سگهي ٿي ۽ غربت ۾ نمايان گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

هن موقعي تي مئنيجر عبدالحميد ٻُلو چيو تہ سرسو غريب عورتن جي روزمره جي آمدني وڌائڻ لاءِ انهن کي 15 کان 20 هزارن تائين جا ننڍا ننڍا قرض ڏيئي رهيو آهي. تہ جيئن هو معاشي طور تي سگهارو ٿي سگهن. هي خاموش انقلاب آهي، جنهن جا نهايت حيرت ۾ وجهندڙ اثر سامهون اچي رهيا آهن. ۽ اهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن تبديلي ايندي ماڻهو خوشحالي طرف هلڻ شروع ڪري ڏيندا.

ان بعد سرسو اداري طرفان گهريلو آمدني ۽ هنري سکيا ڪانپوءِ پنهنجي پيرن تي بيٺل ضميران اِبوپوٽو، شاهده ۽ مسمات پناڻي پڻ پنهنجي ڪاميابين متعلق تفصيل ٻڌايا.

سرسو پاران مختلف ڳوٺن کان کهي آيل عورتن کي آمدني ۽ روزگار جي ذريعا وڌائڻ لاءِ قرض جا چيڪ سيد خورشيد احمد شاهہ پنهنجي هٿن سان ڏنا. جنهن ڪانپوءِ وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ تقريب ۾ مُک مهمان جي حيثيت ۾ ڳالهائيندي چيو تہ مون لاءِ نهايت خوشي جو موقعو آهي جو تمام گهڻو پوئتي پيل هن ڏورانهين علائقي ۾ هزارن جي تعداد ۾ عورتن جو انگ ڏسي نهايت خوشي ٿي آهي ۽ ان کان وڌيڪ خوش اها جي ڳالهہ اها آهي جو هي عورتون جنهن ڊسيپلين صبر ۽ تحمل سان هتي ويٺيون آهن. ان جو سمورو ڪريڊٽ سرسو اداري ڏانهن ٿو وڃي. هن چيو تہ مون کي اڄ حوصلو مليو آهي جو سرسو تمام ڪارائتو ڪم ڪري رهيو آهي. ۽ حڪومت سان گڏجي جيڪو ڪم ڪيو آهي ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن ۽ هاڻي يقين آهي تہ اهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن غربت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺنداسين. سائينءَ چيو تہ پاڪستان ۾ 8 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي چڪي ۾ ڦاٿل آهن ۽ اهو حڪومت جي وس ۾ ئي ناهي جو ايڏي وڏي چئلينج کي ختم ڪري. ان ڪري سرسو جهڙي ادارن جي سخت ضرورت آهي. هي هن حڪومت جو ڪارنامو آهي، جو غريب عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي لکين عورتن کي هر مهيني هزار روپيہ وظيفو ڏنو پيو وڃي. هاڻي مهانگائي کي نظر ۾ رکندي ان ۾ پنج سئو جو اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن تحت هاڻي نهايت ئي غريب عورتن کي 15 سئو روپيہ ماهوار مدد ملندي. وسيلا روزگار جي ذريعي هر مهيني قرانداز ڪري عورتن کي 3 لک روپيہ روزگار لاءِ ڏنا پيا وڃن. جنهن جو انگ هاڻي 80 هزار تائين پهچي چُڪو آهي.



خورشيد احمد شاهہ سرسو اداري کي يقين ڏياريو تہ هن بجيٽ ۾ UCBPRP پروجيڪٽ تحت ڏيڍ ارب روپيہ سکر ضلعي ۾ هن منصوبي جي شروعات لاءِ رقم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ جيئن سکر ضلعي لاءِ بہ غربت جو خاتمو اچي سگهي. ۽ ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. هن چيو تہ حڪومت لاءِ ڏيڍ ارب روپيہ ڪجهہ بہ حيثيت نٿا رکن. آخر ۾ وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ سرسو اداري کي پنهنجي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو تہ هُو هن نيڪ ڪم ۾ هرممڪن سهڪار ڪندو رهندو.

# خوشحاليءَ طرف ڪنيل هڪ وِکَ

## عرفان الله قل

انچارج SMU ميرپور ماٿيلو



سرسو سنڌ جي پنتي پيل ٻهراڙين جو هڪ مددگار ادارو آهي، جيڪو پنهنجي مستقبل جي رٿابندين ۾ نئين سنڌ اڏڻ جا خواب رکي ٿو. اها نئين سِرِ اڏاوت پُلين، ٽيوب ويلن، رستن، گهٽين، نالين، ليٽرين، باٿرومن يا اهڙي ئي قسم جي ڪِن ٻين ترقياتي ڪمن تائين محدود نہ آهي. پر! اها نئين سِرِ اڏاوت تعميراتي ڪمن سان گڏ ذهنن جي اڏاوت سان بہ ڳنڍيل آهي، جنهن ۾ خوبصورت سوچون، بهترين خيال ۽ سنجيده رويا جڙي سگهن. جنهن تعمير جي ذريعي اسان پنهنجي سنڌ ۾ ڪي اهڙا بنياد جوڙي سگهون جنهن تي اڳتي هلي سنڌ ڌرتيءَ جا ماڻهو پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ ڪي شاندار مستقبل اڏي سگهن.

تعلقي ميرپور ماٿيلو جا ڳوٺ ڪافي عرصي کان وٽي بنيادي سهولتن کان محروم رهيا آهن، روڊ رستا، پاڻي، نيڪال جو سرشتو، صحت جي سهولتن، پلين وغيره جو تہ نالو نشان ئي هيو. ڳوٺاڻن ڪڏهن ائين سوچيو بہ نہ هو تہ گهر ويٺي اسان کي اهي سهولتون مهيا ٿينديون، ڇو تہ غريب ڳوٺاڻن جي پهچ کان اهي سڀ شيون تمام پري هيون.

سرسو جڏهن ميرپور ماٿيلو تعلقي ۾ تنظيمي جاڳرتا شروع ڪئي تہ ماڻهن جي دلين ۾ ڪجھ اٽپوريون اميدون جاڳي پيون، ۽ اهو محسوس ڪيائون تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان وٽ خوشحالي پير ضرور پائيندي ۽ اسان جا مسئلا حل ٿيندا. شاهہ جي بيت جيان تہ:

اڄ اُڳڙيا آئيا، سائو ڪي سڄاڻ،
لاهيندا موريانڻ، رُڪ ڪريندا پٽرو.



ميرپور ماٿيلو کان 8 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي يونين ڪائونسل ڳڙهي چاڪر ديھ ڳڙهي چاڪر جروار مائينر جي آر ڊي نمبر 11 جي اوپر طرف ڳوٺ شير آباد ۾ جڏهن سرسو جي ٽيم تنظيم سازي لاءِ پهتي تہ ڳوٺاڻن ٽيم جي دل سان آجيان ڪئي ويئي، بہ پيرا هن ڳوٺ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ ۽ موبلائيزيشن ٽيم جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد ڳوٺاڻا ان ڳالھ تي راضي ٿيا ۽ تنظيم جوڙن لاءِ حامي ڀريائون.

ڳوٺ شير آباد ۾ تنظيم جوڙي وئي. جنهن جو نالو "نورجهان" رکيو ويو، شروعات ۾ هن تنظيم جا ٽوٽل ميمبر 16 ٿيا.

ڳوٺ شير آباد ۾ ٽوٽل گهر 125 ۽ آبادي 950 تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 60 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ڳوٺاڻا پڙهيل لکيل آهن، ڳوٺاڻن جو گهڻو گذر سفر پوکي راهي ۽ مال مويشي سان وابسته آهي.
سرسو جي ٽيم جي بهتر موبيلائيزيشن تحت هن تنظيم جي ميمبرن پاڻ ۾ مختلف وقتن تي پاڻ ۾ ويهي ڪري ڳوٺ جي بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪئي، ۽ ان تي بحث مباحثو ڪندا رهيا. (واڪا ڪرڻ مون وس، بڌڻ ڪم پاروچ جو)، ۽ سيني اهو محسوس ڪيو ته اسان جي ڳوٺ جو پرپاسي جي ڳوٺن پڻ اهم مسئلو آهي جروار مائنير تي پل ۽ رستي جو آهي. ڇو ته ڳوٺاڻن کي جروار مائنير ٽپي پوءِ ڳوٺ تائين پهچڻو پئي پيو.



ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جو رستو اها مائنير تي رکيل ڪاٺي هئي، ڪافي دفعا ننڍا ٻار ۽ عورتون مائينر ۾ ڪري به پيون. بيو ته وڏو مسئلو اهو به هو ته بيماري بڙي ۾، اناج منڊي تائين پهچائڻ وغيره ۾ ڪافي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئي پيو. ڇوته هن مائينر تي جيڪا پل ٺهيل آهي اها هن ڳوٺ کان تمام پري آهي.
تظيم جي ميمبرن گڏيل راءِ سان فيصلو ڪري قرارداد لکي ۽ سرسو اداري ڏانهن موڪلي، اداري پاران ٽيڪنيڪي معائني لاءِ ٽيم تشڪيل ڏني وئي. ضروري جاچ پڙتال ۽ ڳوٺ جو معائنو ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻن جي گهرج کي محسوس ڪندي سرسو ۽ (PPAF) پي پي اي ايف جي سهڪار سان پل جي اسڪيم منظور ڪئي وئي، ۽ اسڪيم جي ٽوٽل رقم: 398360 منظور ٿي، جنهن ۾ ڳوٺاڻن جو حصو: 79900 رکيو ويو ۽ پي پي اي ايف جو حصو : 318460 شامل ڪري، پل جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هي اسڪيم جڙي راس ٿي ويئي. انهيءَ سموري ڪم ۾ ڳوٺاڻن تي جيڪو حصو پيو، اهو ڳوٺاڻن مزدوري ڪري ادا ڪيو، ڇو ته غريب هئڻ سبب اهي اڳوات ادا نه پئي ڪري سگهيا. جڏهن اسڪيم جو ڪم مڪمل ٿيو ته ڳوٺاڻن جو ويتر سرسو مٿان ويساهه پختو ٿي ويو. ۽ پرپاسي چؤپچؤ ٿي ويئي ته سرسو ادارو اسان ڳوٺاڻن جي بغير ڪنهن لالچ جي مدد ڪري ٿو. انهيءَ جو ثبوت اسان جي ڳوٺ ۾ جوڙيل هيءَ پُل آهي، جنهن سرسو ۽ اسان کي پاڻ ۾ ويتر ويجهو آندو آهي.



پل جي 18 فوٽ ويڪر ۽ 16 فوٽ ڊيگهه آهي، هن پل مان هن وقت 125 گهر فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، ان کان علاوه پرپاسي جا ڪافي ڳوٺ جنهن ۾ محمد بخش ملڪ، خليفو احمد ، دلدار ملڪ ۽ جمال خان شامل آهن جيڪي پڻ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، هن پل جي ٺهڻ کان پوءِ علائقي جي ماڻهن جي معاشي حالت ۾ به خاطر خواهه تبديلي آئي آهي هتان جا ڳوٺاڻا ڏاڍو خوش آهن. هاڻي مائينر ٽپڻ ۾ انهن کي ڪابه تڪليف ناهي تنظيم جون ڳوٺ جي ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڪاوشون پڻ جاري آهن.!

**



# غربت جو خاتمو

جميل سومرو

سُکن جي سَڌ کندڙ سنڌ واسين لاءِ خوشحالي سالن کان سَراب جهڙو خواب بڻيل رهي آهي. مهراڻ جي وادي هن دور جي پنتي پيل علائقن مان هڪ هجڻ ڪري ديس واسين جي دردن جا انيڪ دور ڏسندي رهي آهي. اهو ستم بہ تہ معاشرتي زندگيءَ جو اونهو ستم آهي تہ مسئلن جو ادراڪ هجي. پر انهن جي حل لاءِ ڪا واٽ نظر نہ ايندي هجي، تہ اهڙي ويچارگي هڪ روڳ بڻجي پوي ٿي. اسان جو اڄ جو دانشور ان خيال ۾ غلطان آهي تہ سنڌ ۾ قومي شعور اوچي اڏام تي آهي. پر اهو شعور مسئلن جي اڪيچار نوعيت ۾ رتي بہ گهٽتائي نہ آڻي سگهيو آهي تہ ان شعور ڪي بي لاپ ئي چئي سگهجي ٿو. پر جيڪا ڳالهہ اوس پوري ٿيندي نظر اچي ٿي، ۽ جنهن اميد جي پوري ٿيڻ جي سنڌ واسين کي پڪ آهي سا هيءَ تہ سچائي ۽ سگهاري جذبي سان اگر ديس جي دردن جو درمان ڪبو تہ مسئلا حل ڪرڻ ناممڪن نہ آهن.

تاريخ جي دز چڙهي ويل ورقن کي ڦورو بہ ڦلهوري ڏسبو تہ سنڌ جي خوشحالي ۽ سُک جا انيڪ قصا وطن جي عزت ۽ عظمت جا ڳُڻ ڳائيندي ورقن مان جهاتي پائيندا نظر ايندا. پر ان ڪتابي ۽ تاريخي دنيا مان نظر ڪڍي اڄوڪي سنڌ جي واهڻن ۽ وسندين تي نظر ڊوڙائبي تہ وستيون ويران، واهڻ بي حال، ڳوٺ ٻُسا ۽ هر گهٽي هر ڳام پوئتي پيل ۽ اڻ سُڌريل نظر ايندي. اها شاهدي ونڊ لاءِ ماڻهن جي طويل قطار لڳرائي، ڪي دستاويز لکڻ جي ضرورت نہ آهي، پر ڪنهن هڪ ڳوٺ جو ڦيرو پائبو تہ سنڌ جي ماڻهن جي ابتري ۽ سندن ويڙهن جي ويراني شدت سان محسوس ڪري سگهبي. هونئن تہ غريب ملڪ معاشي بيحاليءَ جي وَر چڙهي نئين زندگيءَ لاءِ هٿوراڙيون هڻي رهيا آهن. پر گذريل هڪ اڌ سال دوران سنڌ ۾ جهڙي ريت دريائي ۽ مينهوڳيءَ واري ٻوڏ جيڪي راڳا ڪيا تن سنڌ واسين جي جيئڻ کي گهڻو ئي مشڪل ڪيو. باقي دنيا پنهنجي ڏُن ۾ نوان محصول اوڳاڙي ۽ نوان معاشي اتحاد ڪري معاشي جيئندان لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي پر ٻوڏن جا ستايل سنڌ واسي بہ ان سمئي پنهنجي زندگي توڙي وسندين ۽ واهڻن کي وري آباد ڪري زندگيءَ سان جنگ جوٽي بيٺل نظر ايندا. وقت جي حڪومت سندن واهر ڪئي يا ڪا ڪوتاهي رهجي وئي ان بحث ۾ پوڻ بجاءِ اسان ان حقيقت کان ڪن لاٽار نہ ڪري سگهنداسين تہ ٻوڏ جي تباهين مان نڪرڻ ماڻهن لاءِ اڪيلي سِرِ ناممڪن هو. حڪومت ۽ غيرسرڪاري تنظيمن جي مدد ڪانسواءِ تہ ٻوڏ متاثرن کي بحال ڪرڻ، ڪين سندن اصلوڪن جاين تي نوان اجها اڏي آباد ڪرڻ ۽ پوکيءَ راهيءَ لائق بنائڻ هڪ خواب هو.

ان خواب کي حڪومت ۽ غيرسرڪاري تنظيمن ڪيئن ساپيان ڏني آهي، ان ساپيان جو عڪس ڏسڻ لاءِ اسين ڪجهہ قلم ڌڻي، ماڻهن کي باخبر رکڻ جي پيشي سان لاڳاپيل صحافي، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪوٺ تي، ذهن ۾ اڪيچار احساس ۽ اجنبي اندازا ڪڻي، سنڌ جي انهن ضلعن جي دوري تي نڪري پياسين جن کي مها ٻوڏ پنهنجي وهڪري ذريعي تاراج ڪيو يا جتي سرسو غربت جي خاتمي ۽ عام ماڻهن جي معاشي پاڻ ڀرائيءَ لاءِ منصوبا هلائي رهي آهي. خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور_ڪنڌڪوٽ ضلعن جي واهڻن ۽ وسندين ۾پير پائڻ جو پهريون مطلب اهو ئي ورتو وڃي تہ اتي ماڻهن بجاءِ غربت گهر اڏي ويٺي آهي. اسان بہ ان غربت جو پيڇو ڪرڻ پئي چاهيو ڏسڻ پئي چاهيوسين تہ غربت ماڻهن کي پنهنجي چڪيءَ ۾ ڪيترو پيڻو آهي ۽ سرسو جهڙين غيرسرڪاري ادارن ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟

مها ٻوڏ کي تقريبن ٻہ سال ٿي چڪا آهن گذريل ٻن سالن دوران مٿي ڄاڻايل ضلعن ۾ ڪھڙيون وارتائون ٿي گذريون اهي سڀ تہ اسان سُڻي نہ ٿي سگهياسين نہ ئي اهو ممڪن هو پر اسان شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور ۽ ڪشمور ضلعن جي لڳ ڀڳ 61 يونين ڪائونسلن ۾ گهمياسين، ٻہ سو ڳوٺن کي ڏٺوسين ۽ 12 سو کان وڌيڪ گهراڻن جي فردن سان ملياسين. شايد اهو اڄوڪي صديءَ جي رجحان آهي تہ هر طرف هر ڳالھ تي مايوسي ڦهلائي ذهنن کي يرغمال ڪيو وڃي پر اسان کي پنھنجي دوري دوران مايوسي نہ پر گھڻي خوشي ٿي جڏهن مسڪين ماروئڙن پنھنجي پوئتي پيل وسندين جي وچ ۾ ويهي اهو اقرار ڪيو تہ ٻوڏ جيڪا تباهي سندن در تي آندي اها معمولي نہ هئي ۽ ٻيهر پيرن تي بيهڻ سولو نہ هو پر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جهڙين غيرسرڪاري تنظيمن اسان کي ڏکئي وقت ۾ سهارو ڏنو. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو تہ سرسو اسان جي پرجهلو ٿي بيٺي، ان تنظيم وارن اسانکي اڪيلو پنھنجي حال تي نہ ڇڏيو پر اسان جي واهر ڪئي. دوري دوران ٻوڏ جي عذاب کي سهندڙ ماڻهن اها شاهدي ڏني تہ سرسو سنڌ جي ماروئڙن جي نہ صرف واهر ڪئي پر پنھنجن سمورن وسيلن، جذبن ۽ همٿ کي ساڻ ڪري اسانجي دردن جو درمان ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي آئي. ٻڌايو ويو تہ مٿي ڄاڻايل ضلعن ۾ غربت جي خاتمي، زراعت جي بهتري، صحت جي سهوليتن پهچائڻ، تعليم ڦهلائڻ ۽ صاف پاڻي مهيا ڪرڻ کان علاوه ٻين بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سرسو نہ وسرڻ جهڙو ڪم ڪيو آهي. جڏهن تہ ان ڏس ۾ پائيدار ترقيءَ جي بنياد تي ڪيترائي منصوبا ماڻهن جي مدد سان مڪمل ڪيا ويا آهن. شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور ۽ ڪشمور ضلعن جي ماڻهن جيڪي وارتائون اسان سان ونڊيون انهن کي جيئن جو تيئن هتي بيان ڪرڻ ممڪن ناهي پر اها گواهي ضرور ڏئي سگهجي ٿي ٻوڏ متين ضلعن ۾ جيڪي تباهيون آنديون انهن جا اثر گهٽجي چڪا آهن زندگي ٻيهر پنھنجي اوج تي اچي چڪي آهي ۽ ماڻهو پنھنجي ڪِرتِ سان لڳي چڪا آهن. ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ سرسو جي خدمتن کي نظرانداز ڪرڻ زيادتي ٿيندي.




سَرسو هن وقت سنڌ جي 78% سيڪڙو يونين ڪائونسلن ۾ غربت جي خاتمي ۽ پائيدار ترقيءَ جي نانءَ هيٺ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي. هيءَ نجي تنظيم 2003 کان غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ 70% سيڪڙو ماڻهن جي معاشي حالت سڌارڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان کان علاوه هي ادارو ڳوٺاڻن علائقن جي ماڻهن کي پنھنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ تنظيم سازيءَ ڪرڻ سان گڏوگڏ ماڻهن جي ذهني اوسر ڪرڻ  کين هنري سکيا ڏيڻ ۽ اڄوڪي دور ۾ رائج مختلف مشينن جي ڪاريگريءَ واري تربيت ڏيڻ کان علاوه ٻين منصوبن تي پڻ ڪم ڪري رهيو آهي تہ جيئن غربت جو خاتمو بہ آڻي سگهجي ۽ ماڻهن کي پنھنجي مدد پاڻ تحت زندگي گذارڻ جي ترغيب بہ ڏئي سگهجي.

اسان جي هن ياترا دوران ڪيترائي شاندار ۽ اُتساهيندڙ منظر بہ سامهون آيا جيڪي ڪجھ اوهان تائين پهچائڻ فرض ٿي پيو آهي. اسين لڳ ڀڳ 140 سرگرم عورتن سان پڻ حال احوال اوريا. جي ڪميونٽيءَ ۽ ڳوٺاڻين تنظيمن (CO/VOs) جون نمائنده آهن. جيڪي هن وقت پنھنجي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جون چيئرپرسن يا وري جنرل سيڪريٽري آهن. ۽ هر ايل ايس او پنھنجي يونين ڪائونسل ۾ موجود سمورين CO/VOs جي ڀرپور اعتماد سان نمائندگي ڪري رهيون آهن. انهن وڏي فخر سان پنھنجي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز طرفان حاصل ڪيل ڪاميابين بابت ٻڌائيندي چيو تہ (ڪميونٽي انويسٽمينٽ CIF) جي انتظام ڪاريءَ ۽ نظرداري ڪري رهيون آهن. ننڍڙي پيماني تي صحت جي انشورنس اسڪيم جي نگراني ڪري رهيون آهن ۽ عمل ڪرائي رهيون آهن.



# زرعي سڀيا گهر

سليم چنڊ
NRM سرسو هيڊ آفيس

هٽڻ، هکلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان ايءَ مَرکُ،
وجهن تان نہ فرق، رک وهنديءَ راند ۾.
"شاهہ"

سنڌ جا سڀاجهڙا ماروئڙا جيڪي اڪثر ڪري ٻهراڙين ۾ رهائش پذير آهن. انهن مان 80% سيڪڙو آباديءَ جو انحصار زراعت تي آهي. سنڌو ماٿري جيڪا وسيع تر ميدانن تي پکڙيل آهي، جنهن تي هر قسم جو ميوو اناج ۽ سبزيون ٿين ٿيون ۽ ڏيهہ پرڏيهہ ۾ سڄاتيون وڃن ٿيون، انهن جي زرعي واڌ ويجهہ کي جاچبو تہ اها هڪ هنڌ بيٺل نظر ايندي. هتان جا ماڻهو جيڪي جفاڪش، ڪاهوڙي ۽ ڏينهن رات محنت ڪندڙ، تني ٽڏي ڪاهہ جا پيروڪار بي وس ۽ مجبور آهن، هنن جي جسم ۾ ڊوڙندڙ گرم خون تہ آهي، پر ڪنهن مثبت سمت ۾ ڪارگر طور سرانجامي ڪان دور آهي.

سنڌو ندي جنهن جو پاڻي آب حيات کان گهٽ ڪونہ آهي ۽ صديون اڳ بہ هن جا گيت ڳايا ويندا هيا. تنهن جي وهڪري جا گوڙ گجگوڙ سُر ۽ ساز جڻ ٻيهجي ويا آهن. هتان جون زمينون سون اوڳاڇيندڙيون هيون ۽ ندين ۾ چاندي چمڪندي هُئي. سي سانت ۾ آهن، جڻ ڪو ڪين سپ سنگهي ويو هجي. هزارين سال اڳ، هن ماٿري جي سڄاڻ سنڌس زرعي جنسون هونديون هيون. جنهن ۾ ڪپهہ، خوشبودار چانور، سٽي، ميوات کي رگ ويد، سياحن پنهنجي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن جو ذڪر اڄ جهيڻو ٿيندو ٿو وڃي.



ان سڄي لقاء ۽ پس منظر تي نظر وجهبي تہ سمجهہ ۾ ايندو تہ سماج بيمار ٿي پيو آهي، ڪنهن بيماري ۾ مبتلا آهي. ان مرض جون ٽيسٽون ڪرائڻ بعد معلوم ٿيو تہ هي ماڻهو لاعلمي جي بيماري ۾ مبتلا آهن.

هنن ڪاهوڙين، جفاڪشن کان علم جي دولت کسي وئي آهي. ڪو ماڻهو ڊاڪٽري جي پيشي سان واڳيل هجي ۽ ان کي علم طب بابت ڪا معلومات ئي نہ هجي تہ هو ماڻهن جو کهڙو علاج ڪري سگهندو. يا ڪو انسان تعميرات ڪرائي رهيو هجي، پر هن کي انجنيئرنگ جو علم ئي نہ هجي تہ سنڌس تعمير شاهڪار تہ ڪونہ ٿي سگهندي.

اهڙي طرح هن چٽاڀيٽي جي دور ۾ جتي دنيا کي خصوصاً سنڌ جي زراعت جي پيشي سان واڳيل ماڻهن کي جياپي جي جنگ واري صورتحال ۾ مڙهيو ويو هجي. انهن تي لازم آهي تہ هو زرعي علم سکن.



هاڻ هي ٻهراڙي جا ماڻهو زرعي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهي تہ ڪونہ سگهندا. يا وري ڪنهن اداري ۾ باقاعده لک پڙهہ واري عمل مان تہ نہ گذرندا. ان لاءِ وقت جي تقاضا موجب دنيا ۾ زرعي علم کي واڌ ويجهہ ڏيارڻ لاءِ فارمر فيلڊ اسڪول ۽ وومين اوپن اسڪول جو رواج وڌو ويو آهي. هنن اسڪولن جي لاءِ ڪنهن عمارت جي ضرورت بنهہ ڪونہ آهي. بلڪ زراعت جي پيشي سان واڳيل ماڻهن کي هڪ وڻ جي هيٺان گڏ ڪري زرعي ماهر جديد ٽيڪنالاجي واري دنيا ۾ روان دوان وڌيڪ پئداوار ڏيندڙ اصول ۽ علم سمجهائيندا آهن.
اهو رواج پوري دنيا ۾ عام جام ٿي ويو آهي، ۽ سنڌ ۾ پڻ يورپين يونين جي تعاون سان ڪجهہ علائقن ۾ ڪم هلي رهيو آهي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پڻ خيرپور ۽ سکر ضلعن ۾ مرد هارين ۽ عورت هارياڻين لاءِ اهڙا اسڪول کولرايا هيا. جن جا اثر تمام سٺا ۽ پائدار پيا، سروي موجب انهن ڳوٺن سان وابسطہ هارين ۽ هارياڻين جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو ۽ علائقي جي زرعي پئداوار ۾ پڻ 30% واڌارو ٿيندي غربت ۾ گهٽتائي آئي. اسان کي گهرجي تہ دنيا سان هم آهنگ ٿيندي، وقت جي ضرورت مطابق اهڙن درسگاهن جو ڄار هر ڳوٺ ۾ وڇايون تہ جيئن پئداوار ۾ اضافو ڪري سگهون.

بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪلون ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هٽن،
ڪرن ڪنڌ نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

**



# صاحبان جو سچ


نثار احمد پناڻ

مئنيجر NRM سرسو هيڊ آفيس


ماري مرين شل، ڏيپ وچنئي ڏيبيون،
جيئن تو اچي ڪال، وڏو وڇ ورهن ڪي. "شاهه"

صاحبان غريب ڇوڪري هئي، سندس والد معذور هيو، ان ڪري محنت مزدوري ڪونه ڪري سگهندو هيو. سندس والده ٽوپو سلائي ڪري گهر جو گذران هلائيندي هئي، صاحبان کي اها ڳالهه دل ۾ چٽنگ جيان پئي ڏڪندي هئي پر هوءَ ڪري ڪجهه ڪونه پئي سگهي، ماءُ کي هٿ ونڊائڻ لاءِ هڪ اڌ ڀيرو ڪوشش ڪيائين پر ڏڙڪن ملڻ ڪري نراس ٿي پئي. صاحبان منجهان اڏما ختم نه ٿيا، ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جي لچ پچ لڳي پئي هوندي هئي، پر همت ڪونه پئي ٿيس.

هڪ ڀيري صبح جو هوءَ جاڳي ته ڏٺائين سندس ڪمري ۾ جهرڪيءَ جو آنو ڀڳل پيو هو. هن ڇت جي ڇهتير ۾ آکيرو ڏٺو. ان آکيري جي ڪري ڪمري ۾ هروقت جهرڪين جو شور هوندو هيو ۽ ڪک ڪرندا هيا، هن ڀڳل آنو ڏسندي جهرڪين جو آکيرو پٽي اڇلائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن ساڳيو ئي جهرڪين جي "چُون چُون" جو شور هيو. جهرڪيون ٻيهر ڇت ۾ ڪانا ۽ ڪک ڳڏ ڪري رهيون هيون. شايد ڊٿل آکيري کي ٻيهر نهيل نڪيل ڏسڻ جي جذبي منجهن عمل جو شوق وڌائي ڇڏيو. ٻيو آکيرو هنن ٿورڙي ئي عرصي ۾ ٺاهي ورتو. جهرڪين جي ان دليري تي صاحبان کي ڪاوڙ لڳي، هن وري سندن آکيرو پٽي اڇلائي ڇڏيو. هن سمجهيو ته مون جهرڪين تي آخري فتح حاصل ڪري ورتي آهي.

مگر ٻئي ڏينهن وري جهرڪيون ۽ آکيري جو مسئلو هن جي اڳيان هيو. جهرڪين جڏهن ڏٺو ته سندس نهيل نڪيل گهر ڊاٺو ويو آ ۽ سندس آنا ٻچي پورا پورا ڪيا ويا آهن ته هنن دانهن ۽ ڪوڪن ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت ڪونه وڃايو، هنن ايئن ٻه نه ڪيو ته ٻاهر وڃي پنهنجي برادري وارن کي دانهن ڏين ۽ انهن سان گڏجي محاذ ٺاهي گهر تي حملو ڪن، پر ان جي ابتڙ هنن خاموشيءَ سان ٻيهر ڪک پن گڏ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ مسلسل اهڙو عمل ڪنديون رهيون.

هاڻي صاحبان جو روز جو معمول بڻجي ويو ته هوءَ جهرڪين جا گڏ ڪيل ڪک پن صاف ڪندي هئي ۽ جهرڪيون ٻه روز پنهنجو ڪم معمول مطابق ڪنديون هيون. اهڙي طرح هڪ مهينو گذري ويو. ان دوران ڪيترائين ڀيرا جهرڪين جي محنت ضايع ٿي. انهن جا چونڊيل ڪک پن بيڪار ڪيا ويا. مگر جهرڪيون انهن کان بي نياز پنهنجو ڪم ڪنديون رهيون. جهرڪين وٽ صاحبان جي نفرت جو جواب خاموش محنت هئي. ان خاموش محنت هڪ ڀيرو ٻيهر آکيري جي شڪل اختيار ڪري ورتي. سندس عمل طاقتور ثابت ٿيو. نيٺ نفرت جي مٿان محنت غالب ٿي وئي. جهرڪين جي مسلسل تعميري عمل، تخريبي ۽ نفرتي رويئي تي غالبيت حاصل ڪري ورتي. هينئر جهرڪين پنهنجو نئون نسل پئدا ڪري ورتو.

صاحبان ان مان سبق حاصل ڪيو. هن ماءُ جي ڏڙڪن ۽ ڪاوڙ جي باوجود سلائي، ڪڙهائي ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هن جي ماءُ ۽ ڀيا گهر جا ڀاتي سندس راهه ۾ ڪافي ڀيرا رڪاوٽون بڻجندا رهيا. پر هن خاموشي سان پنهنجي ڪم تي توجهه ڏني. ان دوران سرسو ٽيم ڪيس تنظيمي جاڳرتا ۾ " CO لطيف" جو ميمبر بڻايو. هن تنظيم ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ بهترين ڪردار ادا ڪيو. سندس عزم جوش ۽ هنر کي ڏسندي سرسو انتظاميه ڪيس اسلام آباد مان ٽريننگ پڻ ڪرائي.

صاحبان اڄ عزت سان پنهنجو روزگار ڪري ٿي، سندس نالو ڪنڊڪوٽ ۾ "ماهر ڪاريگر" طور سڃاتو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سندس والده بيمار ۽ بستر حوالي آهي پر هن کي گهر جو ڪاروبار هلائڻ جو ڪو فڪر ڪونهي. صاحبان جي چواڻي ته آنءُ اهو سبق جهرڪين مان سکيو. جنهن منهنجي عزم ۾ همت ڀري ۽ اڄ آنءُ مسلسل جدوجهد ۽ محنت جي ڪري عزت جي نگاهه سان ڏٺي ٿي وڃان. صاحبان جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن عزم ڪامل آهي ته راهه ۾ رڪاوٽون ضرور اچن ٿيون پر ڪاميابي يقيناً قدم چمي ٿي.

# همٿ ۽ حوصلو

نصرت پروين گلال
سوشل آرگنائيزر، راڻيپور يونٽ



سنڌ جون ٻهراڙيون ملڪ جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ پوئتي پيل آهن. ماڻهو تمام گهڻو غربت جو شڪار آهن. پر جيڪڏهن ڀيٽ ڪجي ته عورتون ان ڏس ۾ وڌيڪ ڦاٿل آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عورتن کي اڳتي وڌڻ جا وڌيڪ موقعا ڏنا وڃن. "سرسو" ان اصول تي عمل ڪندي ڪم ڪري رهي آهي. جيڪڏهن ڳالهه هنر سکڻ جي ڪجي ته اهو ڏٺو ويو آهي ته عورتون وڌيڪ هنر ۾ ماهر آهن، صرف انهن کي ٿوري توجهه، مدد ۽ همٿ افزائي جي ضرورت آهي. عورتون گهر ۽ ٻني ٻاري ۾ وڌيڪ ڪم ڪنديون آهن. انهيءَ ڳالهه ۾ به انهن پاڻ مڃرايو آهي.

مسمات رابعه جو تعلق ڳوٺ منو لڪ يونين ڪائونسل سڳيون ضلع خيرپور سان آهي. ٻن نياڻين جي امڙ رابعه جو مڙس گهڻو وقت اڳ فوت ٿي چُڪو آهي. مسمات رابعه پنهنجي گهر کي غربت جي چنبي مان آجو ڪرائڻ ۽ گهر جي آمدني وڌائڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ حوالي سان هن پنهنجو پاڻ کي تنظيمي سجاڳيءَ واري عمل سان واڳيو ۽ رابعه ڳوناڻي ترقياتي تنظيم "حسين گل" ۾ شموليت اختيار ڪئي.

رابعه جي ڪمائيءَ جو ٻيو ڪو ذريعو نه ڪونه اٿس. سواءِ هڪ مينهن جي، جنهن جو کير وڪڻي هو پنهنجو گذر سفر ڪري ٿي.

رابعه سوچيو ته چونه پنهنجي ڌيءَ کي سلائيءَ جي تربيت ڏياريان، پوءِ هن تنظيم سان صلاح مشورو ڪري هڪ قرارداد لکي ڏني قرارداد ۾ هن پنهنجي نياڻي گلزار کي سلائي سيکارڻ لاءِ گذارش ڪئي. اها قرارداد سرسو اداري طرفان منظور ڪئي وئي. ۽ گلزار کي ووڪيشنل سينٽر راڻيپور ۾ تربيت لاءِ گهرايو ويو. هڪ مهيني جي تربيت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ گلزار تمام بهترين نموني سان سلائي ۽ ڪپڙن جي ڪٽائي ڪرڻ سکي ورتي. تربيت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ضرورت هئي هڪ مشين جي پوءِ رابعه قرض لاءِ قرارداد لکي ٿوري ئي عرصي ۾ هن کي اداري پاران قرض مليو ويو ۽ هن فورا پنهنجي نياڻي لاءِ سلائي مشين ۽ ٻيو ضروري سامان خريد ڪري آئي. گلزار پنهنجي پوري صلاحيت کي استعمال ڪندي گهر گهر وڃي ٻڌايو ته مون سلائي مشين ورتي آهي ۽ هاڻ توهان ڪپڙا مونکان سبرائيندا ڪريو. گلزار جي سلائي ۾ صفائي سٽرائي ته هئي پوءِ آهسته آهستي پنهنجي ڳوٺ ۾ مشهور ٿيڻ لڳي. ايئن سندن جي گهر جو چرخو بهتر هلڻ لڳو. 19 ورهن جي گلزار پنهنجي ماءُ سان ڇڻ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي. روزانو ٻه ٽي جوڙا سلائي ڪري وٺندي آهي. جنهن مان ماهوار 4 کان 5 هزار روپين تائين ڪمائي وٺندي آهي. گلزار جي بهترين ڪم ۽ سرسو جي ووڪيشنل سينٽر جي سلائيءَ جي سرٽيفڪيٽ کي ڏسندي اداري NCHD گلزار کي ماسٽر ٽرينر طور ڇئن مهينن لاءِ ٻين عورتن کي سلائي سيکارڻ واسطي نوڪري ڏني جنهن مان هر مهيني هن کي 8000 هزار روپيه ماهوار ملندي هئي.. رابعه ۽ سندس ڌيءَ گلزار اداري سرسو جا ٿورا مڃيندي چيو ته سرسو اهو ڪري ڏيکاريو جنهن لاءِ اسان ڪڏهن سوچيو به نه هيوسين. گلزار چيو ته سرسو منهنجو اهو خواب پورو ڪيو آهي، جيڪو هڪ غريب ڇوڪري جي وس جي ڳالهه ناهي.

مان پاڻ کي هاڻ غريب نٿي سمجهان، ڇوته سرسو اداري اسان کي اهڙو رستو ڏيکاريو آهي، جنهن اسان کي مضبوط بڻجڻ سان گڏوگڏ حوصلو به ڏنو آهي. آءُ ٻين ڇوڪرين کي به چوڻ چاهينديس ته هنر سکو ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ کان بهتر آهي ته ڪجهه ڪري ڏيکاريو. اسين غريب نه آهيون، اسان وٽ سرسو جهڙا سٺا سٺا ادارا موجود آهن. هو مفت تربيتون ڪرائين ٿا. اهي دارا اسان غريبن جي لاءِ ئي آهن. همت ڪريو توهان غربت جي چنبي مان پاڻ کي آزاد ڪري سگهو ٿيون. هاڻ اهو ممڪن آهي ڇوته:

"جنين سک ناهه ڪو، چارڻ سي چئجن،
رڃن راه پڇن، مٿي ڪلهن ڪينرا" "شاهه"

# استحصال جي جنبَ ۾ پيسجندڙ سنڌ جي نياڻي

بخت علي ابڙو
SPO-MER سکر

عورت دنيا جي تختي تي قدرت پاران تخليق ڪيل مڙني تخليقن مان هڪ انتهائي خوبصورت تخليق آهي. عورت خواهه ڪهڙي بہ روپ ۾ هُجي، ان جو هر رُوپ قدرت جو شاهڪار آهي. ڪنهن اردو شاعر چيو آهي تہ:



وجودِ زَن سے ہے
تصویرِ کائنات میں رنگ

يعني عورت جي وجودَ سان ڪائنات جي تصوير ۾ رنگَ آهن. عورت ماءُ جي روپ ۾ هجي يا زال ڀيڻ جي روپ ۾ هجي يا ڌيءُ جي روپ ۾ اها هر رشتي ۾ انمول آهي. عورت جي عزت، عظمت ۽ حقن جي پاسداريءَ جو حڪم اسان جو مذهب اسلام بہ ڪري ٿو. پرَ بدقسمتيءَ سان سنڌ جي عورت زندگيءَ جي هر شعبي ۾ استحصال جو شڪار رهندي پئي آئي آهي.

اسان جي سونهاري سنڌ جو هونئن تہ سنڌُ سنڌُ سورن ۾ ورتل آهي. پر سنڌ جي عورتن/ نياڻين سان جيڪي ڪلور سنڌ ۾ ٿين ٿا نهن جي ڪا ڪَٿَ ئي ڪونهي. اسان وٽ تعليم جي شرح (Literacy Rate) هونئن ئي الاهي گهٽ آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جون نياڻيون تعليم جهڙي بي بها ۽ انمول زيور کان محروم آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ نياڻين جا اسڪول ڪونہ آهن. جي آهن بہ تہ اُتي ڪا ليڊي ٽيچر وڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جون نياڻيون تعليم حاصل ڪري نہ ٿيون سگهن. تعليم جيڪو هر انسان جو بنيادي حق آهي.

سنڌ ۾ نياڻين جي ٻي جوڙ شادين جو رواج بہ هڪ ناسور آهي. جنهن سبب سُونَ جهڙين سُورمين جون زندگيون وِهُ جون وٿيون بڻجيو وڃن. ڪٿي ائين ٿئي ٿو تہ ننڍي عمر ۾ نياڻي جي شادي عمر رسيده مرد سان ڪئي ٿي وڃي. ڪٿي وري وڏي عمر جي عورتن جي شادي ننڍي عمر جي ڇوڪرن سان ڪرائي ٿي وڃي. بلڪل ساڳي طرح ارڙهن سالن کان گهٽ عمر جي نياڻين جي شادي سندن لاءِ صحت جي حوالي سان هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿي. ننڍي عمر ۾ وري حمل ۽ ٻار پيدا ٿيڻ واري عمل جون پيچيدگيون عورتن جي موت جي شرح ۾ واڌ جو سبب بہ بڻجي ٿي. صحت جي بنيادي سهوليتن خصوصاً گهٽ



تعليم جي ڪري سنڌ جون عورتون هڪ عذاب ۾ متبلا آهن.

غربت، پئسي جي اڻهوند بہ سنڌ جي عورت جو بنيادي مسئلو آهي. سنڌ جي عورت جيڪا گهرو ڪم ڪار سان گڏوگڏ زرعي زمينن ۾ محنت مزدوري بہ ڪري ٿي. ڦٽين جي چونڊي کان وٺي، ڪڻڪن جي لاباري تائين، چوپائي مالَ جي پالنا کان وٺي ٻين ڪمن ڪارين تائين سنڌ جي عورت هر حوالي سان پاڻ پتوڙي ٿي. پرَ موٽ ۾ ڪيس ٻُکَ ۽ بدحالي پلئہ پوي ٿي. اهو معاشي استحصال سنڌ جي عورت کي هرقدم تي پوئتي ڌڪي ٿو. هوڏانهن سنڌ جون

عورتون جيڪو گهرو پورهيو ڪن ٿيون. انهن جوبہ ڪين مناسب اجورو ڪونہ ٿو ملي. اها ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ سنڌ جي عورت مختلف هٿ جا هنر ڄاڻي ٿي جنهن ۾ ڪپڙن جي سلائي، ڀرت، سنڌي ٽوپيون ناهڻ، ثقافتي رليون ناهڻ ۽ ٻيا هنر شامل آهن. پر انهن سڀني هنرن جي مناسب نموني مارڪيٽنگ نہ ٿي ٿئي. جنهن سبب انهن کي مناسب اجورو بہ نہ ٿو ملي. انهن سڀني هنرن کان علاوه هتان جون عورتون ڪجيءَ جي ڦرهن مان تڏا ۽ تنئوريون، چليون ۽ ٻيون شيون ناهڻ جو هنر بہ ڄاڻن ٿيون. پنديون ۽ هٿ پکا، ڇٻيون (Boskets) بہ ناهيا وڃن ٿا. پر مسئلو اهوئي آهي تہ انهن سڀني شين جي مناسب مارڪيٽنگ نہ ٿي ٿئي.

سنڌ جي عورت (Honor Killing) جي نالي تي "ڪاروڪاري" جي ڪُڌي ڪاروبار کي بہ ڀوڳي رهي آهي. ڪاروڪاري جيڪو سنڌ جي جاگيرداري نظام (Feudal System) جو اهم ڪم ٻڌجي چڪو آهي، جنهن ڪاروبار ۾ معصوم عورتن کي ڪهاڙين مان ڪڍيو وڃي ٿو. جرڳن جي نالي تي ڪروڙين روپيا ڪڍيا وڃن ٿا. معصوم نينگرين کي "سڱ چٽي" جي اڏيءَ تي چاڙهيو ٿو وڃي. سنڌ ۾ ئي "ڏي وٺ" جي شادين جي رسم راڪاس جيان ڊيڄاري رهي آهي. نياڻين جون زندگيون انهيءَ رسم جي راهہ ۾ بہ زهر ڪئي وڃي ٿي.

سنڌ جي نياڻي کي انهن مڙني مصيبتن، مسئلن ۽ مونجهارن مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ، سندن زندگين کي روشن ڪرڻ لاءِ ۽ کين سماجَ جو صحتمند حصو بنائڻ لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي مختلف ادارا پاڻ پتوڙي رهيا آهن. اهڙن غيرسرڪاري ادارن ۾ "سرسو" جو نانءُ ۽ ڄاڪوڙ ڪنهن بہ روايتي تعارف جي محتاج ڪين آهي. چوندا آهن




تہ "هڪ مرد پڙهيو معنيٰ هڪ فرد پڙهيو ۽ هڪ عورت پڙهي تہ هڪ خاندان پڙهيو". "سرسو" پنهنجي سهائيندڙ سفر ۾ جرڪندڙ ڄاڪوڙ جي سفر ۾، سنڌ جي عورت کي ڪنهن بہ موڙ تي نظرانداز ناهي ڪيو. بلڪ ان جي تعليمي ۽ سماجي مٿيرائپ لاءِ مختلف ڏسائن ۾ ڏيئن جو ڏيک ڏيندڙ جدوجهد ڪئي آهي. Gross Rout Level تي وڃي"سرسو"سنڌ جي عورت جي ڀلي لاءِ پتوڙي رهيو آهي, سنڌ جي عورتن کي ننڍا ننڍا قرض ڏئي کين روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ کان وٺي کين مختلف هنرن (Skills) جون تربيتون ڏيڻ جو سفر بہ "سرسو" جو حصو آهي. "سرسو" جو خواب آهي تہ سنڌ جون عورتون هر حوالي سان هڪ باوقار زندگي گذارين ۽ انهن جو (Life Style) مٿيرو هُجي.

عالمي سطح تي اِها ڳالهہ مڃي ٿي وڃي تہ جڏهن ڪنهن بہ سماجَ ۾ عورت جو وقار بلند هوندو، ان جا بنيادي حق تعليم، صحت ۽ روزگار ڪيس مُهيا ڪيو ويندو تہ اها عورت سماجَ جي اڏاوت (Social Development) ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهندي.

پاڻ وٽ ضرورت ان ڳالهہ جي بہ آهي تہ مُرَوِج ڪميونيڪيشن جا وسيلا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سماجَ ۾ اهو شعور ۽ آگاهي پيدا ڪن تہ جيئن سماجَ ۾ عورت جي عزت ۽ احترام جو جذبو پيدا ٿئي. Gender Discrimination واري رَوين کي Discourage ڪيو وَڃي. اهائي واٽ آهي ۽ اهوئي طريقو آهي سماجَ ۾ سونهن پيدا ڪرڻ جو. سنڌ جو سماج جيڪو اڃان ارتقائي ڏاڪا طئہ ڪري رهيو آهي. انهيءَ سماجَ کي سنوت ۾ آڻڻ لاءِ اڃان ڪيترو پنڌ درڪار آهي.

هتان ڪٽي هٿ، جن رڪيو سي رسيون،
ساجن، سونهن سُرت، وڪان ئي ويجهو گهٽو. "لطيف"

شالَ سنڌ جي هر عورت جيڪا استحصال جي جنڊ ۾ پيڙهي رهي آهي. ان جي دردن جو درمان پيدا ٿئي پوي. ۽ هوءَ دنيا جي گولي تي هڪ باوقار ۽ با اختيار عورت جي روپ ۾ ڳاٽ اوچو ڪري هلي سگهي.

# بزرگ دوستن جي ڪچهري

ڪاشف حسين صديقي
پروگرام آفيسر هيلپ ايج شڪارپور

ڌرتي جي گولي تي اربين انسان رهن ٿا جيڪي پنهنجي علم، عقل، ذات، ڏانوَ ۽ جسماني سگهه آهر پورهيو ڪري پنهنجي توڙي پنهنجي خاندان جي پيٽ گذران لاءِ ڏينهن رات گرمي توڙي سردي ۾ محنت مزدوري ۽ جفاڪشي ڪري اَنَ داتا گهر آڻين ٿا. اهڙن ماڻهن کي اسين گهر/خاندان جا وڏا يا بزرگ چئون ٿا، جڏهن اهي عمر جي ان حصي ۾ پهچن ٿا جتي سندن جي عضوا محنت، ۽ جفاڪشي کان نابري واريندا آهن. ان وقت اسين انهن جون سخت



محنتون، ڪشالا ۽ قربانيون وساري هڪ جملو (توهان اسان لاءِ ڪيو ڇاهي !؟) چئي انهن جي سڄي ڄمار جي ڪئي ڪمائيءَ تي ڄڻ پاڻي ڦيري ٿا ڇڏيون. پوڙهائپ ۾ پهچڻ وارن دنيا جي 75 ملڪن جي بزرگ مرد توڙي عورتن جي معاشي ۽ معاشرتي استحصال جي خاتمي لاءِ هڪ ادارو هيلپ ايج انٽرنيشنل (HelpAge International) ڪوشش ۾ رڌل آهي. فيبروري 2012ع ۾ هن اداري جي علائقائي نمائندي (Regional Reproductive) ڊيو ماٿر (Dave Mathur) سنڌو ماٿري جي ٽن ضلعن جيڪب آباد، شڪارپور ۽ بدين جو دؤرو ڪيو. پهرين هُن ضلعي جيڪب آباد ۾ هيلپ ايج پروجيڪٽ تحت جوڙيل بزرگ دوست تنظيمن سان ڪچهري ڪئي. ٻئي ڏينهن ڊيو ماٿر ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ سعدالله ناپر ۾ ڇهن بزرگن دوست تنظيمن جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ڪچري ڪئي. او.پي.اي (OPA - Older People Association) جي صدر چاچي صوفن خان آجيان ڪندي ڊيو ماٿر کي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو. بزرگ دوست تنظيم "اسعدالله ناپر" جي خزانچي محمد صديق ناپر پنهنجي تنظيم متعلق ٿيل ڪم ڪار جو تفصيل پيش ڪيو. ڊيو ماٿر کي پنهنجي بزرگ دوست تنظيم ۽ پروجيڪٽ ذريعي ٿيل ڪم ڪار، انهن جي مفيد نتيجن ۽ مستقبل جي منصوبن ۽ اميدن بابت ڳالهيون ڪيون. ڪچهري دوران ڊيو ماٿر بزرگ دوستن کان "بزرگ" لفظ لاءِ عمر جي حد پڇا ڪئي. يعني ڪهڙي عمر واري کي بزرگ دوست تنظيم جو حصو بڻجڻ گهرجي. ڪچهري ۾ ويٺل عهديدارن ۽ ميمبرن پنهنجا خيال ونديا. سڀني جي گڏيل صلاح اها بيٺي ته 50 سالن جي عمر وارن کي تنظيم جو حصو بڻجڻ گهرجي.

هلندڙ گفتگو دوران ڊيو ماٿر بزرگ دوستن کان پروجيڪٽ تحت ملندڙ قرض (Community Revolving Fund) ۽ ان جي طريقهءڪار، قائدن بابت پڇا ڪئي، ته ڇا قرض بزرگ دوست (ميمبر) کي سڌوسنئون ڏجي يا هن جي اولاد کي بہ؟ ته جيئن هو اڳتي وڌي سگهن. بزرگ دوستن ڊيو ماٿر کي ٻڌايو ته قرض سڌوسنئون بزرگن کي ملڻ گهرجي ته هو پاڻ کي مستقبل محفوظ سمجهن، ۽ سماجي حفاظت Social Security جي خاطري پڻ انهيءَ ۾ آهي.

غربت ۽ ٻوڏ جي ستايلن ڊيو ماٿر کي پنهنجي اهنجن ۽ تڪليفن کان آگاهہ ڪيو، ۽ ٻڌايو تہ هنن کي زراعت لاءِ ٽيوب ويلن جي مدد گهرجي، تہ جيئن وقت سر فصلن کي پاڻي ڏئي ناڻو ڪمائي پيٽ گذر ڪريون، ۽ گڏوگڏ ملڪي معيشيت جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ حصيدار بڻجي سگهون.

هن ميڙ ۾ آيل ٻين بزرگ دوست تنظيمن جي عهديدارن پڻ پنهنجو پنهنجو حال احول ڏنو، هنن هيلپ ايج انٽرنيشنل پاڪستان پروگرام ۽ سرسو جا ٿورا مڃيندي چيو تہ هاڻي اسان جا وڪريل احساس ۽ وڃايل وقار موٽيو آهي ۽ اسين محسوس ڪريون پيا تہ هن وقت بہ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان لاءِ ڪارآمد آهيون.

آخر ۾ ڊيو ماٿر سڀني آيل بزرگ دوستن ۽ نوجوانن جو ٿورو مڃيو ۽ چيو تہ توهان جون ڳالهيون مون نوٽ ڪيون آهن ۽ آءٌ پنهنجي اختيارن جي آڏو رکندس. هن پاڪستان پروگرام ۽ سڀني ساٿي تنظيمن خاص ڪري سرسو جي ڪيل خدمتن کي ساراهيو ۽ آخر ۾ پوري ڳوٺ جو دورو ڪيو.

# عورت سورمي آهي

سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پالا وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.

محمد صديق ابڙو
APO-HRD سکر

خدا جي تخليق ڪيل ڪائنات ۾ اُها اندلني ڪائنات اوستائين ٻُسي ٿي لڳي جيستائين ان ۾ عورت جو ذڪر موجود ناهي. عورت نانءُ آهي محبت، پيار، پاٻوهہ، پنهنجائپ، رحم، فڪر، صبر، وفا، جفاڪشي جو، ۽ اُن انيڪ گُڻن واري تخليق کي جيڪڏهن پاسي تي رکجي تہ موٽ ۾ اڻ ڳڻيون ٻي واجبيون پلئہ پون ٿيون. ان ڪري جيڪڏهن عورت جو ذڪر ئي نہ ڪجي تہ اُها تخليق بي مزي ٿي وڃي ٿي. عورت ۽ مرد جي تخليق ساڳئي طريقي سان ٿي آهي، جنهن جي ثابتي غور، فڪر ۽ تحقيق مان پڻ معلوم ٿي چُڪي آهي.



ڪائنات جي ست رنگي جهان ۾ جهاتي پائجي ٿي تہ اُهو واضع پيغام ملي ٿوتہ هن انساني معاشري جي سموري جوڙجڪ ۾ وڏيڪ اثرائتو ڪردار عورت جوئي آهي. عورت سواءِ جسماني فرق ڪان ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهي. چوتہ تحقيق مان پتو پيو آهي تہ دنيا جو اهڙو ڪوبہ ڪم ڪونهي جيڪو عورت نہ ڪري سگهندي هُجي.؟ باقي اهو اسانجو معاشرو طئہ ٿو ڪري تہ مرد کي کهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ عورت کي کهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، معاشري ورهائي ڇڏيو آهي تہ مرد کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ عورت کي ڇا ڪرڻو آهي؟ اُن سڄي وايومنڊل ۾ هڪ پاسو بلڪل خالي ٿو نظر اچي اهو آهي اسان جي ڳوٺاڻي عورت جو جنهن جي حقن کي صدين ڪان وٺي ڪچليو ويو آهي سندن جا حق غضب ڪيا ويا آهن، شعوري ۽ ترقيءَ جي ڌارا ڪان ڪين بلڪل ڪٽيو ويو آهي. عورتن جا انساني حق ڇڻ تہ ڪو شڪاري باز ڪنيي ڪٽي ويو هجي. سڀ راهون رستا، سوچون پهرن ۾ پيل آهن. اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو ٿو ابري تہ پاڻ وٽ اها کهڙي ترڪيب هُجي، جنهن سان اسين ڪروڙين عورتن جي آواز کي گڏ ڪري انهن ڪردارن کي رُڪ جا چٽاچبڙائجن جن استحصال ڪندي هميشہ عورتن کي پنهنجو غلام اِبن غلام رکيو اچن ٿا.



جيڪڏهن هڪ سرسري نظر ڪراچي ڪان ڪشمور ۽ ڪارونجهر ڪان ننگرپارڪر تائين ڦيرايون ٿاتہ هڪ نهايت افسوس ناڪ صورتحال سامهون اچي ٿي تہ سنڌ ۾ اُهي پوتارڪي ڪلچر جون پاڙون ڏاڍيون مضبوط آهن. جن جي اڳيان عورت جُتي جي برابر ليکي وڃي ٿي. وڏن ڪوٺن ۾ بند اهي عورتون جن جي زبانن تي صدين ڪان وٺي تالا لڳل آهن. ڪي نياڻيون ويچاريون ڪارنهن جي الزامن ۾ ماريون ٿيون وڃن. اهو ظلم، ڪوس اڃان تائين جاري آهي. پڻڪن جي ورن ۾ غيرت جي نانءُ تي انائون لامارا ڏيئي رهيون آهن، آزادي ۽ انساني ترقي جي هن دور ۾ بہ اسان جتي ڳوٺن ۾ عورت جي آزادي، خودمختياري يا چارديواري جي ڪوٺن ڪان ٻاهر نڪرڻ ڪاريهر تي پير رکڻ جي برابر آهي. خوف ۽ دهشت جو ننگو ناچ گهٽي گهٽي ۾ جاري آهي، اهڙي دور ۾ عورت کهڙو ڪردار ادا





ڪندي؟. اهو اهم ۽ وقتائتو سوال آهي. جنهن جو جواب نہ تہ انساني حقن لاءِ پتوڙيندڙن وٽ آهي ۽ نہ ئي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺل پوتارن وٽ. جنهن دور ۾ عورت جي ووٽ جي ڪا اهميت ئي نہ هُجي، ڪيس خبر ئي نہ هُجي تہ هن جا بہ ڪي انساني حق آهن. هن جي رحم جوڳي حالت تي آخر ڪير اٿندو جو گهاٽي جي چڪي ۾ پيسيل عورتن جي مالڪي ڪندو. دوا جي ڏُک لاءِ تڙپي تڙپي جان ڏيندڙ عورتن کي ڪير سهارو ڏيندو؟ غربت، بُک، بدحالي ۽ مسڪيني جي ٿياس تي ٿنگجي زندگي جي جنگ هاري ويهندڙ عورتن جو پرجهلو آخر ڪير ٿيندو؟ ڇا اهڙو ڪو مسيحا ايندو جيڪو اُنهن ماڻهن جا اهنج گهٽائي سگهي، وهندڙ ڳوڙها اگهي سگهي، عورت مان انقلاب ۽ تبديلي جي اميد ضرور ڪرڻ گهرجي. پر پهرين هُن کي سماج لاءِ ڪارائتو ڪردار ڪرڻ جي لائق تہ بنايو!؟

هي سڀ ڪجهہ ڪير ڪندو؟ ۽ ڪڏهن ڪندو؟ جنهن جي ڪابہ خبر ڪونهي ۽ هي اهڙو سوال آهي جنهن اندر ۾ موجهارا پئدا ڪري ڇڏيا آهن. پر مايوسي گناهہ آهي. مايوسي بلڪل ناهي ٺيڪ.

هاڻي سماجي تحريڪن پوري دنيا ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائي اهو نعرو ڏيئي انقلابي قدم کنيان آهن تہ هي ايڪويهين صدي، انساني آزادي خاص ڪري عورتن جي سياسي، سماجي، معاشي، اخلاقي ۽ انساني حقن لاءِ جاڪوڙ جي صدي آهي. ۽ بين الاقوامي تحريڪن اهري مظبوط شڪل اختيار ڪئي آهي جو ايڪويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ۾ ان جا اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا آهن. جيڪو پڻ هڪ مثبت پهلو آهي. جڏهن تہ هي سمورو ڪم سجاڳي جو سياسي پارٽين کي ڪرڻ گهرجي پر بدقسمتي سان هتي سياسي ادارا اڃان بحال نہ ٿيا آهن يا انهن



ڪڏهن بہ پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي زحمت ئي نہ ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتون اڄ بہ خوف ۽ دهشت جي کُن ۾ ڦاٿل آهن، سنڌ جي اُترين ضلعن ۾ سنڌ جي معتبر اداري سرسو جڏهن اهو ڪم هٿ ۾ کنيون تہ شروع ۾ تہ ڄڻ ناممڪن پئي لڳو. هر ڪنهن کي اهو انديشو هوتہ جاگيردار جي رحم ڪرم تي ساهہ کڻندڙ ماڻهو هن سفر ۾ ڪيئن شامل ٿيندا.؟ پر دنيا ڏٺو ۽ ڏسي پئي تہ سرسو دنيا جي ماڻهن ۽ سڄاڻ سماجن جي اُتل پُتل جا تجربا ڪٺي جڏهن ڪم شروع ڪيو تہ ڏسندي ڏسندي ڏندن ۾ آڱريون اچي ويون تہ ڇا سنڌ جون عورتون ايڏيون ساڃاهوند، هنرمند، عقلمند ۽ ڏاهيون پڻ آهن. جيڪي سرسو جي انهن سپنن جون ساڀيائون بڻجي ميدان عمل ۾ آيون تہ هي عقل جي، هي علم جي هي سماجي نا انصافين جي خاتمي جي، هي هنر جي، هي رابطاڪاري جي، هي خوف جا ڪارا ڪڪر ڊاهڻ جي صدي آهي.

سَـــڌائِـتِـي سَـيَـڪا، بُـکَ نہ بـاسـي ڪا؛
جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جي، جُنبشِ ڪانهي ڪا؛
مـون سـي هـلـي سـا، جا جيءُ مِنو نہ ڪـري. "شاهہ"

جڏهن يورپ، آفريڪا، ايشيا جون عورتون گڏ ٿيون ٿين تہ اُتي دنيا کي آزادي، امن ۽ پيار ڏيندڙ موئن جي دڙي جون عورتون بہ انهن کان گهٽ ناهين. جنهن مستقل مزاجي سان ڏاهپ سان سنڌ جي عورت اڳتي اچي پئي تہ ان لاءِ هاڻي ڪجهہ ڏهاڪن جي انتظار جي ضرورت آهي ۽ ڏسبو تہ سنڌ جي ڳوٺن جون عورتون سماجي سرشتي ۾ ڪيئن نہ جڪڙجي وڃن ٿيون. هنن کي سرسو اداري پهريون ڀيرو جيئڻ جو احساس ڏياريو آهي تہ اوهين هن سماج لاءِ ايترو ڪارائتو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿيون، جيترو اسان جون ڀيون عورتون ڪري سگهن ٿيون. هي عمل انهن جاگيردارن جون ضرور ننڊون ڦٽائيندو. جڏهن وستين، واهڻن ۽ ڳوٺن مان برابري، سراسري، هڪجهڙائي جون

# جتي همت آ، اُتي منزل آ

پتنگ چائين پاڻ کي، تہ اچي آڳ اجهاءِ!
پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

ساجد حسين ابڙو
APO-MER سرسو، سکر

عورت تاريخ جي هر حصي ۾ مرد جي تابع ۽ غلام رهي آهي. حالانڪ عورت کي آدم جي ڪک مان پيدا ڪيو ويو تہ جيئن ان سان برابر رهي. موجوده دؤر ۾ دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ عورت کي مساوي برابري ڏيارڻ لاءِ جنگ وڙهي رهيا آهن. جن مان پاڪستان پڻ هڪ آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ عملن اهو فرق ختم ٿي نہ سگهيو آهي. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ اڄ بہ عورت کي ڪمزور سمجهيو ٿو وڃي. اڄ جي جديد دؤر ۾ بہ عورت مرد جي ٻانڌي آهي. عورت تي ظلم تشدد ۽ زيادتيءَ جا هر روز ڪئي واقعا اخبارن ۾ شايع ٿين ٿا جن کي پڙهڻ سان لڳ ڪانڊارجيو وڃن ۽ انسانيت تان جڻ ويساهہ ئي کڄيو وڃي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ عورتن تي ظلم ۽ تشدد اجان بہ وڌندو پيو وڃي. ڪڏهن عورت کي غيرت جي نالي تي قتل ٿو ڪيو وڃي، ڪڏهن ان تي گاسليٽ هاري باهہ جو کاڄ بڻايو ٿو وڃي تہ وري ڪڏهن ان جي منهن مٿان تيزاب ٿو هاريو وڃي. ڪڏهن ان کي سڱ چٽيءَ ۾ وڪڻيو ٿو وڃي تہ ڪڏهن جرڳن جي فيصلن ۾ خون بها ۾ ڏنو ٿو وڃي. مطلب تہ عورت کي اسان جي معاشري ڪوبہ بنيادي حق حاصل نہ آهي.



گذريل 9 سالن کان سرسو سنڌ جي اترين 9 ضلعن ۾ غربت گهٽائڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ۽ جدوجهد سان غريب ۽ لاچار ڳوٺاڻين عورتن جي مدد ۽ همت افزائي ڪئي. ڳوناٽيون غريب عورتون جيڪي پنهنجين زندگين مان بلڪل مايوس ٿي چڪيون هيون. انهن جي زندگيءَ ۾ ڪو اميد جو ڪرڻو پَري پَري تائين نظر نہ پئي آيو. جيڪي عورتون سالن کان ظلم ۽ تشدد جو شڪار ٿينديون رهيون. اڄ اُهي عورتون پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ جي مسڪين ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ سرگرم عمل آهن. انهن ڪاهوڙي عورتن مان هڪ فعال ڪارڪن مسمات نسيم جنهن جو تعلق يونين ڪائونسل وزير آباد ضلع شڪارپور جي ڳوٺ شاهو لباڻو سان آهي. مسمات نسيم کي هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ جي اولاد آهي. مسمات نسيم جو گهر ٻن ڪمرن تي مشتمل هڪ ڪچو گهر آهي. نسيم هڪ عام رواجي عورت آهي، سندس مڙس غلام نبي چوهاڻ جيڪو هميشہ بيمار رهندو هو. ۽ هوءَ گهر جي چارديواري تائين محدود رهجي وئي هُئي. مڙس جي بيماريءَ سبب پاڻ چارديواري تائين محدود رهڻ سبب سندس گهر جي حالت روز بہ روز بد کان بدتر ٿيندي پئي وئي. ان مجبوريءَ سبب هن پنهنجي پٽ کي روز اسڪول موڪلڻ بجاءِ مزدوري تي موڪيلندي رهي تہ جيئن گهر جي چلهہ ٻري سگهي. نسيم جون ڳوٺ ۾ ڪجهہ ساهيڙيون هيون جن نسيم کي سرسو پاران جوڙيل تنظيم "چانوَ" ۾ شموليت ڪرائي، پهريان تہ هوءَ ڊنل هئي تہ الائي ڇا ٿيندو. پر پوءِ ٻيو ڪو چارو نظر نہ ايندي تنظيمي سجاڳي ۾ حصيدار بڻجي وئي. جيئن تہ پاڻ هڪ باهمت عورت هُئي. انهيءَ ڪري هن کي تنظيم ۾ نائب صدر جو عهدو ڏنو ويو. تنظيم ۾ واڳجڻ کانپوءِ نسيم ڀلائي جي ڪمن

۾ سرگرم رهي ۽ سخت محنت ڪئي. سرسو نسيم ڪي مختلف شهرن ۾ تربيتون به ڏياريون. نسيم جي ڪم سچائي ۽ همدردي ڪري هن ڪي LSO آواز جو وائيس چيئرپرسن پڻ بڻايو ويو. نسيم ڏنو ته حڪومتي ادارا ۽ اين.جي.اوز ڳوٺ ۾ مدد ۽ ڀلائي جي ڪمن لاءِ اچن ٿا، پر غريب ماڻهن جا ڪم ڪونه پيا ٿين. انهيءَ سبب ڪري هن عورتن کي گڏ ڪري آگاهي ڏني ۽ سيني سان ملي ڪري رهيل عورتن جا 650 شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي. نسيم جو چوڻ آهي ته جڏهن به زڪوات ۽ ڪا اين.جي.اوز ڀاران امداد وغيره جو ڳوٺاڻين عورتن کي موقعو ملندو هو ته صرف ان ڪري رهجي پئي ويون ته هنن وٽ ڪمپيوٽرائزڊ شناختي ڪارڊ ٺهيل نه هيا.



نسيم جو ٻيو هڪ بهترين ڪم جنهن هن کي وڏيڪ عزت بخشي اُهو آهي پنهنجي LSO جي ميمبرن ۽ ٻيا وارن ڳوٺن جي عورتن سان گڏجي گهٽي وقت کان بند پيل 3 اسڪول کولرايا، جنهن ۾ هن وقت 350 ڇوڪرا ۽ 315 ڇوڪريون تعليم جهڙي زيور سان پاڻ کي منور ڪري رهيا آهن. ۽ ڳوٺ جي 52 بيروزگار نوجوانن کي تنظيم جي سجاڳي مُهم ذريعي نسيم همت ۽ حوصلو ڏياري آرمي ۾ موڪليو جيڪي هن وقت پنهنجون ڊيوٽيون سر انجام ڏئي رهيا آهن. هن ڳوٺ جي ۽ خاص پنهنجي گهر ۾ ٿيندڙ بيماريءَ جي ٿياس ۾ تپندڙ ان درد کي محسوس ڪندي نسيم تقريباً سڄي ڳوٺ جي مائڪرو هيلٿ انشورنس پڻ ڪرائي آهي. ۽ ڳوٺ جي مختلف عورتن ۽ مردن کي هنرن جون سکيائون پڻ ڏياريون. جن مان 134 ڇوڪريون ۽ 125 ڇوڪرا شامل آهن. تن مان هن وقت 168 مرد ۽ عورتون پنهنجي مدد پاڻ تحت روزگار ڪمائي رهيا آهن.

مطلب ته نسيم پنهنجي ڳوٺ جي وڌ کان وڌ ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ فعال ڪارڪن آهي. انهيءَ جفاڪشي ۽ محنت کي مانُ ڏيندي مختلف ميڊيا ۽ اخبارن پڻ نسيم جي محنت کي ۽ تنظيم جي ڪارڪرگيءَ کي پڻ ساراهيو آهي.

*** سهڻا سخن ***

- اهو شخص جلدي مري ويندو جيڪو صرف پنهنجي لاءِ زنده آ، اهو شخص ڪڏهن به نه مرندو جيڪو ٻين لاءِ زنده هجي.
- اي ڀلا ماڻهو دنيا جي عيش جو ٽٽڻ وڏين وڏين لهرن جي ٽٽڻ وانگر آهي. زندگي لمحي ۾ تباه ٿيڻ واري شيءِ آ، جواني جو سک چند ڏينهن جو آ. وڏن ماڻهن سان تعلقات عارضي آ، هن دنيا کي فاني سمجهي ڪري ٻين جي ڀلائي ۽ بهتري ۾ لڳا رهو.
- ٻين سان نيڪ سلوڪ اهو ڪندو آ، جيڪو خود زيادهه مصيبتن ۾ مبتلا رهي چڪو هوندو آ.
- نيڪي جيڪا به ڪري سگهو ٿا ڪريو. جنهن به ذرائع کان ڪري سگهو ٿا ڪريو. جنهن طرح به ڪري سگهو ٿا ڪيو. جتي به ڪري سگهو ٿا ڪريو. جڏهن به ڪري سگهو ٿا ڪريو. جنهن سان به ڪري سگهو ٿا ڪريو ۽ جيستائين به ڪري سگهو ٿا ڪريو.
- خدا تعاليٰ عورت کي مرد جي پيشاني مان نه بنايو، ته ان تي حڪومت ڪري، نه پيرن مان ته ان جي غلامي ڪري، بلڪ پاسي کان تخليق ڪيو، ته جيئن عورت ان جي دل جي پرسان رهي.



# ڳوٺاڻي سطح تي توانائي بحران جو بهترين حل

محمد عارف
لاڙڪاڻو سرسو يونٽ آفيس

اڄڪلهه پوري دنيا توانائي جي بحران جي ور چڙهيل آهي. خصوصاً سنڌ جو ته حال ئي پورو آهي. اسان جي آبادي جيڪا ٻهراڙي تي مشتمل آهي، سا سادي طريقي سان ان بحران مان نڪري سگهي ٿي.

بايو گئس پلانٽ: ان جو حل آهي ان ۾، سائو گاهه، وڻن جا سڪل پتا، ميونسپل يا ٻورچي خاني جو ڪچرو يا وڻن جي پاڻ جي ڪيميائي تبخيري ڪندي، ان مان ٻرندڙ گيس حاصل ڪرڻ واري عمل کي بايو گئس چئبو آهي. هن گئس ۾ تبخيري عمل دوران آڪسيجن جو بنهه گهٽ هجڻ تمام ضروري آهي. هي ٽيڪنالاجي جيمس آرهنڊيمر لڌي.

وڻن جي پاڻ يعني مال جي ڇيڻي مان آساني ۽ ڪاميابي سان بايو گئس حاصل ڪئي ويندي آهي. هن عمل لاءِ سادي طريقي سان پلانٽ لڳايو ويندو آهي. هڪڙي مينهن يا ڳئون روزانه تقريباً 15-10 ڪلوگرام ڇيڻو ڏي ٿي، جنهن مان هڪ مڪعب فوٽ گئس تيار ٿئي ٿي. اهڙي طرح روزانه 50 مڪعب فوٽ گئس حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن ڪان پنجن جانورن جي ڇيڻن جي ضرورت پئي ٿي؛ جنهن مان هڪ گهراڻي جي ڇهن ڪان ستن ماڻهن جو ڪاڌو ۽ روشني جو انتظام ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن پاڙي جي سطح تي بايو گئس پلانٽ لڳائڻو آهي ته هڪ گهراڻي جي گهرج مٿئين فارمولي تحت رکي پاڙي جي گهرج جي Capacity موجب پلانٽ لڳايو وڃي. ننڍي گهراڻي لاءِ 50 مڪعب فوٽ گئس گهربل آهي. جنهن لاءِ 75 پائونڊ ڇيڻي ۽ پاڻي جي ضرورت آهي ۽ وڏي گهراڻي لاءِ 110 ڪان 125 پائونڊ گهرجي. بايو گئس ۾



مٿئين ($CH_4$) = 50-75%

ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ($CO_2$) = 25-50%

آڪسيجن . = $C_2$ 2%

هائيڊروجن سلفائيڊ = 10%

هائڊروجن سلفائيڊ H25 10% گهم جي صورت ۾ موجود هوندي آهي. بايو گئس کي قدرتي گئس طور به سڃاتو وڃي ٿو.

عام طور تي هڪ مينهن يا ڳئون مان هڪ ڏينهن ۾ 15-10 ڪلوگرام ڇيڻو حاصل ٿيندو آهي. عام طور هڪ مڪعب فوٽ گئس حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پائونڊ ۽ هڪ پائونڊ پاڻي گهربل هوندو آهي. اهڙي طرح روزانه 50 مڪعب فوٽ گئس حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 3-5 جانورن جي ضرورت پوندي آهي، جنهن مان هڪ گهراڻي جي رڌ، پچاءِ ۽ روشني لاءِ گهربل بايو گئس جي ضرورت پوري ٿي ويندي آهي. گهراڻو اگر وڏو آهي ۽ انهن کي پولٽري فارم به آهي تڏهن به هو 100 مڪعب فوٽ گئس مان ضرورت پوري ڪري سگهن ٿا. ويڙهي يا CO لاءِ 110 ڪان 150 مڪعب فوٽ گئس جي ضرورت پئي ٿي.

ڳوٺاڻي سطح تي گهٽ ۾ گهٽ 150-100 ٽائين مينهن يا ڳئون جي هجڻ سان ڪاميابي سان بايو گئس پلانٽ هلائي رڌ پچاءَ ۽ روشني جو بندوبست ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طريقي سان بايو گئس پلانٽ کي هلائڻ لاءِ برابر مقدار ۾ ڇيڻو + پاڻي گهربل هوندو آهي.

گئس ٺهڻ کانپوءِ جيڪو نامياتي مادو بچي پوندو آهي. ان ۾ نائٽروجن جو جهجهو تعداد موجود هوندو آهي، جيڪو زرعي ڀاڻ طور پڻ قطب اچيتو. زرعي معاشرو بايو گئس مان صاف ماحول رکندي پنهنجي ترقي ۽ آمدني جو پلان جوڙي ته هوند هنن کي قرض کڻڻ، گهٽ پئداوار حاصل ڪرڻ جهڙن هاجيڪار نقصانن کان بچاءُ ٿي سگهي ٿو. هن پلانٽ هڻڻ لاءِ گهراڻي سطح تي پلانٽ لڳائڻ لاءِ 60-50 هزار روپيہ لاڳت اچي ٿي.

سنڌ سونهاري وسيلن سان مالا مال هوندي بہ بنهہ پٺر واري دور ۾ ڏکي وئي آهي. 21 صدي جي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ تہ محال آهي. پر ان منظر ۾ اسان ليئو يا جهاتي بہ پائي ڪجهہ ڏسي پسي يا مشاهدو ڪرڻ جي تڪليف نٿا ڪريون. ان سڀني مامري ۾ لقاءِ جو سبب ”علم“ جو نہ هجڻ، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جستجو جو نہ رکڻ آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسين جياپي جي جنگ هرگز کٽي ڪونہ سگهنداسين.



**پلانٽ لڳائڻ جو طريقہ‌ڪار :** پهريان اهو طئي ڪيو وڃي تہ بايو گئس پلانٽ گهراڻي، پاڙي يا ڳوٺاڻي سطح تي لڳائڻو آهي. تہ پوءِ ان موجب هڪ مقرر سائز جو کوهہ کوٽيو وڃي ۽ ان کي اندران ۽ ٻاهران سيمينٽ ۽ سرن سان پڪو ڪيو وڃي. کوهہ جي تري کان تقريباً 10-8 فوٽ مٿي پريشر ڊرم (ڊائجسٽر) لڳايو وڃي. اهڙي طرح ان ۾ ڇيڻي ۽ پاڻي جي وجهڻ لاءِ وٽي ڇڏي وڃي.

اڄڪلهہ بايو گئس پلانٽ هڻڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي اچي وئي آهي. مخصوص ڪمپنيون پڻ اهو ڪم ڪري رهيون آهن. پاڪستان ۾ بايو گئس پلانٽ 1959ع ۾ متعارف ٿيو. هن سان ماحول ۾ گدلاڻ بنهہ ڪونہ ٿي ٿئي. هڪ برطانوي ڪمپني هيراڊ لانڍي ڪراچي جيڪا پنج لک مينهن جي آبادي وارو خطو آهي، اتي هڪ وڏي Capacity وارو بايو گئس پلانٽ هنيون. جنهن جي پئداوار 486 ميٽر ڪيوبڪ فوٽ گئس آهي. ان پراجيڪٽ جي لاڳت ۾ پنجاهہ لک ڊالر خرچ ڪيا ويا.

بايو گئس توانائي بحران جو سولو، سستو ۽ Safe آلودگي کان پاڪ متبادل حل آهي. دنيا ۾ بايو گئس تي، جنريٽر، گاڏيون، ٽيوب ويل، پولٽري فارم، مشينون وغيره هلايون وڃن ٿيون. زراعت سان وابسطہ طبقي سڌريل دنيا ۾ بايو گئس مان گهڻا فاعدا حاصل ڪيا آهن. ڳوٺاڻي سطح تي روشني، گئس، زراعت لاءِ گهربل ٽاٽا، ڊيهائڊريشن پلانٽس، مينوئل مشينري، پٽاٽو، ٽماٽو، گرم مصالحن لاءِ گهربل پلانٽس کي هلائڻ لاءِ چين، ڀارت، ڪوريا هن ٽيڪنالاجي مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪندي، ٻهراڙي جي زرعي طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي جيئري ئي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي.

اسان سنڌ واسين کي بہ گهرجي تہ هن ٽيڪنالاجي کي سمجهون ۽ عمل ۾ آڻي، ترقي طرف وک کڻون. ۽ جدوجهد، محنت ڪندي پنهنجو پاڻ کي بحرانن مان ڪڍون.



# جندل جو گهر

رپورٽ:
شاهد حسين ابڙو
SPO-MER سکر

مسمات جندل ضلعي جيڪب آباد جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جونگل جي رهواسڻ آهي. سندس مڙس عبدالله جي هن وقت عمر 81 سال آهي. جواني کان پيرڙهيءَ تائين ڏکي سفر جي جيون ساٿين هن وقت پوڙهائپ ۾ پير پاتو آهي. عبدالله جيڪو هن وقت معذور آهي ۽ ٻي ساڪين جي سهاري گهمي ڦري زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهيو آهي، سو ڪمائڻ جهڙو به نه آهي.

عبدالله 1957ع کان اڳ ٻُتن جي پوڄا ڪندو هو. هن تي الله جي مهرباني ٿي ۽ هن اسلام قبول ڪري پنهنجو نالو عبدالله رکيو، ۽ پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ جندل سان پيار جو پرڻو ڪيائين.

مسمات جندل کي ٽن ڌيائين ۽ ٽن پٽن جي اولاد آهي. هن جي هڪ ڌيءَ جي شادي بلوچستان ۾ ٿيل آهي ۽ سندس ٻن پٽن جي به شادي ڪرائي اٿس جيڪي به هن کان الڳ رهندا آهن. سندس ٻه نياڻيون سندس گهر جو ڪم ڪار ڪنديون آهن. مسمات جِندل جو ننڍو پٽ ڪفايت الله جيڪو پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ رهي ٿو، هو هنن جي ڪمائي جو واحد سهارو آهي. ڪفايت الله کي پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو دوڪان آهي، جنهن مان ئي سندن جي گهر جو چرخو هلندو پيو اچي.



ٻوڏ کان اڳ مسمات جندل گهر ڀاتين ۽ معذور مڙس عبدالله سان گڏ ٻن ڪمرن تي مشتمل هڪ ننڍڙي گهر ۾ پنهنجي ڏکي سُکي زندگي گذاري رهيا هُئا، پر جيئن ته قدرتي آفتون هميشه پاڻ سان گڏ وڏي تباهي آڻينديون آهن. گذريل سال جڏهن دريائي ۽ ساموندي وهڪرا متي اٿيا ۽ پاڻيءَ جي ڇولين گجگوڙن بند ۽ شاخون ٽوڙيون ۽ وهڪرن نماڻن ماڻهن جي اجهن ڏانهن رُخ ڪيو تڏهن ويچارن ماروئڙن جا ڪيترائي ارمان ۽ آسون انهن وهڪرن ۽ ڇولين سان گڏ لڙهي ويا. انهن ڇولين ۽ وهڪرن مائي جندل جون به خوشيون ۽ سڀ ارمان لوڙهي ڇڏيا، مسمات جندل جي گهر جو سڀ سامان، مال متاع لڙهي ويو صرف پنهنجي گهر ڀاتين سميت سِرَ بچائي ٻاهر نڪتا ۽ رُخ ڪيائون بلوچستان جو جتي سندس نياڻي پرڻيل هُئي. پر مائي جندل کي ڪٿي خبر هُئي ته بلوچستان ۾ به سندس نياڻي جو گهر انهن وهڪرن جي وَرِ چڙهي ويو آهي. بحرحال جڏهن مسمات جندل ۽ سندس ڪٽنب بلوچستان مان ڪجهه عرصي بعد واپس پنهنجي اباڻي ڪکن ڏانهن وريا ته ڳوٺ ۾ ويراني ئي ويرائي ڇانيل هئي ڪجهه به نه بچيو هو. مائي جندل ۽ سندس معذور مڙس اهو سوچيو ته هاڻي ڇا ڪجي ڪيڏانهن وڃون ٻن نوجوان نياڻين سان کليل آسمان هيٺ ڪيئن رهون. هاڻي مسمات جندل وٽ به ئي رستا هئا يا ته پنهنجي ان گهر ۾ رهي جيڪو بلڪل ختم ٿي چڪو هو يا وري سرڪار طرفان مهيا ڪيل ڪئمپن ۾ ڏکيا ڏينهن گذارن. هو بلڪل خالي هٿين ٻي يارومددگار ٿي وئي. قدرتي آفتن وڏي تباهي آندي ۽ هن ڏکي گهڙي ۾ سرسو مسمات جندل جي ڳوٺ ۾ پهتي ۽ هنن کي پنهنجائپ جو احساس ڏياريو ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي. سرسو جي ڪارڪنن هن ڳوٺ جي تباهڪاري جو جائزو ورتو ۽ سندن کي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ خاطري ڏياري ۽ کين چيو ته اسين توهان سان گڏ آهيون. حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي سهڪار سان اسين توهان کي گهر ٺهرائي ٿا ڏيون. ۽ مسمات جندل کي چيو ته توهان پنهنجي نگراني ۾ گهر ٺهرايو، اسين توهان سان گڏ آهيون، پئسا اسين توهان کي ڏيون ٿا. پوءِ جلد پهرين قسط مسمات جندل کي ڏني وئي جيڪا هُن سٺي نموني پنهنجي گهر تي خرچ ڪئي. هن وقت مائي جندل جو ڪٽنب ساڳئي نموني سان پنهنجي گهر ۾ ٻي حد خوش ۽ سُکي ستابي زندگي گذاري رهيا آهن. سندن جو ننڍڙو دوڪان به هلي پيو. مسمات جندل جو چوڻ آهي ته اها مهرباني سرسو ۽ سندن ڪارڪنن جي آهي جن جي عظيم ڪوشش سبب هي ممڪن ٿي سگهيو آهي. سرسو جا لک ٿورا اسان مسڪينن مٿان.

وڃان ته ڪاڏي وڃان سڀ ڪجهه هتي آ،
پنهنجي گهر کان ٻاهر نه دنيا نصيب آ.



# غريب زرعي سماج لاءِ نجات جو نسخو

نثار احمد پٺاڻ
مئنيجر NRM سکر

سنڌ ماٿريءَ جا مارونڙا جن جو 80% سيڪڙو زراعت تي انحصار آهي. سي اوائلي دؤر ۾ ڏاڍا سارا هيا ويندا هيا. انهن جو ذڪر 1500 سال عيسوي صدي کان اڳ بہ هندو ڌرم جي ڪتاب رگ ويد ۾ ڪيل آهي. ان وقت جا برهمڻ، ڪپھ جون ڏوتيون ۽ جٽيا پائيندا هيا. توريت ۾ سنڌ جي ٺهيل ململ جو ذڪر "سنڌو" طور پڻ ڪيل آهي. سڪندر اعظم جيڪو عظيم فاتح هيو تنهن بہ 326 ق.م ۾ سنڌ جي فصلن ۽ آسودگي جو ذڪر ڪيو آهي.

تاريخ جا ورق اٿلائيندي پتو پيو تہ فرعون جي لاش کي جيڪو ڪفن پيل هو سوبہ سنڌ جي ململ هئي. عرب سياحن بہ سنڌ کي "جبل ياقوت، سندس وڻ معطر ۽ هن جو درياءَ موتي وهائيندڙ آهي" چيو آهي. ابن حوقل، المسعدي سنڌ جي ڪمند، زيتونن، صوفن، ليمن، انبن ۽ ڇهارن جي تعريف ڪئي آهي. هن اناج جي انبارن جوبہ ذڪر ڪيو آهي.

13 صدي ۾ مارڪوپولو ذڪر ڪري ٿو تہ سنڌو جو ڪپڙو دل لڀائيندڙ ۽ نفيس آهي. هن جا اناج خوشبودار آهن. يوسف ميرڪ، مارنق، منوڪي، هئملٽن اسڪاچ، ڊيل هوسٽ، يونسٽن، ايلائٽ باربوسا - بائنچر سنڌ جي پالڪ، موري ٻاجهري، مڪئي، گوار، السي، جوئر، گوگڙون، زيتون، مٽر، ڊاک، پٽاٽا، ڪٽڪ، ڪتل، ساريون، سرنهن، ڄانيو، هيرڻ، تماڪ ۽ ٻين ميون جو پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ٻي حد سارا هيو آهي.

سنڌ زرعي لحاظ کان پنجن خطن ۾ ورهائي سگهجي ٿي، جنهن ۾ اتر، لاڙ، ٿر، ڪوهستان ۽ وچولو اچي وڃن ٿا. انهن طبعي ڀاڱن ۾ ٿر ۽ ڪوهستان بارش تي آباد ٿيندا آهن. اتي آبپاشيءَ جو هن وقت تائين ڪوبہ مناسب انتظام نہ ڪيو ويو آهي. نهرون، ڊيم يا ڊنيون ڊورا نہ ٺاهيا ويا آهن. اتي بارش پوڻ ڪانپوءِ جوئر، ٻاجهري، تر، گوار، مڱ، هيرڻ، گدرا، ميها، هنداٽا پوکيا وڃن ٿا. اتر وچولي ۽ لاڙ وارا علائقا ميداني ڀاڱن ۾ شامل آهن، جيڪي نهري نظام وسيلي سيراب ٿين ٿا.

قديم سنڌوندي سينڌ جيان سڌي هجڻ ڪري سڌجي ٿي، جنهن مان هاڪڙو ۽ مهراڻو پڻ نڪرندا هيا. هاڪڙي جو وجود تہ هينئر ڪونهي پر مهراڻي کي ئي سنڌوندي سڏين ٿا. سنڌ ۾ اوائلي طور ڪافي قدرتي واهہ، ڊورا ۽ ڦاٽ هيا. پوءِ مقامي حاڪمن، پراڻ، نارو، ارل، ڦليلي، گوني، پنجاري، لڪي، ٻگهاڙ، گهاڙ واهہ، نور واهہ، شاهہ جي ڪڙ، بيگاري واهہ، نصرت واهہ کوٽايا.

انگريزن 1932 ۾ سکر بئراج ٺاهيو جنهن جو سهرو سر لائيڊ تي وڃي ٿو. هن جي ڪاٻي پاسي رائيس ڪئنال، دادو ڪئنال ۽ کيرٿر ڪئنال آهن. جڏهن تہ ساڄي پاسي روهڙي ڪئنال ۽ نارا ڪئنال اچي وڃن ٿا. هي ايشيا کنڊ جو وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام سڏجي ٿو.



زراعت ۽ انسان جو رشتو ايترو پراڻو آهي، جيترو انسان جو پئدائش ڪانپوءِ کاڌ خوراڪ جي لاءِ لوچ ۽ ڳولها آهي. اوائلي انسان خانہ بدوشي واري زندگي ترڪ ڪري، زراعت ڏانهن جڏهن رُخ ڪيو تہ دنيا جي سيني ملڪن سنڌ جي زراعت کي سارا هيو، مڃيو ۽ سنڌ سان ڪاروبار ۽ وهنوار جو ناتو رکيو. ان وقت جي ملڪن اهو پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو تہ زرعي سماج پوکي راهي ڪندڙ طبقا اتي آباد ٿيندا وڏندا ۽ ويجهندا. جتي

ميدان، پٽ ۽ پاڻي هوندو. زراعت جي گهٽائي ڪري مال متاع به واڌ ويجهه ڪئي ۽ ايئن سنڌ هڪ خوشحال خطي طور دنيا ۾ سڃاڻپ حاصل ڪري ورتي. اهڙي خوشحالي ڪي ڏسڻ لاءِ مهمان به ايندا رهيا. سندن نيت حالانڪ خراب هئي پر هتان جي معصوم ماروئڙن جن روزگار لاءِ انيڪ مسافريون ڪونه ڪيون هُيون ۽ ڪشالا ڪونه ڪاٽيا هيا، تن هنن جي ڀرپور مهمان نوازي ڪئي. هنن جي سادگي اياڻائيءَ غيرن ڪي لالچ ۾ آندو جنهن جا نتيجا تاريخ ۾ لڪيل آهن. زراعت سان جيڪي واڳيل هاري، زميندار، مقاطعيدار، آڙهيتي، واپاري، دلال، صنعتڪار، سيڙپڪار رهيا تن به دنيا تي نظر ڪونه وڌي. جديد علوم کان واقفڪاري ڪانه حاصل ڪئي. پرمارن وري امن امان جو بحران ۽ مسئلو پيدا ڪري، هتان جي زراعت ڪي ڪاپاري ڌڪ رسايو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي زراعت پنهنجو تاريخي اثاثو وڃائيندي رهي. زرعي جنسون ايجاد ڪندڙ، سياستدان پڻ خاموش تماشائي رهيا. هينئر صورتحال اها آهي ته جيڪي ملڪ اسان جي تعريف ڪندا هيا، سي هاڻ اسان کي امداد طور ڪڻڪ، اٽو، ٻج، پاڻ ڏين ٿا.



هي جديد دور آهي. پاڻ کي ڏوکي ۾ رکڻ بدران حق سچ جي اعتراف جو وقت آهي. اسان کي دنيا جي ترقي يافته ملڪن تي نظر رکڻي پوندي، تنهنڪري سنڌي قوم کي پنهنجا رويا بدلائڻا پوندا. سنڌي ماڻهن کي زرعي سماج واري دور کان نڪري زرعي صنعتي سماج ڏانهن وک وڌائڻي پوندي. ان لاءِ جاگيردار سرمائيدار کي پنهنجي خول مان نڪرڻو پوندو. ان سان ئي ترقي ٿيندي ۽ جياپي جي جنگ کٽي سگهبي. اسين خام مال مان صنعتون لڳائي سگهون ٿا. ٻيا صوبا سنڌ جي زرعي خام مال مان صنعتون هلائي رهيا آهن. پر، اسين اڃان خوشفهمي ۾ وڏا خوشحالي جا خواب ٿا لهون. جيڪي صنعتون زرعي پيداوار مان لڳي سگهن ٿيون تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

غذائي مصنوعات جي صنعت جن مان اناج، داليون، ميوا، ڀاڄيون اهم آهن. سارين جي ڪارخانن کان علاوه ٻاءِ پراڊڪٽس يعني توتڙ مان تيل ڪڍڻ، بسڪيٽ ٺاهڻ، ڪاغذ يا گتو ٺاهڻ شامل آهن. ڪپهه جي فصل مان ڏاڳو، ڪپڙو، تيل، گتو، کڙ، صابڻ جي ٺاهڻ کي ترقي وٺرائجي. اهڙي نموني بسڪيٽ، ڊبل روٽي، جام جيلي، ڪيڪ، پيسٽري، ميدو، سوجي، سيون پڻ زرعي صنعت کي ترقي ڏيارائي، تيار ڪري سگهجن ٿيون. جنهن سان ماڻهو مصروف رهندا. ناڻو ڪمائڻ جي ڪري جهيڙن جهڳڙن کان پڻ ٽريا پيا هوندا ۽ خطو به ترقيءَ ۾ هوندو. اهڙي طرح هر فصل ڪڻڪ، چانور، اٽو، ٻوسو، ڏارو، ڪٽي، جَوَ گهڻ رکي استعمال ۾ ايندي. بيشمار مست، Essence ۽ الڪوحل، بيئر ٺاهي سگهجي ٿو. مڪئي مان ڪڇ، ڦلا، تيل، اٽو، نشاستو، پاپڙ، کنڊ ۽ شربت جي ٺاهڻ کي پڻ خوراڪي اهميت حاصل آهي. ڪپڙي جي صنعت، ٻاچڪا، ڳوٽيون، پاڻ، هارڊ بورڊ، پنو، چپ بورڊ، جانورن لاءِ کڙ کي ترقي وٺرائڻ سان زرعي صنعتي معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو. سرنهن، توريون، ڪينولا، سورج مکي، ڄانپو، سويابين، پواڙي مان تيل ۽ گهه تيار ڪرڻ لاءِ پڻ ڪافي سارا ننڍا وڏا گهاڻا، ڪارخانه پيڪنگ ڪرڻ جون بوتلون ڊٻا ٺاهي سگهجن ٿا. ڪمند مان کنڊ، ڳڙ، بوگاس، شيرو مولينسر گتو ٺاهڻ لاءِ دوا سازي جي جڙي ٻوٽيون، تماڪ، پسارڪو ڪم، گرم مصالحن جا ڪارخانه، يوناني دوائون، ڪارخانن وسيلي ٺاهي سگهجن ٿيون، رڱو، اسپنگر، ادرڪ، سنڌ، هيڊ، جاڻ، جيرو، زيتون، تر، تماڪ، پنگ، ڌاتورو تي ننڍا توڙي وڏا ڪارخانه لڳائي قوم کي مشڪلات مان ڪڍي سگهجي ٿو. کجور مان ڪيڪ، آئل ۽ چونهارو بيشمار ناڻي ڏيڻ جو ذريعو آهي. پٽاٽن مان چپس ۽ ٽماٽن مان ڪيچ اپ ٺاهڻ، ميون جي رس مان جوس ٺاهڻ پڻ اهم آهن. وڏو منافعي بخش صنعتون آهن.

**کير مکڻ جي صنعت:** اڄڪلهه کير جي استعمال ۾ ايتري ته واڌ اچي وئي آهي جو نج کير جو ملڻ محال ٿي پيو آهي. کير جي صنعت تي دنيا ۾ وڏا وڏا ڪارخانه لڳي رهيا آهن. سنڌ واسين ان طرف توجهه ڪونه ڏني آهي.

**أن ۽ چمڙي جي صنعت :** چوپائي مال جي نہ صرف کير مکڻ جي ڪري اهميت آهي، پر ڪجھ گهرو جانورن مان أنَ، وار، ڏاس، کلون ۽ چمڙو جهجهي مقدار ۾ ملي ٿو. وڏن شهرن ۾ ڪوٽ، سوئيٽر، بوٽ، بٽڻ ٺاهڻ جا ڪارخانہ هلن ٿا. جيڪٽون، پرس، ٿيلها، گلم، غاليچا، لويون، ڪيسَ، ڪالين پڻ انهن مان ٺاهيا ٿا وڃن.

ماهيگيرن جي صنعت بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي، سنڌ جي مڇي تمام مشهور آهي. پَلو تہ اڻ لڀ ٿي ويو آهي. هي صنعت دريائي وهڪرن يا ڍنڍن ڍورن ۾ موجود ڍنيرو، ڪڳو، موراڪي، سينگاري، چرڪو، چاڪر تي مشتمل آهي. هن جي ڪاروبار ۾ گهڻو ئي فاعدو آهي. جيڪڏهن هن کي صنعت طور ليکيو وڃي تہ ! مڇيءَ جي رديءَ مان ڪئلشيم حاصل ٿئي ٿو. جو زرعي ياڻ طور يا دوائن ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو. ننڍي مڇي سڪائي ڪڪڙين جو فيڊ پڻ تيار ڪيو وڃي ٿو.

ٻيلن جي صنعت کي پڻ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. جنهن مان عمارتي ڪاٺ ۽ ٻارڻ جي ضروريات پوري ڪري سگهجن ٿيون. سبزين جي صنعت کي پڻ نہ سمجهيو ويو آهي.

**زرعي سماج ۾ ان سان منسلڪ آبادگارن، سرمائيدارن، آڙهيتن، واپارين، هارين، راهڪن، سياستدانن، زرعي ماهرن لاءِ انتهائي ضروري آهي تہ پنهنجي غريب زرعي سماج کي ٻُک، بدحالي جي ڏٻڻ مان ڪڍڻ لاءِ هنن کي زرعي صنعتي سماج طرف وٺيو وڃن تہ جيئن سنڌ ڌرتي تي آسودگي،** خوشحالي اچي سگهي ۽ اسين سنڌ واسي وري پنهنجي تاريخ تي فخر ڪري سگهون. تاڙي هڪ هٿ سان ڪونہ وڄندي آهي. زرعي ڪميونٽي تي بہ فرض عائد ٿو ٿئي تہ هو سڌ ۾ سڌ ڏئي حيرت انگيز انقلاب آڻڻ لاءِ پهرئين صف ۾ اچن.

هڪ خاندان جو ذڪر آهي تہ سندن وڏي تجارت هوندي هئي ۽ هنن جو واپار پوري ملڪ ۾ هلندو هُيو. بنگال ۾ سندن گهر هُيو. 1971ع واري پاڪ ڀارت جنگ ۽ ملڪ جي ڇڪتاڻ واري صورتحال ڪري، هنن جو واپار سخت متاثر ٿيو. ۽ ڪيترن ئي خاندانن جيان سندن ڏيوالو بہ نڪري ويو. هن خاندان جو هڪ چشم چراغ نوجوان هُيو. ڏاڍو پريشان حال! نوڪري جي تلاش ۾ رهندو هيو. ڪيس ٽپال ڪاتي ۾ هڪ ڪلرڪ جي آچ ٿي، پر هن پنهنجي خانداني نالي ۽ ڪوڙي انا کي آڏو رکيو. "مان هي نوڪري نہ ڪندم" منهنجو أتم ۽ اعليٰ ڪاروبار رهيو آ. اسين موروثي، خانداني ماڻهو رهيا آهيون، ماڻهن ڪيس صلاح ڏني تہ اها نوڪري ڪر، پوءِ تون ترقي ڪندين ۽ وڏو آفيسر ٿي ويندين. ان ڪان پوءِ هن جي شادي ٿي. بي روزگار جي ڪري سندس گذرسفر سخت ڏکيو پئي ٿيو. پر ڪوڙي انا سندس آڏو رڪاوٽ هئي، سماج جي ماڻهن ۾ اڃان هن پاڻ کي پئي وڏو تاجر سمجهيو. حقيقت جي دنيا کان ڏور، خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ پئي گذاريائين.

هو پنهنجي فرضي لباڙ پئي هرهنڌ هڻندو رهيو هُيو. ۽ ان جي ذريعي ڪوڙي تسڪين پئي حاصل ڪندو رهندو هُيو. ڏسندي ڏسندي هو ڇهن ٻارن جو پيءُ ٿي ويو. هاڻ هن لاءِ مسئلا ئي مسئلا هُيا. رشتيدارن هن کان منهن موڙي ڇڏيو. هو پنهنجي تباهي جو ذميدار ٻين کي پيو قرار ڏي.

هاڻ هرڪو ڪيس چريو چريو پيو سڏي، ان سان هن جي ذهني ڪيفيت ويتر خراب ٿيندي وئي ۽ بالاخر هو واقعي چريو ٿي پيو. ڪوڙي Superiority Complex ڪيس حقيقت کان پري رکيو.

ايئن اسين بہ پنهنجي پراڻي سنڌ جي زراعت جا پيا مثال ڏيون ٿا. خطي جي خوشحالي ۽ واپاري ترقيءَ جي ڪوڙي خول ۾ جيئون ٿا. ان سان اسين حقيقت جي دنيا کان انتهائي ڏور ۽ ڪوڙي وڏائي واري تونگري ۾ گذاريون ٿا. هن دنيا ۾ ڪوڙي وڏائي ۽ حقيقت پسندانہ نہ ٿيڻ کان وڌيڪ ٻي وڏي ڪابہ تباهي ڪونہ آهي. ان اڪثريت ۾ اسين، آبادگار، سياستدان ۽ زرعي پيشي سان وابسط سڀ ماڻهو پهرين پاڻ سان ۽ پوءِ خطي سان ڌوڪو ڪري رهيا آهيون. ان لاءِ ضروري آهي تہ جا صورتحال ڇٽي عيان ۽ ظاهر آهي ان کي تسليم ڪيون، پنهنجي لاعلمي، گهٽ محنت ۽ سستي کي تسليم ڪندي جديد زرعي صنعتي ٽيڪنالاجي اپنايون ۽ زرعي معاشري کي انقلابي طرز تي جدوجهد ڪري زرعي معاشري ۾ تبديل ڪيون تہ سنڌ سڀاجهڙي جي ترقي جو خواب ساڀيان ڪري سگهون ٿا، ۽ دنيا ۾ وري سنڌ جي ٻيهر شناخت ڪرائي سگهون ٿا.

# سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ ۽ سنڌ جي سجاڳپ هٿ جو هنر



سوئي راهون رد ڪري، سوئي رهنما،
وتعـزمـن تـشـاءُ وتـذل مـن تـشـاءُ.

ثمينہ برڪت علي
مئنيجر انٽرپرائيز ڊولپمينٽ

سنڌ جي ننڍڙن ٻهراڙي وارن علائقن ۾ هٿ جي هنر ۾ ڪاريگري مثلاً رلي ناهڻ، ٽُڪ ڪرڻ ۽ سنڌي ٽاڪي ۾ ڳوٺاڻيون عورتون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ڀرت جو نمونو ۽ ٽاڪو گهڻو ڪري ساڳيوآهي، هن تي ماحول ۽ رسم رواج جو اثر آهي، جتي جهڙو رواج آهي اتي اهو پنهنجي نموني سان هٿ جو هنر ڪري رهيون آهن. سنڌ جي رلي تي ڀرت، اجرڪ تي ڇٽ وغيره جو ڪم مشهور آهن، ڳوٺاڻن جي هٿن تي اسانجي ثقافت جو دارو مدار آهي، ثقافت ڪنهن بہ قوم جي زندهہ دليءَ جو مثال آهي، ٻهراڙي جي سادگي ۾ اهي خوبيون هنر ۽ ڪاريگري يا اسانجي ثقافت قوم کي تهذيب تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. اسانجي قوم جي ثقافت جو حصو دنيا جي ثقافت جي بادشاهہ آهي، ڏنو وڃي تہ قوم اسانجي سجاڳپ جي محتاج نہ آهي، دنيا هن ثقافت کي چاهي ٿي ۽ پنهنجي سونهن سينگار ۾ استعمال ڪري ٿي.

سرسو اداري ۾ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي جي ڪم جو آغاز آڪٽوبر 2006ع ۾ ٿيو. وڌندڙ معاشي مسئلن ۽ پائدار ترقي ۽ ڪمائتي حل لاءِ اهو ضروري هيو تہ پنهنجي آس پاس موجود وسيلن ۽ ذريعن جي نشاندهي ڪري انهيءَ جي بهتر استعمال کي يقيني بڻايو وڃي. سرسو اداري کي ٻهراڙين جي علائقن ۾ اهڙو ڪجهہ منظر نظر آيو. جتي مرد توڙي عورتون مختلف پُورهيا ۽ ڪشالا ڪندي پنهنجي خاندان جي پيٽ گذر ۽ ڳيي جي ڳولا ۾ مصروف نظر آيا، ۽ ٻهراڙين ۾ ساڳئي وقت عورتون مختلف بهترين رنگن جي ڪپڙن ۽ ڌاڳن سان روح رهاڻ ڪندي نظر آيون. اهو هنر قدرتي ڏات آهي جيڪا خدا تعاليٰ عورتن کي بخشي آهي، جيڪڏهن ڪين گهر جو سينگار چئجي تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو.

تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسجن تہ سدائين عورت گهرو ڪم ڪار، ٻني ٻاري ۽ هرقسم جي ڪم ۾ مرد جو ساٿ نڀائيندي رهي آهي ۽ هن وقت بہ موجوده حالتن جي ضرورتن ۽ وڌندڙ مهانگائي جو دريا پار ڪرڻ لاءِ عورتون مردن سان ٻانهہ ٻيلي ٿي بيٺيون آهن.



سرسو پنهنجي ڪم جي دائري کي وڌايو ۽ ڏٺو تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ قديمي ۽ روايتي هنرن جي چمڪ موجود آهي هِنن کي ٿوري مدد ۽ سکيا جي گهُرج آهي ڇوتہ عورتن ۾ هنري صلاحيتون آهن صرف ڪين تنظيمي ڌاڳي ۾ مڙهي انهيءَ هنر کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري سرسو اداري ۾ ننڍي ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ واري شعبي جي بہ ضرورت پئي ۽ انهيءَ شعبي ۾ ڪجهہ مقصد طئي ڪيا ويا تہ:

1. گهريلو سطح تي ننڍي ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڄاڻ جي پروگرام منعقد ڪرائڻ.

2. هنري تربيت جا مختلف پروگرام منعقد ڪرائڻ، ۽ جديد ڊزائنين ۽ فيشن ڪي آڏو رکندي هنري سکيا جا پروگرام ترتيب ڏيڻ.
3. هنري سکيا ۽ جاڻ واسطي مختلف ادارن جا وزٽ منعقد ڪرائڻ ۽ انهن سان رابطہ ڪاري ڪرائڻ.
4. ڪاروبار جي واڌاري لاءِ مختلف ادارن سان سڌوسنئون رابطو ڪرائڻ.
5. مارڪيٽ سروي ڪرائڻ ۽ پروگرامن ذريعي مارڪيٽ جي جاڻ مهيا ڪرڻ.
6. ڳوٺاڻي سطح تي تربيتي، ڪاروباري مرڪز قائم ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ.
7. هنري نمائشي پروگرام منعقد ڪري هنرمند عورتن ڪي متعارف ڪرائڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ.

انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر پاران ٿيندڙ سرگرمين ۾ تقريباً 600 ڳوٺن مان 6000 هزار ڪان وڌيڪ هنرمند عورتن ڪي هنري صلاحيتن جون تربيتون ۽ ڪاروباري سطح تي هنر ڪي استعمال جا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن.



### 1. هنري ڪم ڪي مڃتا ڏيڻ ۽ ڪاروباري جاڻ جا پروگرام:

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ شبو نہ آهي تہ سونهاري سنڌ جون ڀهراڙيون انيڪ انمول هنرن جي سرسبز ڌرتي آهي. سرسو اداري جڏهن عورتن جي تنظيمن جو هنري جائزو ورتو، تڏهن اها ڳالهہ چٽي طرح سامهون آئي تہ سنڌ ۾ اهڙو ڪوبہ ڳوٺ، واهڻ يا وستي موجود نہ آهي، جتي ڪو هنر نہ هجي. سرسو انٽرپرائيز هنرمند عورتن سان گڏجاڻيون ۽ مختلف ورڪشاپس منعقد ڪيا. جنهن ۾ ثقافتي هنرن جي معاشي اهميت ۽ افاديت متعلق صلاحون ۽ رايا ڏنا وجن ٿا. موجوده دؤر جي ضرورت ۽ فيشن جي آڌار تي اوائلي هنرن ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جا جديد ۽ ٽيڪنيڪي طريقا پڻ ٻڌايا ۽ سيکاريا وجن ٿا. ضرورت پوڻ تي تنظيمي ميمبرن ڪي اسلام آباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ڏانهن تربيت لاءِ موڪليو وڃي ٿو. جنهن سان نہ صرف سندن سوچ جو محور وسيع ٿئي ٿو. پر ڳوٺ سطح تي موجود هنري / قدرتي ۽ انساني وسيلن جي بهتر استعمال ۾ هٿي پڻ ملي ٿي. مردن سان گڏ عورتون گهريلو سطح تي پنهنجو معاشي ڪردار بہ نهايت ئي احسن طريقي سان انجام ڏين ٿيون.

### 2. قديمي هنرن جي لاءِ ڪاروباري سهائتا:

اوائلي ۽ قديمي هنرن جي جاءِ اڄ جي جديد مشين ڏانهن منتقل پئي ٿيندي وڃي. انسان ٿوري وقت ۾ جهجهو منافعو ۽ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مشين جو سهارو پئي ورتو. ۽ نتيجي ۾ قديمي هنرن جو زوال شروع ٿي رهيو آهي. سرسو انٽرپرائيز سيڪٽر پاران قديمي هنرن کي ڪاروباري شڪل ڏيارڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وجن. جنهن ۾ مختلف ادارن سان رابطہ ڪاري سان گڏوگڏ قديم ۽ جديد هنرن جو ميلاپ ڪري نيون نيون تخليقون منظرعام تي آنديون پيون وجن. انهيءَ خيال کي ڪاميابي ڏيڻ لاءِ هنرمند عورتن جي لاءِ تربيتي پروگرام پڻ منعقد ڪيا پيا وجن. جنهن



تحت ڪين هٿرادو هنرن سان گڏوگڏ مشيني استعمال ۽ بهتر منافعي لاءِ اُتساهيو پيو وڃي. ڪاروبار ڪرڻ

جي مڪمل ڄاڻ ۽ بنيادي سطح تي ڪاروبار ڪرڻ جا نوان نوان طريقا سيکاريا پيا وڃن. جنهن تي عمل ڪندي عورتون گهر ويٺي پنهنجي هنر مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون ۽ ملڪي معيشيت ۾ پنهنجو اهم ڪردار پڻ اداري ڪري سگهن ٿيون. ۽ انهيءَ سان قديمي هنرن ڪي تحفظ، زندگي ۽ سڃاڻپ ملي ويندي ۽ معاشي فائدو پڻ حاصل ڪري سگهبو.

### 3. هنري تربيتن جا پروگرام :

سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪشن پاران هنرمند عورتن جي آڳاٽي هنرن کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ ۽ دور جديد جي تقاضائن ۽ رسمن کي ڏسندي هنرمند عورتن جا تربيتي پروگرام منعقد ڪرائي، ملڪي سطح تي مڃيل ڊزائنرز ۽ ادارن سان رابطہ ڪاري ڪرائڻ وغيره شامل آهن. هن وقت تائين سرسو اداري پاران قائم ڪيل ووڪيشنل سينٽرن ۾ 20,000 کان وڌيڪ عورتن کي سلائي، پرت، مشين جو پرت، اجرڪ سازي، آرڪ ورڪ، ٽڪ جو ڪم ۽ بيوٽيشن جا بنيادي سکيا ڪورس / تربيتون ڪرايون ويون آهن. هنري تربيتن جي حوالي سان جن ادارن سان رابطہ ڪاريون ڪيو ويون آهن انهن ۾:




1. صبا پاڪستان 2. آر.ايس.پي.اين انٽرپرائيز يونٽ 3. آهن پاڪستان 4. سِٽڪو ڪراچي 5. ضلعي حڪومت خيرپور.

هنري سکيا جي حوالي سان جن قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڊزائينرز جي سهڪار حاصل ڪئي ويئي آهي انهن ۾



1. ميڊم مهتاب پيرزاده - سکر
2. ميڊم شيرين - ڪراچي
3. يوسف بشير - ڪراچي
4. سحر مرزا - انگليند
5. ميڊم صنم - آهن ڪراچي
6. ثاني - آهن ڪراچي
7. احمد - آهن ڪراچي
8. ميڊم شهناز صادق - ڪراچي
9. ٽوني - يو.ڪي
10. رچيل - لنڊن
11. مارٿينا - لنڊن
12. ميڊم طاهري - امريڪا
13. ميڊم شهناز اسماعيل - ڪراچي
14. ميڊم نيلوفر - اسلام آباد
15. ميڊم ندا - ڪراچي

انهن سيني ڊزائينرز هن وقت تائين سرسو اداري جي هنرمند عورتن سان هنري تربيتي پروگرامن ۾ پنهنجو سهڪار ڪيو آهي.

### 4. هنري ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مختلف ادارن جا دورا ۽ رابطہ ڪاري.

سرسو اداري جي هنرمند عورتن جي ڪم ڪي مارڪيٽ تائين پهچائڻ لاءِ مقامي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي مڃتا ڏيارڻ ۾ جيڪي ادارا اهم ڪردار نڀائي رهيا آهن انهن ۾:

1. صبا پاڪستان 2. هوم نيٽ پاڪستان 3. ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان 4. آهن پاڪستان 5. ڏاچي آرگنائيزيشن 6. ٽرڊيپ ڳوناٺي ترقياتي پروگرام 7. سِنڌڪو ڪراچي 8. ضلعي حڪومت خيرپور 9. انڊس رسورس سينٽر خيرپور 10. انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن 11. آءِ.ايل.او اسلام آباد 12. پروگريسِو ٽريڊرس 13. ايس.جو انگلينڊ 14. پٽائي ويلفيئر آرگنائيزيشن 15. وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ 16. وومين چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽريز.



هنرمند عورتن لاءِ تربيتي پروگرام منعقد ڪرائڻ ۽ انهن ڪي مارڪيٽ ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اڄ مختلف هنرن جا هنري / ڪاروباري مرڪز سرسو اداري جون ڳوناٺيون تنظيمون هلائي رهيون آهن ۽ گڏوگڏ نوَن هنرن کي پڻ متعارف ڪرائڻ لاءِ ڪوشان آهن. سرسو جي ڪجھ ڪامياب ڪاروباري گروپن ۾:

1. آغا علي جتوئي (ايمبرائڊري سينٽر) خيرپور
2. موراڻي (رليءَ جو ڪم) چڪ شڪارپور
3. علي احمد سيال (رلي سينٽر) گهوٽڪي 4. نُل يُسريٰ (رلي سينٽر) لاڑڪاڻو 5. سوهني مينگهواڙ (ڪُنڊي سينٽر) سکر 6. صاحبہ (پراڊڪشن سينٽر) خيرپور 7. ميتلا (ڪجي پراڊڪشن سينٽر) خيرپور. 8. مهراڻ (ٽڪ جي رلي سينٽر) ٺري ميرواهه 9. سعيد لاکو (موڙا سينٽر) خيرپور 10. ٽوپي سينٽر شڪارپور 11. ماروي (رلي سينٽر) پير بخش سولنگي خيرپور.

سرسو اداري پاران تنظيمي هنري سهائتا لاءِ هنري نمائشي پروگرام پڻ مقامي ۽ بين الاقوامي سطح تي منعقد ڪرائڻ ۽ شرڪت ڪرائڻ ۾ هڪ اهم ڪردار نڀائي رهيو آهي جن ۾ ملڪي ۽ غيرملڪي شهرن ۾ هي نمائشي ميلا منعقد ٿين ٿا انهن ۾:

1. حيدرآباد 2. سکر 3. خيرپور 4. شڪارپور 5. لاڙڪاڻو 6. گهوٽڪي 7. نوابشاهه 8. ڪراچي 9. اسلام آباد 10. لاهور 11. انڊيا 12. نيپال 13. يوٽان 14. انگلينڊ 15. يو.ڪي. شامل آهن.



سرسو انٽرپرائيزر سيڪٽر جي ڀرپور ڪوشش آهي تہ وڌ کان وڌ هنرمند عورتن جي هٿ جي پورهي کي ملڪي ۽ غيرملڪي سطح جي مارڪيٽن تائين پهچائجي، گڏوگڏ سنڌ جي ثقافت ۽ اوائلي هنر کي زنده رکڻ ۽ انهن هنرمند عورتن کي مالي مستحڪم بڻائي سندن مايوس چهرن تي چمڪ آڻجي. چوڻ مايوسي ڪُفر آهي ۽ خاص ڪري هنرمند کي تہ مايوس ٿيڻ جي ضرورت ئي نہ آهي. چوتہ سرسو ادارو توهان سان گڏ آهي.

**

# ايم.اين.اي سيده نفيسه شاهه جي ڳوٺاڻين عورتن سان ڪچهري

شاهنواز منگي
سوشل آرگنائيزر خيرپور




هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي ڳهَڙجي نينهن،
نه ڪا رات نه ڏينهن، سڀ ڪو پسي پرين کي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي ترقيءَ ۽ ڀلائي وارو ادارو آهي، سرسو جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جي ٻهراڙين جا ماڻهو خوشحال ٿين، سُکيا ۽ ستابا رهن. سرسو غربت گهٽائڻ لاءِ غريبن سان سهڪار ڪري رهي آهي ۽ اهو سلسلو رُڪجڻ وارو ناهي. سرسو سدائين انهيءَ اُونهين ۾ رهيو آهي ته آخر اهو ڪهڙو سبب آهي جو غريب سدائين غريب ئي رهيو آهي؟ انهيءَ غربت واري مسئلي کي نظر ۾ رکندي سرسو هڪ نئڙي ڪوشش ڪري اهو سوچيو ته چونه هنن تنظيمي ميمبر ماروئڙن کي اداري طرفان مفت ۾ پالنا واسطي "جانورَ" وٺي ڏنا وڃن ته جيئن اڳتي هلي ڪري هُو انهن جانورن جا ڦر حاصل ڪري آمدني وڌائيندي خوشحالي طرف قدم وڌائي سگهن. انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" تحت LSO وڏا ماڇيون ضلع خيرپور ۾ هڪ ڏينهن جو پروگرام تنظيم سان رکيو ويو. هن پروگرام کي اجان به وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ خاص مهمان جي دعوت ميڊم نفيسه شاهه (ايم.اين.اي) کي ڏني وئي جنهن هن دعوت کي قبول ڪيو ۽ 27-05-2012 تي هن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

ميڊم نفيسه شاهه 25 گهرن تي مشتمل جندل سولنگي ۾ وڇين/پاڏين جي واڙي جو افتتاح ڪيو. هن موقعي تي سرسو UCBRP جو ٽيم ليڊر ڊاڪٽر رسول سميجو ۽ سرسو خيرپور جو اسٽاف پڻ موجود هو. ميڊم نفيسه شاهه ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته سرسو جو هي تمام سٺو قدم آهي مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ته شهيد بينظير ڀٽو جو عورتن کي پاڻ پرو ڪرڻ وارو خواب پورو ٿي رهيو آهي. تنهن بعد ميڊم نفيسه شاهه ڳوٺ جندل سولنگي جي 10 غريب عوتن کي 20 وڇيريون ڏنيون، جنهن تي غريب عورتن ٿورا مڃيندي




چيو ته سرسو طرفان ٿهيل ڳوٺ ۾ تنظيم تنظيم جوته ڪو ملهه ئي نه آهي. ويتر اوهان وڇيرون ڏيئي اسان غريبن کي صفا خريد ڪري ڇڏيو اٿوَ. هاڻ اسان کي لڳي ٿو ته غربت جي چنبي مان نجات ملندي.

ڳوٺ جندل سولنگي ۾ وڇيريون ورهائڻ واري تقريب جي پڄاڻي بعد ير واري ڳوٺ حميد آباد جيڪو هن ڳوٺ کان 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي ۾ جتي پڻ ميڊم نفيسه شاهه جو وڇيريون ورهائڻ جو پروگرام

رکيو ويو هُيو. جڏهن ميڊم نفيسہ شاهہ پنڊال ۾ پهتي ۽ اُتي ويٺل 1100 سئو عورتن کي نظم و ضبط ۽ ترتيب سان ويٺل ڏسي ڏاڍي سرهائي محسوس ڪئي.



هن ڳوٺ جي فعال ڪارڪن عورتن پنهنجن تنظيمن تي پڻ روشني وڌي. VO صبل جاڳيراڻي تنظيم جي صدر مسمات نذر بانو پنهنجي تنظيم ڪيل ڪارگذارين تي روشني وجهندي چيو تہ اسان سرسو جي اچڻ کان اڳ تنظيمن کان بلڪل اڻڄاڻ هئاسين، خبر ئي نہ هوندي هئي تہ تنظيم ڇا ٿيندي آهي؟ بس ڪوٺن ۾ قيد، غربت ۾ جڪڙيل هياسين. سرسو جڏهن هن علائقي ۾ پير پاتو تہ اسين بہ ڪوشش ڪري مردن کي آماده ڪيوسين تہ سرسو ادارو پنهنجي ڳوٺ ۾ آيو آهي، سٺا سٺا ڪم پيو ڪري پوءِ چونہ اسان بہ پنهنجا نصيب سٺا ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ تنظيمون ٺاهيون. هتان جي ماڻهن کي سرسو جي ڪم جي خبر هئي، پوءِ مردن بہ ساٿ ڏنو ۽ اسين تنظيمون جوڙيون سين، ۽ اسان سان سرسو جو ڀرپور سهڪار رهيو آهي. سرسو پاران مليل قرض مان اسان چئن عورتن گڏجي اٽي جي چڪي لڳائي آهي. جيڪا 1200 گهرن کي فائدو ڏئي رهي آهي. اسين خوش آهيون، اداري جا شڪرگذار آهيون جنهن سان کي غفلت واري ننڊ مان جاڳائي روشن مستقبل جي راهہ ڏيکاري آهي.

VO لعل بخش ٽگڙ جي صدر مسمات شمع ٽگڙ جڏهن حاضرين جي اڳيان پنهنجي درد ڪٿا ٻڌائي تہ سڄ پڇو تہ لڙڪ اکين مان لڙي آيا، مسمات شمع چيوتہ مان هڪ طلاق يافتہ عورت چئن ٻارن جي ماءُ آهيان، ٻار بہ مونسان گڏ، منهنجي ماءُ، پيءُ جي گهر ۾ ٿا، جڏهن سرسو جي ٽيم اسان جي ڳوٺ ۾ تنظيمون ٺاهڻ لاءِ پهتي تہ اسين مطمئين ٿي ها ڪئي سين، پر ڪجهہ مسئلا هئا جن اسان کي ڏاڍي پريشان ڪيو، ڪافي ڪوششن کانپوءِ وڃي اُهي مسئلا حل ڪياسين ۽ تنظيمون ٺاهڻ شروع ڪيون سين، ۽ ڳوٺ ۾ 10 تنظيمون ٿوري ئي عرصي ۾ ٺهي ويون. سرسو مان مونکي تہ تمام گهڻو فائدو رسيو آهي. آءُ شڪرگذار آهيان هن اداري جي. گڏوگڏ سرسو پاران ڳوٺ جي نياڻين کي ڏنل هنر جي سکيا ۽ قرض جي سهوليت جيڪا بنا وياج ڏنو ويو آهي ۽ مفت صحت جي سهوليت، جنهن سان ڳوٺ ۾ خاص ڪري عورتن جي تمام گهڻي بچت ٿي آهي. هاڻ اسان جا مرد اسان جي راءِ کي اهميت ڏين ٿا، اڳ ائين بلڪل بہ نہ هو. ڪافي تبديلي آئي آئي آهي، انهيءَ جو ننڍڙو مثال اڄ هتي موجود 1100 سئو عورتون آهن. جيڪي هتي اچي گڏ ٿيون آهن.



LSO وڏا ماڇيون جي صدر شگفتہ سولنگي پنهنجي LSO جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، حميد آباد جو رهواسي اڳوڻو ناظم سليم سولنگي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيوتہ اسان پنهنجي سياسي بنيادن تي هٽ وڏي پيماني تي

عورتون گڏ نہ ڪري سگهيا آهيون، پر سوسو وارن ڪي سلام آهي جن اهڙن علائقن ۾ جتي عورتن کي در کان ٻاهر نڪرڻ نہ ويندو آهي. تن کي هڪ پنڊال ۾ پنهنجي سڌارن لاءِ گڏ ڪيو آهي. سرسو جي ٿيل سيني سرگرميون ساراهہ جوڳيون آهن. جن عورتن کي وڏيڪ اجاگر ڪري مؤثر رهنما اصول اپنايا آهن، جن تي عمل پيرا ٿيندي غربت جي چنبي نڪرڻ ڪا مشڪل ڳالهہ نٿي لڳي.




هن پروگرام ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جناب عباس بلوچ پنهنجا ويچار ونڊيندي چيوتہ جس آهي اوهان عورتن کي جو هن پنڊال ۾ گڏ ٿيون آهيو. ۽ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهيو. سرسو طرفان ڏنل سهولتن کي جائز نموني استعمال ڪري پنهنجي ترقيءَ طرف گامزن آهيو. مان تہ اوهان لاءِ ائين چوندس تہ مرد اوهان جا محتاج هوندا. پر اوهان نہ. چوتہ اوهان جا جذبا ٻڌائين ٿا تہ توهان هرمسئلي کي حل جي لاءِ واٽ ڳولي لڌي آهي. ۽ اها آهي تنظيم جنهن مان مراد ٻڌي آهي، جنهن تحت اوهان يقينن معاشري جون عظيم عورتون آهيو.

ميڊم نفيسہ شاهہ تقرير ڪندي چيو تہ شاباس آهي سرسو ٽيم کي جنهن گهر گهر وڃي اهڙن علائقن ۾ جتي ماٺهو پنهنجي زمين تي بہ عورتن سان مرد ساڻ ڪري ڏيندا آهن. اُتي ايڏو انقلاب آندو آهي. مان اڄ انتهائي خوش آهيان چوتہ هي جيڪو جلسو آهي اُهو عورتن جي نالي آهي. مون بہ ڪافي سارا پروگرام ڪيا آهن. پر هينئن نہ ڏٺو آهي تہ عورتون وڏي انگ ۾ شريڪ ٿي پنهنجي ڏکن سورن کان آگاهہ ڪن. شهيد محترمہ بينظير جوبہ اهوئي مشن هوتہ عورتن ۽ مردن جي هر موڙ تي 50% ، 50% شموليت لازمي آهي. ان سان ئي ترقي ممڪن آهي. مان چونديس تہ اوهان انهن عورتن مان آهيو جيڪي ترقي تہ چا پر ايوانن تائين اچي سگهو ٿيون. شمع ۽ نظربانو جي ٻڌايل ڪيس اسٽڊيز مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿوتہ منزل محنت ڪانسواءِ ملڻ مشڪل آهي. يعني اوهان تنظيمون



ٺاهيون، صدر ۽ مئنيجر جون تربيتون ڪيون، هنر سکيا بنا وياج سرسو کان قرض ورتا ۽ اوهان کي انشورنس ملي تڏهن هتي هيترن مردن جي سامهون آس پاس جي ڳوٺن مان ڪهي اچي هتي گڏ ٿيون آهيو. اوهان پنهنجي ذهن کي اهڙو ٺاهيو جو اهان هڪ ننڍڙي صفت ٺاهيو، يا واڙا رکو يا ڪو ڪاروبار ڪريو، جنهن سان ٻين کي اوهان پاڻ روزگار ڏيو. سرسو جهڙا ادارا اوهان سان گڏ آهن. اسين بہ اوهان جا آهيون ۽ اوهان لاءِ ئي جاکوڙي رهيا آهيون، مونکان بہ جيترو ٿي سگهندو آءُ اوهان لاءِ ڪنديس. مان توهان جي همٿ ۽ حوصلي کي سلام پيش ڪيان ٿي ۽ مون کي اوهان ڀينرن تي ناز آهي.

**

نثار پناهڻ
NRM سرسو هيڊ آفيس

# سوشل آرگنائيزر جي نصيحت

هو چوي ٿو ته سوشل آرگنائيزرشپ معمولي عهدو ناهي، جيئن 36 منزله عمارت جي بنياد جي جيڪا پهرئين سر آهي، يا وڏي فوج جو ادنيٰ ڪو جوان آهي، اهڙي ئي طرح سماج سڌارڪ ادارن ۾ سوشل آرگنائيزر جي اهميت به ساڳي آهي. گهر جي تعمير جي شروعات بنياد سان ٿيندي آهي. هڪ انجنيئر ڪي بلند منزله عمارت ٺاهڻي هجي ته شروعات بنياد کان ڪندو نه ڪي آخري منزل ٺاهڻ کان. اهڙي طرح سماج سڌارڪ اداري ڪي معاشري جي اصلاح ماڻهن کان ڪرڻي آ نه ڪي قوم کان. سندس خيال آهي ته هن دنيا ۾ اسين اڪيلا ڪونه آهيون، هتي هڪ طرف قدرت، فطرت Nature به پنهنجي قانون تحت عمل ۾ مصروف آهي ته ٻي طرف مخالف ۽ ٻيا ماڻهو به نظر رکيو ويٺا آهن. انهن مان هرهڪ انسان جو پنهنجو مقصد ۽ مفاد به آهي. جنهن جي حاصلات ۾ هو مگن آهي. اهڙي حالتن ۾ ضروري آهي ته اسين حقيقي سڌارو ڄاڻون ۽ ان مقصد جي حقيقت ڄاڻون.



زندگي جو سڀ کان وڏو راز اصل حقيقت جو اعتراف ڪرڻ آهي. اعتراف ڪندڙ سوشل آرگنائيزر ان ڳالھ جو ثبوت ڏئي ٿو ته جهڙي طرح هو پنهنجي ها ۽ هوند کان واقف آهي. تهڙي طرح هو پنهنجي Demerit ۽ ناڪامي کان به واقف ڪار آهي.

هن چواڻي ته اعتراف بزدلي ناهي، اعتراف سڀ کان وڏي بهادري آهي. اعتراف ڪرڻ سان ماڻهو بي عزتو نٿو ٿئي، بلڪ هو عزت جي بلند مقام تي رسي ٿو. جيڪو اعتراف نه ٿو ڪري اهو ڄڻڪ احمقن جي جنت ۾ رهي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪو اعتراف ڪري ٿو ان جڻ فرضي خيالن جي طلسم کي ٽوڙيو هجي ۽ ظاهر تي اصل روپ ۾ آيل هجي سوئي حقيقت جي دنيا ۾ ساهه کڻندڙ آهي. اهو شين کي ايئن ئي ڏسي رهيو آهي. جيئن حقيقتاً آهن.

شين کي اصل روپ ۾ ڏسڻ ڏاهپ آهي، جنهن سوشل آرگنائيزر ۾ اها صلاحيت آهي، اهو ڪاميابي جي آخري ڏاڪي تي ضرور پهچندو، جنهن ۾ اها صلاحيت ناهي، اهو پنهنجو سفر شروع ته ڪندو پر ڪٿي نه ڪٿي باهوڙجي ٿابڙجي ڪري پوندو.



هو مثال ڏئي سمجهائيندو آهي ته هڪ ٽانوَ ۾ پاڻي آ، ان مان هڪ ڦڙو وهيو ۽ اهو جيڪڏهن بدبودار آ، ته ثابت ٿيو ته سمورو پاڻي بدبودار هوندو. پاڻي جو ڦڙو پنهنجي سموري ذخيري جو ترجمان آهي. اهوئي معاملو سوشل آرگنائيزر جو آهي، هي به هڪ انسان آ. جيڪڏهن پاڻي جو هڪ ذخيرو، ان ذخيري مان بار بار ڪميونٽي ۾ ڦڙا ڪرندا رهن ٿا ۽ اهڙي طرح اداري جو نمائندو ڪميونٽي اڳيان پوري اداري کي عيان ڪري ٿو. گدرو، خربوزو، ٽوهه بظاهر ته هڪ جهڙا نظر ٿا اچن. پر انهن جو اندر

ٻڌائيندو تہ اسين ڪُوڙا آهيون يا مِٺا. ايئن اداري جو نمائندو پنهنجي اندر جا ڪميونٽي سان ٻول ٻولڻ سان ظاهر ٿي پوندو آهي.

انسان هڪ مڪمل مجموعو آهي، جيئن ٿانء جو پاٽي هڪ مڪمل مجموعو ڪنهن ماڻهو ڪان ڪا ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي، اهو ان جي شخصيت جو الڳ ۽ انفرادي واقعو نہ هوندو، بلڪہ اهو ان جي پوري شخصيت جو اظهار هوندو.

سوشل آرگنائيزر اعتراف ڪندي نالو نہ ظاهر ڪرڻ جي شرط تي چيو تہ مون ڪان غلطي ٿي وئي، ان پراجيڪٽ جي ناڪامي جو سبب آنءُ ئي هيس. هن چيو تہ ڪمزوري منهنجي ئي هئي. جنهن ڪري غريب ڪميونٽي ڪان پراجيڪٽ کسيو ويو ۽ هو فاعدي ڪان محروم رهجي ويا.

اهڙو اعتراف، بهادري هجڻ گهرجي ۽ اهائي ترقين جي جان بہ آهي. هر شڪست دفاعي لائين ۾ شگاف بعد ئي ايندي آهي. ان جو بهترين علاج اعتراف آهي. اعتراف بغير وڏيڪ خرابيءَ بغير مسئلا حل ٿي ويندا آهن. زندگي جي سڀ ڪان وڏي حقيقت اعتراف آهي. ايمان بہ هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ ايمان آڻيندي انسان خدا جي وڏائي جو اعتراف ڪري ٿو. غريب ڪميونٽي جي حقن جي ادائگي هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ انهن جي ذميواري اسان جي ئي سپرد هئي. توبهہ بہ هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ ان وسيلي ماڻهو گناهن جو اعتراف ڪندي پاڻ کي غلط ۽ قدرتي قانونن کي صحيح قرار ڏي ٿو. زندگي، ادارن، صوبن، ملڪن ۽ قومن جي هرقسم جي سڌارن ۽ اصلاحن جو راز اعتراف ۾ آهي. ڇوتہ هرڪنهن ڪان غلطيون فطرتاً جبراً ٿينديون رهنديون آهن.

سوشل آرگنائيزر جو چوڻ آهي تہ اعتراف سڀني ترقين جو دروازو آهي. جنهن لاءِ ڏاڍو گهٽ انسان اهڙي اعتراف ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪندو آهي. جڏهن بہ اهڙو موقعو ايندو آ تہ ماڻهو پنهنجي انا ۽ عزت جو سوال اٽڪائي بيهاريندا آهن. هو غلطي مڃڻ بدران ان تي پردو وجهندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ خرابي ختم ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ، ويتر وڌندي ويندي. ايتري قدر جو وقت اچي ويندو آ تہ جنهن غلطي جي اعتراف سان معاملو رفع دفع ٿي سگهي پيو. پر اعتراف نہ ڪرڻ جي ڪري بربادي واري



قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. ماڻهن جي ڊڪشنري هنن لفظن ڪان خالي آهي تہ "مان غلطي تي آهيان" اڄ جو انسان ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي غلطي نٿو مڃي، ان ڪري غلطين مٿان غلطيون ڪندي بيشمار نقصان ۾ وڃي ٿو.

بنيادي طرح سوشل آرگنائيزر جي اهڙي ننڍڙي ڳالهہ جيڪا هن پاڻ کي سڌارڻ ڪان ڪئي، سا پڻ هزارين مشهور ويڄن، طبيبن، سماج سڌارڪن، ڏاهن، تبديلي پسندن، بزرگن، سياستدانن، اوليائن، پيغمبرن پڻ پهريائين پاڻ تي لاڳو ڪندي، هڪ ويساهہ پيدا ڪيو. پوءِ انهن جي پيروڪارن بہ سندن چيو مڃيو ۽ نتيجي ۾ سماج لاءِ سودمند ۽ ڪارائتا انسان ثابت ٿيا ۽ انسانن جي ڀلائي لاءِ ڪم اچي سگهيا. ۽ معاشري کي جنت جي ڏيک جهڙو بڻايائون.

**ريل گاڏيءَ جو مثال:** ٽرين فل اسپيڊ سان پنهنجن مسافرن کي، سندن منزل ڏانهن پهچائڻ لاءِ ڪوڪان ڪندي ڊوڙندي آهي، ٽرين جا مسافر آرام سان ٿڌي هوا جا مزا وٺندي يا ننڊ ڪندي وقت گذاريندا آهن. مسافر گاڏي جو مقصد ماڻهن

ڪي منزل تائين پهچائڻ هوندو آهي. پوري ريل جي نمائندگي سندس منڊ (مشين) ڪندو آهي. گاڏي ۾ منڊ شامل نہ هجي تہ جيڪر مسافر منزل ڪين ماڻي سگهن.

پر اهو منڊ (مشين) جيڪو ليڊر مهندار سرواڻ رهبر ۽ رهنما جو ڪردار ادا ڪندي، ماڻهن کي ايئرڪنڊيشنڊ گاڏن ۾ ٿڌي هوا فراهم ڪري رهيو آهي، جيڪو آس پاس جي مزيدار باغ باغيچن دلڪش منظرن تي لالچي ۽ هرکي ئي ڪونہ ٿو، ايندڙ وڏن شهرن ۽ بنگلن ۽ نظارن تي موهجي ئي ڪونہ ٿو جنهن طئي ڪيو آهي تہ ماڻهن کي منزل تي پهچائي پوءِ ساھ کڻبو ها، ۽ پوءِ ان منڊ ۽ مشين جي اندر کي ڪو هٿ تہ لائي ڏسي سندس حالت کهڙي نہ ڪشالن ۾ هوندي، هن جو اندر ڪيترو نہ ٻرندڙ هوندو. ان حالت هوندي بہ هن جي عزم ۾ ڪا گهٽتائي ڪونہ آئي آ. ڇوتہ سندس آڏو هڪ عظيم مقصد آ تہ ماڻهن کي منزل رسايان.

اهڙو ئي ڪردار پنهنجي غريب ماڻهن جي زندگين ۾ تبديلي آڻيندڙ سوشل آرگنائيزر جو هجڻ گهرجي، هي ليڊر، سربراهہ، رهبر، رهنما، پير مرشد، سياستدان، پيغمبر، ولي، صوفي، سنت، ڀڳت، فقير، درويش، اڪانامسٽ سڀ سوشل آرگنائيزر ريل جا منڊ آهن. سي پاڻ کي تڪليف ڏئي، غريبن کي ريل جي منڊ جيان ترقي واري منزل تي پهچائي سگهن ٿا. ان جي ابتڙ ڪم ڪندڙ سڀ دعويدار تہ ٿي سگهن ٿا پر اصل هيرو، رهبر ٿي معاشرو تبديل ڪندڙ هرگز ڪين ٿا ٿي سگهن.



سرسو بہ سنڌ جو هڪ ادارو آهي، جيڪو غريب ماڻهن جي زندگين مان غربت جي خاتمي لاءِ جاکوڙي ٿو. ان اداري کي سوشل آرگنائيزرز جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ گهرجي هن ۾ هرعملدار، آفيسر بنيادي طرح سوشل آرگنائيزر آهي. ۽ انهن جي تربيت ۾ وسان ڪين گهٽائڻ گهرجي. تربيت سان ئي تبديلي جي اهڃاڻن ۾ ليئو پائي سگهجي ٿو. ان لاءِ انساني وسيلن جي تربيت واري شعبي تي تمام گهڻيون ذميداريون عائد ٿين ٿيون.

**

## ** سچا موتي **

- جيڪو ماڻهو صرف الله جي رضا خاطر يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرائي ٿو. هر وار جي عيوض خدا پاڪ ان کي نيڪي عطا فرمائي ٿو.
- جڏهن حلال ۽ حرام گڏجن ٿا تہ حلال گم ٿيو وڃي.
- الله تعالي ان کي خوار ڪندو جيڪو ماڻهن سان بناوتي خصلتن سان پيش ايندو.
- تعجب آ ان تي جيڪو حساب ڪتاب تي يقين رکي ٿو پوءِ بہ مال جمع ڪري ٿو.
- جيڪو ماڻهن جي گلا ۾ وقت گذاري ٿو وڏو گنهگار آهي.
- عقل جهڙي ڪابہ دولت ڪانهي، تدبير جهڙو ڪو عقل ناهي، پرهيزگاري جهڙي ڪائي شرافت ناهي، ادب جهڙي ڪائي ميراث ناهي ۽ خوش خلقي جهڙو ڪو رويو ناهي.
- دنيا نانگ جي مثل آهي، جنهن کي هٿ لايو تہ نرم نازڪ پر اندر ۾ زهر ڀريل اٿس، جاهل ۽ فريبي ان جا پرستار ٿين ٿا، عقل وارا ان کان بچي نڪرن ٿا.
- جيستائين قسمت ساٿ ڏئي ٿي تہ عيب لڪل رهن ٿا.
- دنيا وارا انهن مسافرن وانگر آهن جنهن جو قافلو وڃي رهيو هجي، پر هو سُتا پيا هجن.

# تنظيم سازي جا فائدا

ثاقب رضا
سرسو هيڊ آفيس



هڪ شخص پنهنجي تجربي طور لکيو ته هڪ مهاڻي کيس ٻڌايو ته جهنگن Prawn جي ٽوڪري جي مٿان ڍڪ رکڻ جي ضرورت نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ جو ڪوبه جهينگو ٽوڪري جي ڪناري کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي يا ڪري پوندو آهي ته ٻيا جهينگا اتي پهچي کيس واپس ٽوڪري ۾ گهلي وجهي ڇڏيندا آهن.

جهينگن جي ان فطرت مان انسان لاءِ سبق موجود آهي، ٻين لفظن ۾ چئجي ته اهو هڪ فطرتي خدائي طريقو آهي ته انسان به جهينگن جيان اجتمائي زندگي گذاري. اجتمائي زندگيءَ ۾ اصولن، ٻڌي ۽ سسٽم کي اپنائڻ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪا جهينگن جي دنيا ۾ به موجود آهي ته ماڪيءَ جي مک، ڪِول ۾ به. CO جي گروهه ۾ ضرور شعور پرڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪو ميمبر يا فرد ذهني طور ناڪار جو شڪار ٿي پوي ۽ پنهنجي گروهه کان الڳ ٿيڻ چاهي ته ٻين ماڻهن تي لازم آهي ته ماڻهپي جو ثبوت ڏيندي، ان کي پنهنجي پائپي ۾ واپس آڻي طاقت برقرار رکن، تاريخ اهڙن مثالن سان ڀرپور آهي جيئن حضرت سعد بن عباده انصاري رسول اڪرم صلعم جي برقعي مٺائڻ کان پوءِ خلافت جي مسئلي تي هن جو اختلاف ٿي پيو، اڪثر اصحابي ان فيصلي تي هيا ته قريش قبيلي جي ڪنهن شخص کي خليفو بنايو وڃي، ڪنهن جو خيال هيو ته انصارين مان خليفو چونڊجي يا وري به خليفا مقرر ڪيا وڃن. هڪڙو انصارين ۽ ٻيو مهاجرن مان. پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته سعد بن عباده جي قبيلي جا سمورا ماڻهو پنهنجي سردار جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي پيا ۽ انهن سعد بن عباده کي ڇڪي ٻيهر ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏيو.

تنظيم سازي هڪ وڏي، وسيع فلاسافي رکي ٿي، اهو هڪ اهڙو بنياد آهي، جنهن جي مضبوط هجڻ سان ئي معاشري ۾ اصلاح اچي سگهي ٿي. ان ڪري ميمبرن کي نظرياتي طور پڪو ۽ مضبوط بنائڻ جي سخت ضرورت آهي. هر ميمبر معاشري ۾ تبديلي لاءِ ڀرپور انقلابي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

اهڙي طرح نه صرف هڪ ميمبر بلڪ CO جا سيئي ميمبر ماڪيءَ جي مکين جيان جوش، جذبي، ولولي سچائي سان ڪم ڪن ته معاشري لاءِ لاپائتا ثابت ٿيندا. جيئن ماڪيءَ جون مکيون، ماکي ٺاهڻ لاءِ جيڪو رس گڏ ڪنديون آهن، اهو سمورو رس ماکي نه هوندي آ، بلڪ ان جو ٽيون حصو ماکي بڻجندو آهي. ماڪيءَ جي مکين جي هڪ پائونڊ ماکيءَ لاءِ 20 لک گلن جو رسُ چوسڻو پوندو آهي. هر مکو سچ ايرڻ کان اڳ گلن جي رس چوسڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ اونداهي ٿيڻ کان اڳ پاڻ کان ٽيڻي وزن جيتري رس چوسي واپس موٽندو آهي.

ان لاءِ سيئي مکيون اٽڪل 30 لک اڏامون ڪنديون آهن. ان دوران هو مجموعي طور 50 هزار ميلن تائين مسافري ڪنديون آهن. رس جڏهن گهربل مقدار ۾ گڏ ٿي ويندو آهي ته ان کان پوءِ ماکي ٺهڻ جي عمل لاءِ پٽڙي رسُ کي ڪجهه مکيون پَرَ، ونجڻ جيان هلائي فالتو پاڻي ٻاڦ جيان اڏاري ڇڏينديون آهن. ان پاڻي جي اڏامجڻ بعد هڪ مادو بچندو آهي، جنهن کي مکيون چوسي پنهنجي وات اندر موجود غدودن ذريعي پٽڙي پاڻيٺ کي ماکيءَ ۾ تبديل ڪنديون آهن. بچيل ميڻ مان ماناري ۾ گهرڙا ٺاهي ان ۾ مٺي ماکي ڀري ڇڏينديون آهن. پوءِ ان کي هوا بند دٻي جيان گهرڙن کي بند ڪري ڇڏينديون آهن. انهن ۾ ڪي ڪارڪن ميمبر ته ڪي حڪم هلائڻ وارا نگهبان هوندا آهن. اهو سڄو ڪم تڏهن ممڪن ٿي سگهندو آهي. جڏهن ان عمل ۾ سيني جي اجتماعي ڪوشش شامل هوندي آهي، پوءِ اها ماکي هو پاڻ ڪونه کائين، پر دنيا جي سوين مرضن لاءِ شفايابي جو ڪارڻ هوندي آهي. ان مثل تنظيم لاءِ به هڪ سبق ڇڏي وڃن ٿيون ته CO جا ميمبر اجتماعي ڪوششن سان اهڙا شفاياب نسخا تيار ڪري ڏين جنهن سان معاشري جي مڙني مرضن جو علاج ٿي سگهي ۽ سندس ڪاوشن جي بدولت انسانيت کي ٻيو فيض ملندو رهي.

اسان جي COs جڏهن اهڙي جذبي تحت ٺهنديون تڏهن سماج ۾ پاڻ مجرائيندي دنيا ۾ نانءُ ۽ نشان ڇڏي وينديون ۽ پوءِ ڪوبه ناسور معاشري ۾ ڪونه رهندو.

# مائڪرو ڊرپ سسٽم ـ بهتر آبپاشيءَ جا جديد طريقا

خادم حسين
مئنيجر مائڪرو ڊرپ

## حصو ٻيو - پاڻيءَ جي کوٽ ۽ مائڪرو ڊرپ سسٽم

پوئين مضمون ۾ مائڪرو ڊرپ سسٽم جو تعارف ڪيو هئوسين ۽ ڳالهه ڪئي هئي سون تہ: مائڪرو ڊرپ سسٽم فصلن ۽ ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ جو اهڙو جديد ۽ سائنسي طريقو آهي جنهن وسيلي ٻوٽي جي پاڻيءَ جي ضرورت، زمين ۾ پاڻيءَ جي جذب ڪرڻ ۽ جهل جي صلاحيت نظر ۾ رکي، پوري مقدار ۾، ضابطي هيٺ ٻوٽي جي پاڙن وٽ پاڻي ڏجي ٿو. اهڙي طرح گهٽ پاڻيءَ هوندي بہ، فصلن مان وڌيڪ اپت وٺي سگهجي ٿي.
مائڪرو ڊرپ سسٽم جا ڪافي ٻيا فائدا بہ آهن جهڙوڪ پاڻ جو بهتر استعمال ۽ بچت، بجلي/ تيل جي بچت، مزدوريءَ ۾ بچت، ڪلراٺي زمين ۽ پاڻيءَ جو ڪارآمدگيءَ سان استعمال وغيره وغيره. انهن سيني معاملن تي پاڻ ايندڙ مضمون ۾ بحث ڪنداسون، پر هن مضمون ۾ پاڻ، سڀ کان اهم موضوع – ”پاڻيءَ جي کوٽ ۽ مائڪرو ڊرپ جو ڪردار“ تي بحث ڪيو ٿا.

### 1. پاڻي جي کوٽ ـ اڄ جو سڀ کان اهم مسئلو

پاڻ تہ اڻڄاڻائيءَ جي الائي ڪهڙي اونداهي ۾ آهيون جو، نہ ڪا سڌ ٿي پئي نہ سمجهہ: نہ فائدي جي خبر، نہ نقصان جي اونَ. پر دنيا جا ساڃاهہ وند ماڻهو اڄ سڀ کان وڌيڪ، جنهن مسئلي تي پريشان آهن: اهو آهي پاڻي جي وڌندڙ گهٽتائي، وڌندڙ ضرورت ۽ موجود پاڻيءَ جو فضول استعمال.
پاڻيءَ جي کوٽ سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. تقريباً سوا ارب (1.2 billion) ماڻهو- دنيا جي آباديءَ جو پنجون حصو، اهڙن علائقن ۾ رهي ٿو، جنهن جو شمار پاڻيءَ جي اڻهوند (Physical Scarcity) وارن علائقن ۾ ٿئي ٿو ۽ تقريباً اڌ ارب (500 million) ماڻهو، جن ۾ پاڻ بہ شامل آهيون: اهڙن علائقن ۾ آهن جيڪي، عنقريب اهڙي صورتحال جو شڪار ٿيڻا آهن. ٻيا ڏيڍ ارب کان وڌيڪ (1.6 million) ماڻهو پاڻيءَ جي معاشي کوٽ (Economic Scarcity) (وسيلا نہ هجڻ ڪري، پاڻي استعمال نہ ڪري سگهڻ) جو شڪار آهن. پاڻيءَ جي کوٽ، ايڪيهين صدي جي سيني کان اهم مسئلن مان هڪ آهي. هڪ پاسي پاڻي جي وڌندڙ کوٽ آهي: تہ وري ٻئي پاسي وڌندڙ ضرورت. دنيا جي آبادي پوئين صدي دوران، ٻيڻي کان بہ وڌيڪ وڌي آهي: سو في ڪس پاڻيءَ جو مقدار گهٽجي ويو آهي.
چيو ٿو وڃي تہ، جي ٽين مها ياري لڙائي لڳي تہ اها ملڪن/ علائقن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي تي ئي هوندي.

#### 1.1 پاڻيءَ جي کوٽ ڇا آهي؟

پاڻيءَ جا ماهر ڪنهن ملڪ/ علائقي ۾ پاڻيءَ جي کوٽ کي مختلف پيمانن سان جانچن ٿا، جن ۾ سڀ کان اهم ”آدم شماري - پاڻي جي مطابقت“ (فارمولو) آهي. هن فارمولي تحت هڪ ماڻهو جي ساليانہ پاڻيءَ جي سيني گهرجن ( ذاتي استعمال، کاڌ خوراڪ وغيره لاءِ فصل تيار ڪرڻ وغيره) کي حساب ۾ رکي، في ماڻهو پاڻيءَ جي گهرج ٺاهي وڃي ٿي. ماهرن جي ان حساب موجب اهڙو علائقو جنهن ۾ ساليانہ پاڻيءَ جو مقدار سترنهن سؤ ڪيوبڪ ميٽر ($1700\ m^3$) يا 1700000 ليٽر کان گهٽجي وڃي، تہ اهڙي ملڪ/ علائقي کي پاڻيءَ جي گهٽتائي (Water Stress) وارو علائقو شمار ڪيو ٿو وڃي. جڏهن پاڻيءَ جي ساليانہ دستيابي هڪ هزار ڪيوبڪ ميٽر ($1000\ m^3$) يا ڏهہ لک ليٽر في ماڻهو، کان گهٽجي وڃي تہ اهڙو علائقو ”پاڻيءَ جي کوٽ“ (Water Scarcity) وارو آهي. ۽ جيڪڏهن اها دستيابي 500 ڪيوبڪ ميٽر ($500\ m^3$ يا 500000 ليٽر) کان گهٽجي وڃي تہ اهڙو علائقو ”پاڻي جي انتهائي کوٽ“ يا ”اڻهوند“ (Absolute Scarcity) وارو آهي.

تنهنڪري پاڻيءَ جي کوٽ جو مطلب آهي اها حد جتي استعمال ڪندڙن جو گڏيل اثر، پاڻيءَ جي دستيابي/مقدار تي، (دارن جي موجودگي ۾) اهڙي طرح اثرانداز ٿئي جو، پاڻيءَ جي گهرج پوري طرح پوري نہ ٿي سگهي.

پاڻي جي کوٽ هڪ نسبتي حالت آهي ۽ دستيابي ۽ گهرج جي ڪنهن بہ حد تي ٿي سگهي ٿي. کوٽ سماجي ۽ سياسي سببن (با اثر ماڻهن، علائقن جي ڏاڍ وغيره) توڙي دستيابي جي وسيلن (Supply) ۾ تبديلي (مثال طور ماحولياتي تبديلي ڪري، گهڻ مينهن پوڻ، دريا ۾ پاڻي جو گهٽ ٿيڻ) جي ڪري بہ ٿي سگهي ٿي.

ڪنهن ملڪ/علائقي ۾ پاڻيءَ جي کوٽ/دستيابي متعين ڪرڻ ڏورو پيچيده بہ آهي. ڪنهن علائقي ۾ هڪ وقت انتهائي گهٽائي يا ٻوڏ بہ ٿي سگهي ٿي تہ ساڳئي سال، ساڳئي ئي علائقي ۾ سوڪهڙو بہ. ڪنهن ملڪ/علائقي جي ڪجهہ حصن (مثال طور منڊ وارن) ۾ فراواني تہ ڪجهہ حصن (مثال طور پڇڙي) ۾ کوٽ ٿي سگهي ٿي. سو ڪنهن ملڪ لاءِ سراسري پاڻيءَ جي مقدار مان، ان ملڪ جي هر علائقي ۾ کوٽ جو حساب لڳائڻ ڏورو منجهائيندڙ پر هڪ ڪٽيل اندازو آهي.

پاڪستان جي معيشيت ۾ زراعت جو اهم ڪردار آهي. زراعت ملڪ جي ڪل آمدنيءَ جو 24 سيڪڙو ۽ پرڏيهي واپار جو 70 ڪان مٿي سيڪڙو مهيا ڪري ٿي. ملڪ جا 68 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا ۽ انهن جو سڌي طرح يا اڻسڌي طرح روزگار جو ذريعو زراعت آهي. سو زراعت اسان جو جياپو آهي. پر زراعت جو دارومدار وري پاڻيءَ تي آهي. پاڪستان جي آبادي لائق زمين (7.71ڪروڙ ايڪڙن) مان نهري پاڻيءَ وارن علائقن ۾ ٿيندڙ زراعت 4.25 ڪروڙ ايڪڙ آهي. جيڪا پيداوار جو 80 سيڪڙو (کاڌ خوراڪ جو 90 سيڪڙو) مهيا ڪري ٿي. باقي ٿوري پيداوار (3.26 ڪروڙ ايڪڙ) باراني علائقي مان اچي ٿي. جڏهن تہ 2.26 ڪروڙ ايڪڙ (آباد ٿيندڙ ايراضيءَ جو 29 سيڪڙو) آبادي لائق زمين، غيرآباد پيل آهي. مطلب تہ ملڪ ۾ آباد ٿي سگهندڙ زمين جو تقريباً ٽيون حصو، ان کي آباد نہ ٿو ڪري سگهجي جو، اسان وٽ پاڻي ۽ پاڻي پهچائڻ جي ذريعن جي کوٽ آهي.

ملڪ ۾ پاڻيءَ جو اهم ذريعو سنڌونديءَ جو سرشتو (دريائي وهڪرا ۽ زير زمين پاڻي) آهي. جنهن مان 138 (ملين ايڪڙ فوٽ MAF) پاڻي ملي ٿو. جنهن جو وڏو حصو زراعت لاءِ تقريباً 104 MAF) جڏهن تہ ڪجهہ ٻين استعمالن مثال طور گهرن ۽ ڪارخانن ۾ استعمال ٿئي ٿو. باقي سمنڊ ڏانهن ڇوڙ ڪري ٿو (ماهرن جي راءِ موجب گهٽ ۾ گهٽ 10 MAF پاڻي ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ ڇڏڻ لازمي آهي). اڄ ڪان 21 سال اڳ 1991ع ۾ پاڻيءَ جي گهرج ۽ موجودگي جي لحاظ سان صوبن وچ۾ پاڻي جي ورهاست موجب سالانہ 117 MAF زراعت لاءِ گهربل هئو. جڏهن تہ پوين ڏهن سالن کي ڏسجي تہ سراسري طور في سال 104 MAF پاڻي رهيو آهي. اهڙي طرح 13.2 MAF جي کوٽ موجود آهي. جيئن ٽيبل ۾ ڏيکاريل آهي.

**پاڻي جو مقدار ۽ گهرج**

پاڻي جي دستيابي (1976 کان 2009 سراسري مقدار 138.70 MAF)

1991 واري ٺاھ تحت پاڻي جي گهرج (117 MAF)

| صوبي | ٺاھ مطابق ورهاست | | | پاڻيءَ جي دستيابي/ورهاست 1976 کان 2009 جي سراسري | | | کوٽ | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | کل | ربيع | خريف | کل | ربيع | خريف | مقدار | فی |
| پنجاب | 55.94 | 18.87 | 37.07 | 52.82 | 18.66 | 34.16 | -3.12 | -5.6 |
| سنڌ | 48.76 | 14.82 | 33.94 | 42.79 | 13.84 | 28.95 | -5.97 | -12.2 |
| خيبرپختونخواه | 5.78 +3.00 (Civil Canal) 8.78 | 2.30 + 1.20 3.50 | 3.48 +1.80 5.28 | 6.60 - 3.00 3.60 | 2.51 | 4.09 | -2.18 | -24.8 |
| بلوچستان | 3.87 | 1.02 | 2.85 | 2.03 | 0.80 | 1.23 | -1.84 | -47.5 |
| ٽوٽل | 117.35 | 37.01 | 77.34 | 104.23 | 35.81 | 68.42 | -13.12 | -11.18 |

2000 کان 2010ع سراسري پاڻيءَ 105 MAF

پاڻيءَ جي دستيابي ۽ صوبن جي وچ۾ ورهاست

1991ع ۾ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي دستيابي گهرج 117 MAF مقرر ڪئي وئي هئي. جڏهن تہ 1976 ڪان 2009 تائين هر ڏهاڪي ۾ سراسري پاڻيءَ جي موجودگي ڏسجي تہ پاڻي جي دستيابي 104 MAF رهي آهي. اهڙي طرح 13.12 MAF پاڻي، 1991ع ۾ مقرر ڪيل گهرج ڪان گهٽ آهي. کوٽ ۾ صوبن جي پائيواري کي ڏسجي تہ MAF 3.12 کوٽ پنجاب ڪٽي ٿو. جڏهن تہ سڀ ڪان وڏيڪ کوٽ/نقصان تقريباً 6 MAF (5.97) سنڌ صوبي کي آهي.

اهڙي طرح اسان جي زراعت هاڻي، پاڻي جي وڌندڙ کوٽ ۽ وڌندڙ گهرج جي ڪري، انتهائي خطري ۾ آهي. پاڪستان پهريائين ئي پاڻيءَ جي گهٽتائي. (Water Stressed) وارن ملڪن ۾ شامل آهي. پر هاڻي، وڌندڙ آبادي ۽ پاڻيءَ جي وسيلن جي گهٽتائي ڪري، پاڻيءَ جي کوٽ (Water Scarcity) واري صورتحال ڏانهن ڌڪجندو ٿو وڃي.



سيٽلائيٽ تان ورتل پاڪستان جي تصوير آباد علائقو اهو آهي جتي سنڌوءَ جو پاڻي پهچي ٿو.




دنيا ۾ پاڻيءَ جي موجودگي - پاڪستان پاڻيءَ جي کوٽ وارن ملڪن ۾ شامل آهي.

## 2 ملڪ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جا سبب:

### 2.1 وڌندڙ آبادي:

ملڪ جي آدمشماري 17.5 ڪروڙ آهي ۽ سال 2025ع ۾ 22.1 ڪروڙ ٿيڻ جو ڪاٿو آهي. اهڙي طرح وڌندڙ آبادي سان گڏ کاڌ خوراڪ جون گهرجون به وڌنديون ۽ پاڻي جي گهرج پڻ.

پلاننگ ڪميشن مطابق سال 2025ع ۾ آبپاشيءَ وسيلي ٿيندڙ زراعت لاءِ 27.7 ملين ايڪڙ فوٽ (MAF) وڌيڪ پاڻي کپندو ۽ ٻين گهرجن لاءِ پڻ پاڻيءَ جي گهرج 8.2 MAF هوندي. اهڙيءَ طرح ڪل واڌو پاڻي 34 MAF کپندو. جڏهن ته تحقيق موجب، سنڌو دريا جي سرشتي ۾ پاڻي جي بتدريج کوٽ ايندي. هڪ اندازي موجب 2025ع ۾ ملڪ ۾ پاڻي جي سراسري دستيابي هاڻوڪي 105 MAF مان گهٽجي 98.6 MAF في سال ٿي ويندي. هيٺئين ٽيبل ۾ ڏيکاريل آهي ته 2025ع ۾ ڪيتري وڌيڪ پاڻيءَ جي ضرورت آهي.

| پاڻيءَ جي گهرج (MAF) - 2010ع ۽ 2025ع ۾ | | | |
|---|---|---|---|
| پاڻي جي واڌو ضرورت | 2025ع ۾ اڳڪٿي ڪيل پاڻيءَ جي گهرج | 2010ع ۾ پاڻيءَ جي گهرج | شعبو |
| 27.7 | 128 | 100.3 | زراعت |
| 4.6 | 12.2 | 7.6 | شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي پيئڻ ۽ نڪاسي لاءِ ۽ ماحولياتي ضرورت |
| 1.8 | 4.8 | 3 | صنعتي |
| 34.7 | 145 | 110.9 | ٽوٽل |




في ماڻهو پاڻيءَ جي موجودگي جا انگ اکر ڏسجن ته 1951ع ۾ (جڏهن آبادي 34 ملين يا ٽي ڪروڙ 40 لک هئي تڏهن 5260 ڪيوبڪ ميٽر (52600000 ليٽر) پاڻي في ماڻهو موجود هئو. جيڪو 1992ع تائين گهٽجي 1700 $m^3$ ٿيڻ سان ملڪ پاڻي جي گهٽتائي (Water Shortage) وارن ملڪن ۾ شامل ٿي ويو هئو. 2012ع جي آدمشماري جي اندازي ۽ موجود پاڻيءَ جي لحاظ کان اهو مقدار گهٽجي وڃي 1200 (ٻارنهن سو ڪيوبڪ ميٽر يا ٻارنهن لک

ليٽر) في ماڻهو وجي بچيو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن آبادي ائين ئي وڌندي رهي تہ 2020ع تائين پاڪستان ۾ في ماڻهو پاڻي 1000 (هڪ هزار ڪيوبڪ ميٽر يا ڏهہ لک ليٽر) تي ويندو، اهڙي طرح ملڪ پاڻيءَ جي ڪوٽ (Water Scarcity) واري ڄار ۾ ڦاٿل هوندو. ماهرن جي اندازي موجب 2050ع جي آسپاس ملڪ ۾ پاڻي جو مقدار 550 m³ في ماڻهو تي ويندي ۽ ايئن پاڪستان "پاڻيءَ جي انتهائي ڪوٽ يا اڻهوند" (Absolute Scarcity) وارو ملڪ تي ويندو.




ڪٿنالن ۾ پاڻي جي ڪوٽ في ماڻهو پاڻيءَ جي دستيابي ۽ وڌندڙ آبادي




پاڻيءَ جي وڌندڙ ڪوٽ ڪيوبڪ ميٽر في ماڻهو

## 2.2 ماحولياتي تبديليون (Climatic Change

ڌرتيءَ جي گرمي پد وڌڻ ڪري سڄي دنيا ۾ هاڃيڪار ماحولياتي تبدليون (Climatic Change) اچن پيون. جن ۾ مينهن، ٻوڏون، خشڪ سالي، گرم هوائون، سمنڊ جي سطح چڙهڻ توڙي برفاني علائقن (Glacier) ۾ برف جو تڪڙو ڳرڻ شامل آهي. ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ/ايندڙ انتهائي ڪوٽ جو هڪ سبب اهي ماحولياتي تبديليون بہ آهن. سنڌوءَ جي پاڻي جو ذريعو الهندي هماليا جي برفاني علائقي (Glacier) ۾ ڳرندڙ برف (70-80%)، ۽ اتي پوندڙ مينهن آهن. تحقيق مان بلڪل واضع تي چڪو آهي تہ ماحولياتي تبديلين سنڌوءَ جي ان ذريعي ۾ ڊرامائي تبديليون آنديون آهن. انهن تبديلين جو وڏيڪ اثر سنڌ صوبي ڪي، ٻوڏن توڙي سوڪ جي صورت ۾ ڀوڳڻو پوندو. چيو ٿو وڃي تہ ايندڙ ڪجهہ ڏهاڪن تائين؛ برفاني علائقي ۾ وڌيڪ برف ڳرڻ ۽ وڌيڪ مينهن پوڻ جي گڏيل اثر ڪري، ٻوڏن اچڻ جا واضع اشارا آهن. ٻوڏن جو پاڻي استعمال ڪرڻ تہ ممڪن ڪونهي، ويتر نقصانڪار آهي. وري سڀ ڪان ڏيڄاريندڙ صورتحال اها آهي تہ انهن ڪجهہ ڏهاڪن ڪانپوءِ برفاني علائقن (Glacier) ۾ موجود برف، وڏيڪ ڳري وڃڻ ڪري، انتهائي ڪمي اچي ويندي ۽ ايندڙ سؤ سالن تائين سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ 30 ڪان 40 سيڪڙو (۽ جي گرمي وڌيڪ وڌي تہ 70 سيڪڙو تائين) گهٽتائي تي ويندي.




هماليہ جي برفاني علائقي (Glacier) جتان سنڌو وهي اچي ٿو. برف جي ذخيري ۾ ڪوٽ ايندي ٿي وڃي. ساڳئي جڳهہ تان ورتل فوٽو 1921 (مٿيون) 2007 (هيٺيون) موجب گذريل 86 سالن ۾ برف جي مقدار ۾ واضع ڪوٽ آئي آهي.




اڳڪٿي ڪيل سنڌو درياهہ جو وهڪرو تربيلا ڪان مٿئين پاسي جي ڏيتا موجب. ڌرتيءَ جي گرمي پد ۾ مختلف واڌ سان سنڌوءَ جي وهڪري تي اثر. جيڪڏهن گرمي پد 0.15c رهي تہ سؤ سالن ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو 70 سيڪڙو گهٽجي ويندو.

## 2.3 پراڻو ٿيل آبپاشيءَ جو نظام ۽ پاڻيءَ جو زيان:

اسان جو آبپاشيءَ جو سرشتو پراڻو ٿيڻ ۽ صحيح مرمت نہ ٿيڻ ڪري تباھ حال آھي. انڪانسواءِ اسان جا اڪثر ڪئنال، شاخون توڙي واٽر ڪورس پڪا ٿيل ڪونهن؛ جنهن ڪري پاڻي ضايع بہ ٿئي ٿو ۽ سم ۽ ڪلر بہ وڌي ٿو وڃي. واھ جي منهن کان ٻنين تائين پهچڻ ۾ 40 کان 50 سيڪڙو پاڻي رستي ۾ ئي ضايع ٿي وڃي ٿو. ٻنيءَ/نڪي تي پاڻيءَ پهچڻ ڪانپوءِ بہ اسان زمين ۾ بہ، ڪافي پاڻي ضايع ڪري ٿا ڇڏيون. تنهنڪري اسان جي آبپاشيءَ جي سرشتي ۾ ڪافي پاڻي ضايع ٿيڻ ڪري پاڻي ڪٿي ٿو پوي. ان جو سبب اسان جي آبپاشيءَ جي سرشتي ۾ پاڻي جي "بهتر استعمال جي صلاحيت" (Water Efficiency) ۽ پاڻيءَ جي پيدواري صلاحيت (Water Productivity) جو ڪافي گهٽ هجڻ آھي.

اڄڪلھ آبپاشيءَ جي نظام کي جاچڻ جو اهم اصطلاح آھي، پاڻي جي استعمال جي صلاحيت (Water efficiency). "بهتر استعمال" جي عام معنيٰ آھي، "گهٽ لاڳت مان وڌيڪ اپت." آبپاشيءَ لاءِ پاڻي جو بهتر استعمال جي صلاحيت پاڻيءَ جي لنگھ (دريا، واھ، کوهن، پمپن)، ورهاست واري جڳهن (شاخن، واٽر ڪورسن، پائيپن، جيڪي زمين تائين پاڻي پهچائن) ۽ ٻنيءَ تي (نڪي کان فصل تائين) جاچي وڃي ٿي. لنگھ (Convince) ۽ ورهاست (Distribution) ۾ بهتري کي گڏي آبپاشيءَ جي نيٽ ورڪ ۾ بهتري سڏجي ٿو. ان جو مطلب آھي پاڻي جي ذريعي کان، ٻنيءَ تائين رسائي ۾ بهتري (مثال طور ڪئنال وغيره کي پڪو ڪري جر ڏانهن پاڻي وڃڻ کان روڪڻ). جڏهن تہ ٻنيءَ تي بهتر استعمال جو مطلب آھي: پاڻيءَ جو ايترو مقدار ڏجي جيڪو زمين جي جهل جي صلاحيت ۽ ٻوٽي جي پاڻي ڪٽڻ/ ضرورت مطابق هجي. مطلب تہ ڏنل پاڻي جو وڌ کان وڌ حصو ٻوٽي جي استعمال ۾ اچي. آبپاشيءَ نظام جي صلاحيت Irrigation sector efficiency جو مطلب آھي ملڪ جي آبپاشيءَ جي پوري سرشتي مان ملندڙ پاڻيءَ جو اهو حصو جيڪو استعمال ۾ اچي سگهي.

پاڪستان ۾ نهري نظام جي پاڻيءَ جي افاديت 30 في سيڪڙو کان وڌيڪ ناهي. رپورٽن موجب ڪئنال 25 سيڪڙو ۽ واٽر ڪورس مان 30 سيڪڙو پاڻي زير زمين سمي (Seepage) ۽ هوا ۾ اڏرڻ (Evaporation) وسيلي ضايع ٿي وڃي ٿو. ساڳئي طرح ٻني تي ڏنل پاڻيءَ مان پڻ 25 کان 40 سيڪڙو ضايع ٿي وڃي ٿو.

**سنڌ ۾ پاڻي جو زيان ۽ استعمال**

| هنڌ | منڍ تي دستيابي (MAF) | زيان | |
|---|---|---|---|
| | | % age | MAF |
| مکيہ برانچ ۽ ڪئنال | 42.62 | 10 | 4.26 |
| دسٽري بيوٽري ۽ مائنر | 38.38 | 15 | 5.75 |
| واٽر ڪورس | 32.61 | 30 | 9.78 |
| ٻني | 22.83 | 35 | 7.99 |
| فصل جي استعمال ۾ | 14.84 | | |
| پاڻي جي استعمال جي صلاحيت (اندازا) | | 34.8% | |
| ٽوٽل | | 65 | 27.99 |

**پاڪستان ۾ پاڻي جو زيان ۽ استعمال**

| هنڌ | منڍ تي دستيابي (MAF) | زيان | |
|---|---|---|---|
| | | % age | MAF |
| مکيہ برانچ ۽ ڪئنال | 106 | 15 | 16 |
| دسٽري بيوٽري ۽ مائنر | 90 | 8 | 7 |
| واٽر ڪورس | 83 | 30 | 25 |
| ٻني | 58 | 30 | 17 |
| فصل جي استعمال ۾ | 41 | | |
| پاڻي جي استعمال جي صلاحيت (اندازا) | | 38% | |
| ٽوٽل | | 62 | 65 |

دنيا ۾ آبپاشي کي جاچڻ جو ٻيو پيمانو آھي. "پاڻيءَ جي پيداواري صلاحيت" (Water Productivity). اسان وٽ اڃان تائين پيداوار "في ايڪڙ" جي پيماني سان ورتي وڃي ٿي. شايد ان جي پويان اسان جي سوچ اھا آھي تہ ڪوٽ

زمين جي آهي. جڏهن تہ اڄ جو سڀ کان وڏو مسئلو، پاڻيءَ جي کوٽ آهي. دنيا جي ملڪن ۾ پيدوار جو پيمانو هاڻي زمين جي يونٽ (في ايڪڙ/هيڪٽر) جي بنياد تي نہ پر پاڻي جي في يونٽ (ڪلوگرام پيداوار في ٽن/ڪيوبڪ ميٽر/ليٽر پاڻي) آهي. ڪافي ملڪن ان ڏس ۾ ڪافي ترقي بہ ڪئي آهي. جيئن هيٺين ٽيبل/گراف ۾ ڏيکاريل آهي تہ پاڪستان ۾ "في ليٽر پاڻي" پيداوار، ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ آهي.

| پيداواري صلاحيت في ڪيوبڪ ميٽر پاڻي | |
|---|---|
| • ڪئناڊا | **8.72** ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر |
| • آمريڪا | **1.56** ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر |
| • چائنہ | **0.85** ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر |
| • انڊيا | **0.39** ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر |
| • پاڪستان | **0.13** ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر |




پاڻيءَ جي پيداواري صلاحيت، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي ڀيٽ. پاڪستان ۾ في ڪيوبڪ ميٽر (هڪ هزار ليٽر پاڻي) مان صرف 0.13 ڪلو (13گرام) اپت ٿئي ٿي، جڏهن تہ انڊيا ۾ اها پيداوار 0.39 ڪلو (39گرام) ۽ ڪئناڊا ۾ 8.72ڪلو (872گرام) آهي.

### 3. پاڻيءَ جي کوٽ ۽ سنڌ :

سنڌوءَ جو پاڻي ئي سنڌ جو واحد جياپو آهي. ڇوتہ سنڌ ۾ زراعت لائق زير زمين پاڻي تمام ٿورو آهي. مينهن 100 کان 200 ملي ميٽر ساليانہ پوي ٿو تہ هوا ۾ پاڻي جي اڏامڻ جو مقدار وري 1000 کان 2000 ملي ميٽر آهي. سنڌ هڪ بيابان آهي جنهن کي سنڌو خيابان بنائي ٿو.




زير زمين پاڻي جي ڪوالٽي




غيرآباد علائقا




سنڌ ۾ ابپاشي وارا علائقا

سنڌ جي ٽوٽل ايراضي، (14.09 ملين هيڪٽرن مان) 5.58 ملين هيڪٽر ايراضي آبادي هيٺ آهي. جنهن مان صرف 2.53 ملين هيڪٽر دريائي پاڻيءَ تي ٿئي ٿي. باقي سڄي ايراضي باراني آهي. جڏهن تہ آبادي لائق، پر غيرآباد ايراضي 2.64 ملين هيڪٽر آهي. صوبي ۾ پاڻيءَ جي ساليانہ سراسري دستيابي 1976ع کان 2009ع تائين 42.6 MAF آهي. جڏهن تہ 1991ع واري ٺاهہ موجب سنڌ کي 47.76 MAF پاڻي ملڻ گهربو هو. جيڪو پاڻي ملي ٿو، اهوبہ پوکيءَ جي موسم جي لحاظ کان صحيح وقت تي نہ ٿو ملي، تنهنڪري فائديمند نہ ٿو ٿئي، جيئن هيٺئين تصوير ۾ ڏيکاريل آهي.




سنڌ کي ملندڙ 1991 کان وٺي خريف ۾ ته هميشه 1991 جي ٺاهه موجب مقرر حصي کان گهٽ پاڻي ملندو رهيو آهي. جڏهن ته 1998 کان پوءِ ربيع ۾ پڻ پاڻي مقرر حصي کان گهٽ پاڻي ملي پيو.




سنڌ ۾ پاڻيءَ جي فراهمي

صوبي ۾ زير زمين پاڻي جي صورتحال به ڪا سني ناهي. رپورٽن موجب 3 کان 5 MAF پاڻي، صوبي جي 28 سيڪڙو علائقي ۾ پکڙيل آهي. ڪجهه ماهرن مطابق مقدار ان کان به گهٽ آهي. زير زمين سنو پاڻي درياءَ ۽ ڪئنال جي ويجهو وارن علائقن ۾ ئي آهي.

2002ع جي ربيع ۾ ڪيل هڪ اندازي موجب 60 سيڪڙو کان مٿي پوک لاءِ نه هئو ۽ اخباري رپورٽن موجب سال ۾ 100 کان وڌيڪ پاڻيءَ جي کوٽ جا احتجاج ٿين ٿا.

اقوام متحده جي هڪ رپورٽ موجب سنڌ کي، 2025ع ۾ جيڪڏهن آبپاشيءَ جو طريقو ساڳيو رهيو ته، موجوده پاڻيءَ (42.6 MAF) جي ڀيٽ ۾ 50% سيڪڙو وڌيڪ پاڻي گهرجندو. مطلب ته وڌيڪ 21.3 MAF پاڻي گهرجي. في ماڻهو پاڻيءَ جي دستيابي 2002ع ۾ پاڪستان ۾ 1200 ڪيوبڪ ميٽر تي هئي، پر سنڌ ۾ ان کان ڪافي گهٽ پاڻي هئو.

سنڌ حڪومت پاران لڳايل هڪ اندازي مطابق ايندڙ 25 سالن تائين في ماڻهو پاڻيءَ جي دستيابي ملندڙ پاڻي جي مختلف مقدار/ صورتحال (34،40،45 ۽ 25 MAF) جي بنياد تي هيٺين ٽيبل ۾ ڏنل آهي.

| سال | آبادي (ملين) | مستقبل ۾ سنڌ ۾ پاڻيءَ جو دستيابي | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | في ماڻهو پاڻيءَ جي دستيابي (ڪيوبڪ ميٽرن ۾) | | | |
| | | 45 | 40 | 35 | 25 |
| 2010 | 43 | 1292 | 1148 | 1005 | 718 |
| 2020 | 56 | 992 | 882 | 772 | 551 |
| 2030 | 75 | 741 | 658 | 576 | 412 |

گذريل 70 سالن ۾ ڪڏهن به سنڌ کي 45 MAF کان وڌيڪ پاڻي ناهي مليو. جيڪڏهن اهو مقدار جاري به رهيو تڏهن به 2020ع تائين، سنڌ پاڻيءَ جي شديد کوٽ (Water Scarcity) ۾ هوندو. جيڪڏهن اهو مقدار 35 MAF تائين رهيو ته 2010 ۾ ئي شديد کوٽ ۽ 2030ع تائين سنڌ "انتهائي/مڪمل کوٽ يا اٿهوند "(Absolute Scarcity) ۾ هوندي. پر جيڪڏهن دستيابي 25 MAF تي وئي ته 2020ع ۾ سنڌ ۾ پاڻي جي اٿهوند هوندي.

سنڌ، درياءَ جي پڇڙيءَ ۾ هجڻ ڪري سدائين کوٽ جو شڪار رهي آهي ۽ مستقبل ۾ صورتحال اجان به خراب ٿيڻ جو انديشو آهي. سنڌ جا ڪافي علائقا پاڻيءَ جي کوٽ ڪري غربت جي چڪيءَ ۾ قاتل آهن. سنڌ جي پاڻيءَ جو حل هڪ ته سياسي آهي ۽ ٻيو ٽيڪنيڪي، سنڌ کي پاڻيءَ جو پنهنجو مقرر حصو وٺڻ لاءِ سياسي محاذ تي ۽ ملندڙ پاڻي کي بهتر استعمال ڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪي محاظ تي جدوجهد ڪرڻي پوندي.

**4. پاڻيءَ جي کوٽ کي ڪيئن منهن ڏجي؟**

پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻہ طريقا ٿي سگهن ٿا. هڪ تہ پاڻيءَ جي دستيابي (Supply) وڌائجي ٻيو دستياب پاڻيءَ کي صحيح طرح استعمال ڪري، گهرج (Demand) گهٽائجي. پاڻ پويان بحث ڪري آيا آهيون تہ ماحولياتي تبديلين جي ڪري، پاڻيءَ ۾ اضافو تہ نهيو، ڪميءَ جا واضع اهڃاڻ آهن. پاڻيءَ جي دستيابي وڌائڻ لاءِ پوئين صديءَ ۾، دنيا ۾ ڊيم ٺاهڻ جو رواج پيل هئو. پر اهو رواج 1980ع جي ڏهاڪي کانپوءِ، جڏهن ڊيمن جي نقصانن جي ڄاڻ پئي، گهٽجي ويو. 1900 کان 1980 تائين هر ڏهاڪي ۾، دنيا ۾ سراسري 590 کان وڌيڪ ڊيم ٺهيا. جڏهن تہ 1991 کان 2000 واري ڏهاڪي ۾ صرف 80 ڊيم ٺاهيا ويا. ڊيم جي نقصانن ۾ لڏ پلاڻ، ماحولياتي اثر، زلزلن جي خطري ڪانسواءِ، فائدي جي ڀيٽ ۾، گهڻو خرچ اچڻ شامل آهن. پاڪستان ۾ صوبن جي وچ ۾ اعتماد جي کوٽ بہ آهي، تہ ڪافي ماهرن جي راءِ موجب، ڊيم کي ڀرڻ جيترو پاڻي ئي ميسر ناهي. سو ڊيم ٺاهڻ سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان لاءِ بہ ڪو بهتر حل ناهي. پاڻيءَ جي دستيابي جو ٻيو حل جرَ جي پاڻيءَ (زير زمين پاڻي (Underground water) جو استعمال بہ آهي. پر، جر جو پاڻي بہ گهٽي استعمال ڪري ڪٽي رهيو آهي. ٻيو تہ سنڌ ۾ جرَ جو پاڻي تقريباً ڪارو آهي. تنهنڪري دستيابي واري پاسي بهتري آڻڻ ممڪن نہ ٿو لڳي. هاڻي، دنيا جي اڪثر ماهرن جو خيال آهي تہ دستياب پاڻيءَ جي استعمال/گهرج (Demand) واري پاسي، بهتري آڻڻ ئي واحد حل آهي. ويهين صديءَ ۾ پاڻيءَ جي دستيابي وڌائڻ لاءِ قدرتي وسيلن مان وڌيڪ پاڻي ڪٽي پورت ڪئي پئي وئي، جڏهن تہ ايڪيهين صدي جي ضرورت آهي تہ جديد ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪري، انتهائي ڌيان سان ٿوري موجود پاڻيءَ کي، اهڙي تہ بهتر طريقي سان استعمال ڪجي جو، موجود ٿوري پاڻيءَ مان گهڻو لاڀ ملي سگهي. اهو انڪري لازمي آهي، ڇوتہ پاڻيءَ گهٽجندو ۽ انساني آبادي وڌندي ٿي وڃي؛ ۽ وڌندڙ آبادي جي کاڌ خوراڪ جي پورائي لاءِ، ٿوري پاڻيءَ مان وڌيڪ پوکي ڪرڻي پوندي. تنهنڪري، پاڻ کي "في ايڪڙ" پيداوار واري سوچ ڇڏي "في ليٽر پاڻي - پيداوار" سوچ يا "ٿوري پاڻي مان وڌيڪ پيداوار (Crop per drop)" ڏانهن اچڻو پوندو.

ان لاءِ ملڪ ۾ موجود سڄي آبپاشيءَ جي نظام ۾ جدت جي ضرورت آهي. آبپاشيءَ جو نيٽ ورڪ مان زمين اندر سيمي (Seepage) وسيلي پاڻي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ؛ واهن، شاخن ۽ واٽر ڪورسن کي پڪو ڪرڻو پوندو. اهڙي طرح تقريباً 45 سيڪڙو نقصان کان بچي سگهجي ٿو. آبپاشيءَ جي نيٽ ورڪ (خاص طور واهن ۽ شاخن) مان ان نقصان کي ختم ڪرڻ ۾ ڪافي پئسو درڪار آهي ۽ اهو ڪم حڪومت ئي ڪري سگهي ٿي، ۽ ڪيس ڪرڻ گهرجي. پاڻ جيڪو انفرادي طور ڪري سگهون ٿا ۽ جنهنجو سڌوسنون فائدو بہ پاڻ کي ئي آهي، اهو آهي پنهنجي ٻنيءَ تي دستياب پاڻي (پوءِ اهو دريائي هجي يا ٽيوب ويل جو) کي بهتر استعمال ڪرڻ.

ٻنيءَ تي آبپاشيءَ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ روائتي کليو پاڻي ڏيڻ (Flood Irrigation)، جنهن ۾ پاڻي سڄي زمين ۾، بنا حساب بنا ضابطي، سڄي زمين ۾ هرجڳهہ تي وهايو وڃي ٿو. (جيتوڻيڪ ان ۾ بہ بهتري جي گنجائش آهي) ۽ ٻيا آهن آبپاشيءَ جا جديد سائنسي طريقا، جن ۾ قطراتي آبپاشي (Drip Irrigation) ۽ ڦوهاري وارو (Sprinkler Irrigation) شامل آهن.

**5. پاڻيءَ جي کوٽ ۽ بهتر آبپاشيءَ جي جديد طريقن جو ڪردار**

دنيا جا پاڻيءَ جا اهم ماهر موجوده روائتي آبپاشي کي جاري رکڻ کي، فائدي مند (Sustainable) نہ ٿا سمجهن. هنن جي خيال ۾ آبپاشيءَ جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ ۽ آبپاشيءَ کي انفرادي ضابطي هيٺ ايندڙ مائڪرو ڊرپ سسٽم ڏانهن تبديل ڪرڻ انتهائي لازمي آهي.

پوئين مضمون ۾ پاڻ ڳالهہ ڪري چڪا آهيون تہ مائڪرو ڊرپ سسٽم، جن ۾ ڊرپ ۽ اسپرنڪلر آبپاشي شامل آهن، جا بنيادي اصول آهن :

- زمين ۾ ٻوٽي جي پاڙن ۾، ٻوٽي جي ضرورت آهر، پوري مقدار ۾، زمين جي جهل ۽ جذب ڪرڻ جي تناسب سان پاڻي ڏيڻ.
- پاڻي زمين جي وٽ برقرار رکڻ لاءِ ڏجي ۽ وقفو/وارو انهيءَ حساب سان رکجي.
- ٿوري پاڻيءَ مان گهڻي پيداوار حاصل ڪرڻ.

مائڪرو ڊرپ سسٽم جنهن ۾ پاڻي ٻوٽن جي پاڙن وٽ ڏجي ٿو انهن خاصيتن ڪري، ٻنيءَ تي پاڻيءَ جو زيان – (مثال طور زمين جي پاڻيءَ جهل ۽ جذب ڪرڻ جي صلاحيت کان وڌيڪ پاڻيءَ ڏيڻ ڪري، زمين ۾ پاڙن کان هيٺ هليو وڃڻ (Seepage) ۽ زمين تي پاڻيءَ جي بيهجي وڃن ڪري، هوا ۾ اڏري وڃڻ (evaporation)، تقريباً ختم ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري، ڊرپ ايريگيشنن سسٽم ۾ پاڻيءَ جي استعمالي صلاحيت (Water Efficiency) 90 في سيڪڙو کان وڌيڪ آهي. مطلب ته 90 سيڪڙو ڏنل پاڻي، ٻوٽي جي استعمال ۾ اچي ٿو ۽ ضايع ٿيڻ جو امڪان صرف 10 سيڪڙو آهي. اهڙي طرح ڦوهاري وارو طريقو (Sprinkler) جنهن سان پاڻي زمين مٿان مينهن وانگر وسي ٿو، جي صلاحيت 75 سيڪڙو آهي. مزي جي ڳالهه ته پاڻ اجان سوچيون پيا ته جيڪر مائڪرو ڊرپ سسٽم ڪٿي اپنائجن، پر دنيا ۾ ان جا اجان به وڌيڪ جديد طريقا اچي چڪا آهن. ڊرپ ايريگيشن جو جديد ماڊل سب سرفيس ڊرپ سسٽم (Sub-surface Drip Irrigation) جنهن ۾ ٻوٽن جي قطارن سان وڇائجندڙ پائيپ زمين تي وڇائڻ بدران، پاڙن جي پرسان زمين اندر لڳائجن ٿا، ان جي استعمالي صلاحيت 100 سيڪڙو ٿائين آهي. اسپرنڪلر جي جديد ماڊل (Low Energy Percussion Application LEPA) جي اها صلاحيت 98 سيڪڙو ٿائين آهي. اجان ته تجربا پيا ٿين ته پاڻي زمين ڪي چو ڏجي، سڌوسنون ٻوٽي جي رڳن ۾ (Xylem Irrigation) چونه داخل ڪجي. هاڻي سائين، ٿورو اندازولڳايو ته، پاڻ ڪٿي بيٺا آهيون. پاڻ وٽ، روائتي ڪلئي پاڻي ڏيڻ جي طريقي (Flood Irrigation) جي پاڻيءَ جي استعمالي صلاحيت 30 کان 40 سيڪڙو آهي. (جيتوڻيڪ ان ۾ به تبديليون آڻي ان جي صلاحيت 60 سيڪڙو ٿائين آڻي سگهجي ٿي. پر پاڻ ته اڻڄاڻائي جي الائي ڪهڙي انڌيري ۾ آهيون جونه ڪا سڌ ٿي پئي نه سمجهه)




| | روائتي آبپاشي ويڪرا ڪرا | ڦوهاري وارو جدي طريقو LEPA | زير زمين ڊرپ سسٽم |
|---|---|---|---|
| Field Efficiency | 60% | 95% | 100% |

آبپاشيءَ جي طريقن ۾ جدت ڪانپو، صلاحيت




| | روائتي ڪليو آبپاشي وارو طريقو | ڦوهاري وارو طريقو | Surface ڊرپ اريگيشن |
|---|---|---|---|
| Field Efficiency | 35% | 75% | 90% |

آبپاشيءَ جي طريقن جي صلاحيت

اهڙي طرح مائڪرو ڊرپ طريقن جي استعمال سان ڪافي مقدار ۾ پاڻي بچائي سگهجي ٿو. تحقيق موجب مائڪرو ڊرپ استعمال ڪرڻ سان، روائتي ڪلئي آبپاشيءَ جي ڀيٽ ۾، مختلف فصلن ۾ 30 کان 70 سيڪڙو، پاڻيءَ جي بچت ڪري سگهجي ٿي. اهڙي طرح ٿوري پاڻي مان، گهڻي پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ساڳئي طرح تحقيق موجب مختلف فصلن ۾ 20 کان 90 سيڪڙو ٿائين وڌيڪ پيداوار به وني سگهجي ٿي. هيٺ ڏنل ٽيبل ۾ ڏيکاريل آهي ته مائڪرو ڊرپ سسٽم وسيلي، روائتي طريقي جي ڀيٽ ۾ "في ايڪڙ" ٿوري "في ڪيوبڪ ميٽر پاڻي - پيداوار" وڌي وڃي ٿي.

| فصل | پيداوار ٽن/هيڪٽر |  | پيداوار ڪلوگرام/ڪيوبڪ ميٽر پاڻي |  |
|---|---|---|---|---|
|  | ڊرپ | روائتي آباشي | ڊرپ | روائتي آبپاشي |
| ڪيلا | 87.5 | 57.5 | 9.0 | 3.3 |
| انگور | 32.5 | 26.4 | 12.0 | 5.0 |
| ڪمند | 170.0 | 128.0 | 18.1 | 6.0 |
| ٽماٽا | 48.0 | 32.0 | 26.1 | 10.7 |
| هنداڻا | 45.0 | 24.0 | 21.4 | 7.3 |
| ڪپهه | 3.0 | 2.3 | 0.7 | 0.3 |
| مرچ | 6.1 | 4.2 | 1.5 | 0.4 |
| پپيتو | 2.4 | 1.3 | 0.3 | 0.1 |




ڪمند تي ڪيل هڪ تجربي موجب روائتي آبپاشيءَ جي نسبت ۾ ڊرپ جي استعمال ڪري تمام گهٽ پاڻي گهرجي ٿو.

**مطلب ته:** سڄي دنيا سميت پاڪستان ۾ پڻ پاڻيءَ جي کوٽ آهي. سنڌ جيئن ته پڇڙيءَ تي آهي، تنهنڪري مقرر حصي کان به گهٽ پاڻي ملي ٿو. ملڪ جي آبادي وڌي پئي؛ تنهنڪري ملڪ ۾ کاڌ خوراڪ ۽ ٻين ضرورتن لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت پڻ وڌي پئي. ٻئي پاسي ماحولياتي تبديلين ڪري، چيو ٿو وڃي ته سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي وسيلي، يعني هماليه جي برفاني علائقي ۾ برفاتي تودن (Glacier) ۾ لڳاتار کوٽ جي ڪري خطرو ٿي پيو آهي ته، ايندڙ پنجويهن، ٽيهن سالن ۾ درياءَ جي پاڻيءَ ۾ انتهائي کوٽ اچي سگهي ٿي. پاڻي ايترو ڪونهي جو ڊيم ٺاهجن، سنڌ جيڪڏهن پنهنجي حصي جو پاڻي وٺي به وٺي، تڏهن به کوٽ رهندي.



روائتي آبپاشي، ڪرن ۾ پاڻيءَ جو اضافي مقدار



ڊرپ ايريگيشن، ضرورت جو پورو پاڻي، وٽ

سڄي دنيا جا ماهرن جو اهو خيال آهي ته پاڻي جي دستيابي (Supply) واري پاسي کوٽ ٿيڻي ئي ٿيڻي آهي. سو، گهرج (Demand) واري پاسي، مهيا پاڻي کي بهتر استعمال ڪري، ٿوري پاڻيءَ مان ڀرپور فائدو وٺڻ ئي واحد حل آهي. سو پاڻ کي بهتر آبپاشي جي جديد طريقن، جن ۾ ڊرپ ۽ اسپرنڪلر سسٽم شامل آهن، کي اپنائڻو ئي پوندو.

**آبادگار ڀائرو**

پاڻ، ڏگهي بحث مباحثي بعد انهيءَ نتيجي تي پهتاسون ته پاڻ کي مائڪرو ڊرپ سسٽم کي، اپنائڻو ئي پوندو.

"سرسو" ۽ مائڪرو ڊرپ پرائيويٽ لميٽيڊ" گڏجي اهڙن جديد طريقن تي ڪم ڪن ٿيون، جنهن سان آبادگار ڀائر ٿوري پاڻيءَ سان وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهجن، ۽ پاڻيءَ جي کوٽ/ايندڙ شديد کوٽ کي به منهن ڏئي سگهن ۽ پنهنجي آمدني ۾ به اضافو ڪري سگهن.

هنن صحفن ۾ ايندڙ مضمون ۾ آبپاشيءَ جي انهن جديد طريقن تي وڌيڪ ڄاڻ پهچائيندا سون.

مائڪرو ڊرپ سسٽم جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ، سوال، صلاح مشوري توڙي، خريد لاءِ توهان هيٺ ڏنل پتي تي رابطو ڪري سگهو ٿا.


**خادم حسين**

فون نمبر : 071-5010968

موبائل نمبر: 0300-3789432

اِي ميل : khussain@microdirp.pk

ايڊريس : بنگلو نمبر 34- B همدرد سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر.



مرحوم محمد شريف بُليدي

# زندگي جو لهندڙ سج

پنهنجي پياري بابا "محمد شريف بُليدي" جي نانءُ جيڪو مون کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.


مومل بُليدي

سوشل آرگنائيزر رتوديرو


موٽ پـوي تـو ۾ مـوٽ، تـون جـو آئـين اوچتـو؛
گـهـٽـا کـونـــڌر گـهـائـيـا، ارڏا ۽ اڻ مــوٽ؛
لاڙو ڪرين ها لطيف چوي، ڪانہ پوي ها ڪا ڪوٽ؛
گهائِيَـئـِي اُهي گهوٽ، جن مُنـدَ نہ هُـئِي مَرڻ جي!

جيئن سج پنهنجي تپش ۽ روشني کي هلڪو ڪندو آهي، تہ خاموش رات جو پهريون پهر شروع ٿي ويندو آهي. ۽ پوءِ اها خاموشي بلڪل ڪاري رات کي جنم ڏيندي آهي. اهڙي طرح هڪ انسان جي زندگي بہ ان سج جيان هوندي آهي. جڏهن ان کي پنهنجي زندگي جو سج لهندي محسوس ٿيندو آهي ۽ ان انسان کي اها پڪ ٿي ويندي آهي تہ، موت ان جي مٿان ڪارن بادلن وانگر سايو ڪري چڪو آهي. ان موت جو تصور ڪندي ئي انسان جي دل ڇاتيءَ اندر ڌڙڪڻ ڇڏي ڏيندي آهي. ۽ اکين اڳيان هڪ ڪاري اوندهہ اچي ويندي آهي. جڏهن هڪ گهر جو سربراهہ جنهن جي ڪلهن تي 9 گهر ڀاتين جي ذميداري هجي ۽ جيڪي ان جي سهاري زندگي گذاريندا هجن. ۽ اچانڪ ان گهر جي سربراهہ جِي زندگيءَ جو سج لهي وڃي تہ پوءِ انهن 9 گهر ڀاتين تي ڇا گذرندي. ڪين اهو محسوس ٿيندو آهي تہ جيئن سج پنهنجي روشني ڇڏي هڪ ڪاري رات کي جنم ڏنو هجي.

اهڙو ئي هڪ دردناڪ موت جو منظر سرسو جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 29 سيپٽمبر 2011 تي ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن سرسو هيڊ آفيس کان "جينڊر جي ٽريننگ" تان واپس مهراڻ ڪار ۾ ايندڙ سوشل آرگنائيزر نسيم سمون، پروگرام آفيسر اميت راجا، ڪريڊٽ آفيسر عبدالحليم بوزدار ۽ ڊرائيور محمد شريف بليدي جيڪي اچڻ واري حادثي کان بلڪل بي خبر پنهنجي مستقبل جا خواب اکين ۾ سجائي زندگي جي خوبصورتين ۾ گم اچي رهيا هئا، تہ اچانڪ مدئجي ويجهو هڪ 10 ويلر گاڏي سان ڪار ٽڪرائجي پئي. جنهن ۾ نسيم سمون ۽ اميت راجا سخت زخمي ٿي پيا، عبدالحليم بوزدار ۽ محمد شريف بليدي هن فاني کي ڇڏي پنهنجي حقيقي مالڪ محبوب سان وڃي مليا.



سرجيس تان سور، سامائي تہ سک ويا،
اهي ٻئي پور مون نماڻي نصيب ٿيا.

منهنجو بابا سائين محمد شريف بليدي جي اچانڪ موت جي خبر جڏهن مونکي پئي تہ هڪ پل لاءِ مون ايئن محسوس ڪيو ڄڻ سڄي ڪائنات جو چرخو هڪدم بيهجي ويو. منهنجي سوچ ۽ سمجهہ جي قوت جواب ڏئي وئي. ۽ مان پنهنجو پاڻ کي بي وس ۽ لاچار محسوس ڪري رهي هُيس.

ٺهڪندڙ اُس ۾ منهنجي مٿان نم جي وڻ جيان گهاٽي ڇانوَ ڪرڻ وارو، منهنجي همٿ ۽ حوصلاافزائي ڪرڻ وارو رهنما، اوچتو مونکي رڻ ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. تہ پوءِ ڀلا منهنجي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ڪيئن ٿي برقرار رهي سگهي.

29 سيپٽمبر 2011 جي رات مونکي ايئن لڳي رهي هئي، ڄڻ ستارن چمڪڻ ڇڏي ڏنو هجي، چنڊ جي چانڊوڪي ختم ٿي چڪي هجي ۽ آسمان زمين تي ڪري پيو هجي ۽ مان ٻنهي جي وچ ۾ دٻجي چڪي هجان، جڏهن بابا کي پنهنجي اصل ماڳ رسائڻ لاءِ ڪانڌي ٿڌي ٿيل جسم کي پنهنجي ڪلهن جي سهاري کڻي وڃڻ لڳا تہ مان پاڻ کي هڪ ٽپندڙ ريگستان ۾ بيٺل محسوس ڪري رهي هيس،جتي پري پري تائين نہ پاڻي ۽ نہ ئي ڪو وڻ هجي. جنهن جي ڇانوَ ۾ آءُ ڪجهہ دير آرام ڪري سگهان، سج جي تيز تپش ۽ سج کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ اچي رهيو هيو. مان ماڻهن جي ايڏي وڏي ميڙ ۾ بہ ڄڻ پاڻ کي صفا اڪيلي ۽ تنها پئي محسوس ڪري رهي هُيس، بي يارومددگار.

منهنجي بابا کي تہ مون کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. پر، آءُ نااميدن ۽ وسوسن ۾ گم رهيس. بابا جي اها ڪار جنهن کي روزانہ هو صاف ڪري پنهنجي روزيءَ لاءِ نڪرندو هو ۽ هن کي پنهنجي گهر جي فرد جيان پيار ڪندو هُيو. پر

بابا جن کي کهڙي خبر تہ زندگيءَ جي پڇاڙي ان گاڏيءَ جي اندر آهي. اهڙي اچانک حادثي مون کي ايترو تہ ڏهڪائي ڇڏيو جو مان پنهنجي روز مره جي استعمال ٿيندڙ شين کان بہ ڊڄڻ ۽ شک جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳيس، ۽ مان شرڪجي پيم پر پوءِ ويهي سوچيم تہ آءُ ڇا پئي ڪريان، مونکي ڇا ٿي ويو آهي. مون پاڻ کي سنڀاليم ۽ پنهنجو پاڻ کي ئي سهارو ڏنم ۽ سوچيم تہ جيڪڏهن آءُ ئي ايئن همت هارينديس تہ منهنجي ڀيڻ ڀائرن ۽ امڙ کي ڪير حوصلو ڏيندو. انهن جي همت افزائي ڪير ڪندو. مون سوچيو تہ بابا مونکي جيڪا خود اعتمادي، يقين، تعليم، آزادي ۽ جيڪو پيار ڏنو هيو. هاڻي ان جو حق ادا ڪرڻو آهي. پوءِ مون کي پنهنجي دل کي مضبوط ۽ ذهن کي بلند مزاج مستقل ۽ قدمن کي مستحڪم ڪيو.

پنهنجي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي قوت کي ڪٺي ڪيم تہ ڀائرن، ڀينرن ۽ امڙ جي رڙين جا آواز ڪنن تي پيا، جيڪي منهنجي جيءَ کي جهوري رهيا هيا. آءُ ڊوڙي وڃي پنهنجي امڙ جي سيني سان لڳيس، ڪنهن محل ڀينرن ۽ ڀائرن کي دلاسا ڏيندي رهيس. اسان جي خوشين ڀري گهر کي جڻ ڪنهن ڏائڻ جي نظر لڳي ويئي. جيئن ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ "ڪا نظر لڳي ويئي آ هن گهر جي بهارن کي"

هر پاسي بس مايوسين ۽ انا اميدي گهيرو ڪري ڇڏيو هجي. مون همت ڪري انهن سمورين نا اميدن ۽ مايوسين کي ساڻ کڻي 13 آڪٽوبر 2011ع تي سرسو هيڊ آفيس سڄي واٽ زارون قطار روئي رب پاڪ کي پُڪاريندي وڃي سکر پهتيس. جتي ڪجهہ دير پنهنجي سوچن ۾ گم رهڻ ڪانپوءِ منهنجي نظر ميڊم شازيہ شيخ (انچارج آر.سي.اِي.ڊي) تي پئي مان وڃي ساڻس مليس تہ پاڻ کي روڪي نہ سگهيم ۽ منهنجي اکين جا بند ٽٽي پيا ۽ پاڻي منهنجي اکين مان چولين جي صورت ۾ اچڻ لڳو. شازيہ منهنجي درد کي سمجهندي ڪجهہ دير تائين خاموش رهيون. ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ مون کي دلاسو ڏيندي چيو تہ آءُ پڻ اوهان لاءِ فڪرمند آهيان. ميڊم مونکي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي صاحب ڏانهن وٺي هلي. وري جڏهن مان چيف صاحب سان مليس تہ منهنجيون اکيون ۽ سڏڪا اصل بيهڻ جو نالو ئي نہ پيا وٺن، ۽ مان هڪ لفظ بہ نہ ڳالهائي سگهيس. لفظن منهنجو ساٿ ڏيڻ ڇڏي ڏنو. منهنجي درد کي محسوس ڪندي ۽ اهڙي حالت کي ڏسندي چيف صاحب جي دل ۾ رحم اچي ويو. ۽ چيائين تہ ميڊم شازيہ اوهان لاءِ جيڪو بہ فيصلو ڪندي، مونکي ڪوبہ اعتراض نہ آهي. چيف صاحب جا اهي الفاظ ٻڌي مون ميڊم شازيہ ڏانهن آس ڀرين نظرن سان ڏٺو. ميڊم جي اکين ۾ مون پاڻ لاءِ پنهنجائپ جي احساس کي محسوس ڪيو. ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ ميڊم منهنجي درد ۽ پيڙائن کي سمجهي ورتو آهي. اها پنهنجائپ محسوس ڪندي ئي مون کي حوصلو مليو ۽ مون ۾ ڳالهائڻ جي همت ٿي. ۽ پوءِ مون پنهنجي درد ڪهاڻي جو سمورو احوال ميڊم شازيہ سان اوريو. مون ميڊم شازيہ کي ٻڌايو تہ ڀيريان مان پنهنجي بابا سان لاڙڪاڻي ايندي ويندي هيس، پر هاڻي منهنجي مٿان ٻاجهہ جو هٿ ڪڇي ويو آهي. ۽ آءُ اڪيلي ٿي پئي آهيان.

26 نومبر 2011ع منهنجو ٽرانسفر پوليو پراجيڪٽ کان RCED آفيس رتوديرو ٿيو تہ مون پاڻ کي محفوظ محسوس ڪيو. 24 نومبر 2011ع تي سرسو پاران پئسن جو چيڪ 1097132 روپين جو چيڪ مليو ۽ مون پنهنجي بچت مان 2868 روپيا انهن ۾ ملائي فڪس اڪائونٽ ۾ رکرايا. اسان کي ڀهريون منافعو 13200 روپيہ مليا تہ اهي پئسا آڻي مون پنهنجي امڙ جي هٿ تي رکيا. امڙ اهي پئسا منهنجي سڀ کان ننڍي ڀاءُ جيڪو 3 سالن جو آهي. جنهن سان بابا سائين تمام گهڻو پيار هوندو هيو. ان جي هٿ ۾ ڏيندي چيو تہ پٽ ڪاشف توهان جي بابا اسان جي لاءِ پگهار موڪلي آهي. تنهن تي معصوم سوال ڪندي پڇيو تہ بابا پاڻ ڪٿي آهي.!؟ پاڻ ڇو نہ آيو آهي، هاڻي تہ بابا فون بہ نہ ڪندو آهي. انهن معصوم سوالن اسان سيني جي دلين کي گهاءُ رسائي ڇڏيا. ۽ اسان بي اختيار روئي ڀياسين. امڙ ڪيس سيني سان لائيندي چيو تہ توهان جو بابا بہ ضرور ايندو پٽ ...!

هينئر بابا جو شفقت ڀريو سايو تہ اسان مٿان ناهي رهيو. پر هن جي ڪمي تہ پنهنجي جڳهہ تي موجود رهندي، اسان اهو اوچتو ڀيانڪ حادثو تہ ڪڏهن بہ نٽا وساري سگهون. مان شڪرگذار آهيان، ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي، ميڊم شازيہ شيخ ۽ سرسو اداري جي، جن جي تعاون ۽ سهڪار سان، اسان کي تحفظ مليو. اسين يتيم تہ ٿي پيا سين پر سرسو جي تعاون جي ڪري ڪنهن جا محتاج نہ آهيون. مان ٿورا مڃيندي وري بہ گذارش ڪنديس سيني کي خاص ڪري چيف صاحب کي تہ خدا نہ ڪري جيڪڏهن ڪنهن سان اهڙو حادثو پيش اچي تہ انهن بي سهارن جي همت افزائي ضرور ڪئي وڃي تہ جيئن هو مستقبل ۾ ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ڦهلائين.

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن**

بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي

ايئرپورٽ روڊ سکر.

فون: (071) 5633516, 5633657, 5631629

فيڪس: (071)-5631791

ويب سائيٽ: www.srso.org.pk